

خواب آوارا پکي
احمد سولنگي
Sindhica
سنڌيڪا

# خواب آوارا پکي

## احمد سولنگي




ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سڀ حق ۽ واسطا شاعر / تخليقار وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: خواب آوارا پکي
موضوع: شاعري
تخليقار: احمد سولنگي
پهريون چاپو: 2013ع
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڈمي ڪراچي
لي آئوٽ ڊزائين،
ٽائيٽل، الستريشنز: خدا بخش ابڙو

قيمت: 450/_

# سلسلو

مون وٽ آ لڙڪن جي لپ.....مقدمو..... لڇمڻ ڪومل.....
شاعريءَ جي حضور ۾..... احمد سولنگي.....
مائيڪل اينجلو.....نظم .....
پوپ کي کهڙي خبر.....نظم .....
قلوپطره.....نظم .....
تنها پالي پيار نہ سُمهہ.....غزل .....
اپريل جو نوحو.....نظم .....
ڪيڏو تيج ٽِڪون.....وائي .....
عشق کي سخت سزائن کاڌو.....غزل .....
رنگ رتي تنهائي.....نظم .....
باک ڇُلڪايا گلابن جا گلاس.....غزل .....
وقت جو وان گوگ.....نظم .....
جلاد اڏي مُرڪي ڪنهن نينهن نظاري ڇڏا.....غزل .....
خدا جا خليفا.....نظم .....
جنوريءَ جي هوا ۾ هُن جو گهر.....غزل .....
زندگي محترم آهي.....غزل .....
جلي سانجهہ سَتِي.....وائي .....
آشائن جو آڪَنڊُ.....گيت .....
بدن تنهنجو جواني آ ندي جي.....غزل .....
راڻا سَرُ.....نظم .....
اتر قطب.....نظم .....
مِهر ٿوري مهربانو!.....غزل .....
هميرو ڪولهي.....نظم .....
اگهاڙا چور.....نظم .....
مصلوب صليبن تي آ وقت جي چريائي.....غزل .....
دامنِ ڪوهُ.....نظم .....
اکڙين جي آلاڻ.....وائي .....
لهرون، پکي، ڪنارا وسڪار سار ۾ ڏِسُ!.....غزل .....

هڪڙي مالها سوري ..... گيت .....
تو سوا وجان ڪاڏي ..... غزل .....
قرت العين طاهره ..... نظم .....
هيءُ دور سوچ لوچ جو پيڪر نہ ٿي سگهيو ..... غزل .....
مڪمل جسم ..... نظم .....
جوڳٽ بين وڳي ..... وائي .....
ٿر تي بَرسِي سنهڙي بُوند ..... غزل .....
سُفيد ڊسمبر ..... نظم .....
سپ کي پنهنجو گوتم آ ..... نظم .....
نيٽ آلا اُگهي تہ بہ چگو ..... غزل .....
سيٽيءَ جو آواز ..... وائي .....
مستقبل جي نالي ..... نظم .....
اداس روح ازل کان پناھ ۾ آهي ..... .....غزل .....
سَتي جَتي ..... گيت .....
چنڊ تارن سوا رات اهڙي لٽي ..... غزل .....
دانهن ..... نئون نظم .....
تهذيب جو نئون جنم ..... نظم .....
هڪڙيءَ گوليءَ سان ڪڙيو ..... وائي .....
سياڻي جو سڏارتُ ..... نظم .....
شراب ۾ جڏهن لهي ٿو چنڊ آسمان جو ..... غزل .....
بي وطن بي قرارن جو سفر ..... غزل .....
مريم جي متي ..... نظم .....
پيار جي پياس جِي آس ڪاٿي پلي ..... غزل .....
سورٺ نيٽ نگينا ..... نظم .....
رات بہ ڪاري رات ..... وائي .....
جڏهن پي پاڻ ۾ وکري ڏسان ٿو ..... غزل .....
ڪاروبَنُ ..... گيت .....
درد جي آرسي ٿي ڏئي روح کي ..... غزل .....
سوڳ ..... نظم .....
پيار جي ڏور ..... نظم .....
ڏينهن کي رات، رات ڪيئن چئجي ..... غزل .....
منهنجو پُٽ ..... نظم .....
وئي وئي رات وئي ..... وائي .....

ڪنهن اڳيان شخص هُو جُهڪي نہ ٿو!..... غزل .....
سج نئين سان آپگهات ..... وائي .....
عشق جي تڪميل..... نظم .....
نيم عُرياني ..... نظم .....
اوهانجون اکيون ٿي اوهان کي ڏسون ٿا!..... غزل .....
هر نديءَ جو وهڪرو ننڍڙو لڳي ..... غزل .....
علامت ..... نظم .....
پل پل پريت امرُ ..... وائي .....
جلادن ڏنو آ اهو ناهہ ناهي! ..... غزل .....
هڪ شهر جو المیو..... نظم .....
من جي مالها! ..... گيت .....
شهر ۾ سمنڊ جهڙوڪر ڪپي ويندا! ..... غزل .....
ڪنهن کان ورتئي ونڊُ الا..... وائي .....
ڪام ديوُ..... نظم .....
امن جي تاريخ ..... نئون نظم .....
هڪ بوند جي وشالتا..... نظم .....
دل ۾ ويهي ڏِسُ هتان هڪ آسمان..... غزل .....
عشق جا رنگ..... نظم .....
متيءَ جا راندیڪا ميڙي..... غزل .....
هڪڙي يهودي ڇوڪري..... نظم .....
روپُ انوپُ..... نظم .....
آءُ هوا ٿي آءُ..... غزل .....
تون ئي منهنجو پيارُ ..... وائي .....
روز فٽ پاٽ تي بُکِي روئي! ..... غزل .....
ڇم ڇم برسن بوندون..... گيت .....
رستا مُرڪي پيا ..... وائي .....
وِلهہ ۾ وار واري سُتي..... غزل .....
سنڌ سَرير ۾ ساهُ..... نظم .....
پتايا بيج تي..... نظم .....
اڏ پيالو چنڊُ..... وائي .....
ڪوہ اکڙين جي اڳيان آهي ڪٽي..... غزل .....
لبرا ڇوڪريءَ جي ڳولا..... نظم .....
ٽٽل گل ..... نظم .....

متان ڪا رات رُلائي، قضا جي رستي ۾..... غزل .....
چنڊُ جاڳِي پيو..... نظم .....
چارن ۾ پنهنجي چاهه جون چميون رکي چڏيان..... غزل .....
تنهنجا سپنا مون..... وائي .....
چپرن چايا..... گيت .....
طوائف ..... نظم .....
ڪيمي ڪولهڙ..... نظم .....
شدتن آ شهر کي ڏوئي چڏيو..... غزل .....
راڌا ..... نظم .....
سمنڊُ، هوا ۽ هُوءَ ..... شعر .....
چانڊوڪين جو چور..... گيت .....
بگهڙ جون اکيون ..... نئون نظم .....
بيخواب هوا آئي ..... گيت .....
پوپٽن جو طوافُ!..... چؤڏسي .....
اياز جي نانءِ..... غزل .....
رات مهڪيو تن ۾ من اتفاق سان ..... .....غزل .....
منهنجو ديسُ..... نظم .....
دائرا ..... نظم .....
درد کي پڙهي ويندي..... غزل .....
هاريون، ٻيجارا..... وائي .....
پيار دل جو قرارُ تون آهين! ..... غزل .....
تِرشنا..... نظم .....
مدهوش راتين جي جنت..... نظم .....
بيقرار گذري ٿي..... غزل .....
دل جي ڌرتي..... گيت .....
ڪناري لائين ..... وائي .....
چند اڄ رات مختصر آهي..... .....غزل .....
جهنگل جو ماحول ..... نظم .....
روايت..... نظم .....
تو وڏايون نرم رات ٻانهون ڪٽي!..... غزل .....
دريون، در پُوٽيل ..... وائي .....
تارو تارو تنها تنها ..... نظم .....
وڏي وڏي ٽِي ننڍي تقاضا!..... غزل .....

وڃڻين وڌا ونگ..... گيت .....
زندگي..... شعر .....
بي ترتيب زندگيءَ جو المیو.....نظم .....
اکين جو جهنگ.....نظم .....
پيار جيون پر ڪجي .....غزل .....
دونالي ءَ نا...نا .....وائي .....
ڪراچي.....نظم .....
ساحلي ڇوڪري..... گيت .....
سانجهي اداسُ پاڇا، ڪنهن کي سمونڊُ ڳولي! .....غزل .....
ڳڻتا.....نظم .....
تمنا جو انتُ.....نظم .....
هڪ موسم دل جي اندر آ هڪ موسم دل کان ٻاهر آ!...غزل .....
خوابن جي خُودڪشي.....نظم .....
سرمدَ پيرانديءَ..... وائي .....
سڪ سجدا وجود ۾ آهن.....غزل .....
چهرن جون اکيون.....نئون نظم .....
سمنڊ ءِ شهر جي ڪٿا.....نظم .....
رات اُڀ تي ستارن جي سرواڻ ٿِي.....غزل .....
ٽُڪرا ٽُڪرا خوابَ .....نظم .....
جيئن سج لٿو ڏکن سان راتيون ٻَکيون اسان جون! .....غزل .....
چنڊُ تارو نہ هوءَ سکي آهي .....غزل .....
پيار اسان جي منزل ..... گيت .....
ٻاريو ڏياڻي ..... وائي .....
خط جي اکيلائي!..... .....چؤ ڏسي .....
مون تہ سوچيو.....نظم .....
ڪئي بہ دل ڇا خودڪشي .....غزل .....
مشوَرو.....نظم .....
دليل سوچي پناهہ ڳولي .....غزل .....
بسم الله خان جي نالي.....نظم .....
نوجواني ڏوڙ پاڻي.....غزل .....
مهڪي چنبيلي..... وائي .....
جدائيءَ جا شوال.....نظم .....
مورٽِي! ..... گيت .....

ڪڪ ڇُٽن ٿا پاريھر..... غزل .....
ڪڙين منجھ ڪڙي..... وائي .....
سرحدن تي گلاب..... نظم .....
خواب اُٽن آوارا اکڙيون..... غزل .....
سفيد ڏينھن..... نظم .....
پٿر جو ڪرٽوءِ ھوا جو ڦول..... نظم .....
ويا پرڏيھي يار..... وائي .....
ڇھرا ڇھرا جي چارسُو آھن..... غزل .....
جلاوطن دوست جي يادءِ..... نظم .....
دار جي جھروڪي مان..... نظم .....
احساس جي اڪيلائي..... گيت .....
ساروعالم سُمھي رھيو آھي..... غزل .....
پنک پنھنجا پکيڙي رات..... غزل .....
پياسا پياسا چپ..... وائي .....
دل جي ويراني..... نظم .....
جنم جنم جي پياسي دنيا..... نظم .....
ماڏو لال حسين..... چؤڏسي .....
اڄ رات مان ٿو چاھيان..... نظم .....
نديءَ ڪناري جھنگل پاس..... غزل .....
درد جي لھر..... نظم .....
ھيرَ ھندورو ڪينجھر گَپَ..... غزل .....
ماٽين تو نہ ڄمار..... وائي .....
زندان جو زھر..... نظم .....
ملون نقابَ ءِ سارا حجابَ لاھي ڪيئن..... غزل .....
زرتشتي ڇوڪري..... نظم .....
منھنجي اکڙئين آب اٿيئي..... غزل .....
نئون گھاٽُ..... نظم .....
سنڌڙي تنھنجو نانءُ..... وائي .....
نادان محبت آ..... .....غزل .....
پيارَ سوا ڪُجھ ناھيِ!..... نظم .....
خواب ننگر جا نقشا ڪُلندا..... غزل .....
ڪربلا..... شعر .....
سفر جي اڪيلائي..... نظم .....

سَچُ ۽ ڪُوڙ.....نظم .....
تضاد! ..... شعر .....
ڇو فقير جو ڪشتو اڄ پَريل نہ خالي آ.....غزل .....
ڪير ٿو ڇيڙي رکي ايئن هر گهڙي.....غزل .....
نازل ٿيل ڇوڪريءَ جي ڪتا.....نظم .....
مکڙي تڙي پوڙ کي فراموش ڪئين ڪجي! .....غزل .....
اوپر جي آرسي.....نظم .....
هن خواب جي ڳَنارَ ڪتي آ .....غزل .....
لهين ٿي خواب تون جڏهين .....نظم .....
هيءُ مسافر ڪير! ..... وائي .....
ڪڏهن بهتان ڳولن ٿا، ڪڏهن بدنام ڳولن ٿا! .....غزل .....
لادينُ .....نظم .....
لڳ مهتي، اک متين ٿي ساحرا! .....غزل .....
سيوهڑ مٿان چنڊ.....نظم .....

# نالي.....

پنهنجي منيءَ ماءُ
'حُسنا' جي نالي؛
جنهن جي چهري جي تلاوت
مون لاءِ دنيا جي ڪنهن به
صحيفي کان وڌيڪ اُتم آهي
ءِ جنهن جي دعائن جي قوت سبب
زندگي ڪڌهن به
شڪست ڏيئي نه سگهي آهي!

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"خواب آوارا پکي"** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب اسان جي دور جي خوبصورت شاعر **احمد سولنگيءَ** جي شاعراڻي تخليقن جو مجموعو آهي. ليمٽ ڪومل مهاڳ ۾ لکيو آهي:

"احمد سولنگيءَ کي مان هتي نئين نسل جي نئين شاعريءَ جي علامت (symbol) ڪري ٿو ڪٺان. ان ڪري جا اڪثر شاعر فئشن پرستيءَ طرف مائل ٿي Stream of consciousness (شعور جي ڌارا) بدران Mainstream (روايت پرست ڌارا) طرف لُڙهندا ويا. جتي شاعري خود شاعرن مٿان نازل ٿيڻ جو فطرتي عمل ٿيڻ جڳائي، اتي هُو پاڻ شاعريءَ مٿان نازل ٿيڻ لڳا ۽ اهڙي افراتفريءَ واري دؤر ۾ ڪيترن کي لُڙ ۾ مزو لڳي ويو ۽ هُو راتورات شاعر ٿي ويا، پر شاعريءَ لاءِ جيڪا اندر جي سُوجهه ٻُوجهه گُهربل آهي، ان تقاضا تي احمد سولنگيءَ جهڙا ڪي ٿورائي تخليقڪار گرا ثابت ٿي سگهيا."

هي ڪتاب 2013ع ۾ **سنڌيڪا اڪيڊمي** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سنڌيڪا اڪيڊمي جي سرواڻ نور احمد ميمڻ ۽ فضل الرحمان ميمڻ جا جن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# مقدمو

# مون وٽ آ لُڙڪن جي لپَ

رابرٽ فراسٽ جو هڪ شعر آهي:

"Oh God, thou' forgive my little jokes on thee
And I shall forgive your bigger ones on me."

*(اي ڌڻي! تون مون کي، توسان ڪيل ننڍين پوڳن لاءِ معاف ڪر ۽ مان توکي، مون مٿان ڪيل وڏن پوڳن لاءِ معاف ڪري ڇڏيندس.)*

رابرٽ فراسٽ جون هي ٻہ سٽون خُدا جو هڪ اهڙو تصور پاڻ سان کڻي ٽيون اچن، جنهن ۾ ڪنهن اجنبي ۽ اجاتي هستيءَ لاءِ مَيار ٻہ آهي، شڪايت ٻہ آهي، طنز ٻہ آهي تہ الزام تراشي پڻ آهي ۽ گڏوگڏ هڪ شاعر جي الميي جي باوجود سندس اُداردلي پڻ آهي.

ان ئي پس منظر ۾ مان اڄ جي هن ڏاڍي ڏمر جي دؤر ۾ سنڌيءَ جي نئين ٽهيءَ جي نوجوان شاعر احمد سولنگيءَ جي هيٺ ڏنل سٽن کي پرکيان ٿو تہ مون کي هڪ اهڙيءَ شدت جو احساس ٿئي ٿو جتي رابرٽ فراسٽ ۽ هن جي پيڙهيءَ جي نئين سجاڳيءَ (Renaissance) وارن شاعرن جو اهڙو ماندٻاٽو ۽ وسيع وستار نظر اچي ٿو جيڪو اڄ جي ادب ۽ خاص طور شاعريءَ جو الميو آهي.

"۽ جڏهن ٿي شام نارنگي لهي،
ڪنهن جي رَت جي ٿي مٿان ڳَڙِ ڳَڙِ وسي،
ڪو صليبن تان لهي ۽ ڪو صليبن تي چڙهي،

بدحواسيءَ جو نئون اتهاسُ ٿو لِکبو رهي!"

فراست جي شاعريءَ ۾ هُن جي ذاتي ٻوڪنا ۽ پچتاءَ جي پيڙا آهي، جيڪا داخلي درد جي اظهار سان سور جي سَٽَ تہ اُپاري ٿي، پر داخلي درد جڏهن هڪ فرد جي ماتم بدران هڪ دؤر جو ماتم بڻجي وڃي ٿو تہ، هڪ شاعر جو فن ڪنهن ميزان مان اُپار پائي بلوغت کي رسي ٿو.

پر سوال آهي تہ هڪ سنجيده شاعر پنهنجي لاءِ ڪهڙو ۽ ڪيترو ميزان مقرر ڪري سگهي ٿو؟ خاص ڪري جڏهن تخليقي عمل دوران هُو هڪ طرف خيال جي لئہ ۽ ٻئي طرف ٻوليءَ جي روانيءَ کي هڪ ٻئي سان هم آهنگ ڪندي، پنهنجي تخيل جي اُڏام کي پنهنجي گرفت کان ٻاهر اوجهل ٿيڻ نٿو ڏئي.

هر ڪويءَ جي هر ڪوتا هن جي آتم ڪٿا آهي، جيڪا پڙهندڙن آڏو هڪ اهڙو آئينو بڻجي اچي ٿي، جنهن ۾ هُو رچنا ڪار جو ئي عڪس ڏسن ٿا:

"مايا ڇايا موهہ،
پهرين پارسُ پاڻ هڻاسين،
هاڻي پٿر، لوهہ.
خالي سکڻا خوابَ اکين جا،
ڳوڙهن سان ئي ڳوهہ،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهہ."

احمد سولنگيءَ جون هي ستون پڙهندي، بلڪ جهونگاريندي، مون کي اهو احساس ٿيڻ لڳو تہ هُو اهڙين حساس ستن واري شاعريءَ وٽ پاڻ نہ ويو آهي، پر اُها شاعري پاڻ احمد وٽ بارش جي بوندن جيان وسندي آئي آهي.

شاعري هڪ عورت جيان هار سينگار ڪري تقاضائون ڪندي آهي تہ "ڏس، مان ڪيئن ٿي لڳان؟" ۽ انهن تقاضائن جي پورتيءَ لاءِ احمد سولنگيءَ جهڙي سونهن جي پوڄاري شاعر وٽ موتئي جهڙن ماڪ ڦڙن جي سونهن پَري سُرهاڻ آهي.

اَکِڙين جي آلاڻ-
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي.

تنهائيءَ جي اونداهيءَ ۾،
يادن جي چانڊاڻ-
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي.

موتئي جهڙن ماڪ ڦڙن ۾،
هيءَ جا آ سُرهاڻ-
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي.

آڏيءَ اُبَ ۾ هيءَ تارن جي،
جڳ مڳ روح رهاڻ-
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي.

پرهه پَريءَ جي پاند ڪڍڻ سان،
اوپر ۾ لالاڻ-
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي.

احمد سولنگيءَ جهڙن ستر واري ڏهاڪي ۾ جنم ونڌڻ نئين نسل جي شاعرن، نہ سنڌي شاعريءَ جو فارسي آميز غزل، رباعي، مخمس ۽ مسدس وغيره وارو دؤر ڏٺو ۽ نہ 'من و يزدان خليل و آتش' واري ڪنن مان دونهان ڪيندڙ سنڌي شاعري ٻُڌي، نہ ئي هن واري تهيءَ جي؛ ترقي پسند دؤر جي نعري بازيءَ واري يلغاري شاعريءَ سان واسطيداري رهي ۽ نہ ئي پاڪستان ۾ 'ون يونٽ' جي ٺهڻ ۽ ڀڃڻ واري عرصي دوران سنڌي شاعريءَ جي انقلابي ڪردار جي اهميت سان وابستگي ئي رهي. احمد سولنگيءَ جهڙن، آئيندي جي روشن لاٽ جيان چمڪات ڪندڙ شاعريءَ جي تخليقڪارن جنهن وقت جنم ورتو ان وقت تائين سنڌي شاعريءَ جا الائي ڪيترا در دريچا، جهروڪا ۽ ڳڙڪيون ڪُلي ۽ بند ٿي

چُڪيون هيون، ڪيتريون نيون راهون، ڪيترا نوان گهاٽ، گهيڙ ۾ ڪيتريون منزلون هنڊ، سنڊ ۾ طئي ٿي چڪيون هيون. هن پيڙهيءَ جون خلائن ۾ جميل حيران نظرون چوڌاري گُهوري نهارڻ لڳيون.

ڪين لڳي رهيو هئو تہ هڪ پلڪ جهپڪڻ سان جڻ سهسين صديون گذري ويون آهن. قيامت برپا ڪندڙ ان ڏاڍ ڏمر واري دؤر ۾ ماحول سان نئين تهيءَ جي شاعرن جڏهن شاعريءَ سان پاڪر پَري جيئن ڪنڊُ ورايو تہ ڪين پنهنجي ڏرتي ايئن پاسڻ لڳي، جڻ سج جي بنيءَ مان نڪتل هڪ رَڪَ جو ڊير سندن سامهون هئو. جيڪو ڏارين سندن ڏرتيءَ تي پکيڙي ڇڏيو هئو.

احمد سولنگيءَ کي مان هتي نئين نسل جي نئين شاعريءَ جي علامت (symbol) ڪري ٿو ڪٺان. ان تهيءَ جا اڪثر شاعر فئشن پرستيءَ طرف مائل ٿي Stream of consciousness (شعور جي ڌارا) بدران Mainstream (روايت پرست ڌارا) طرف لُڙهندا ويا. جتي شاعري خود شاعرن مٿان نازل ٿيڻ جو فطرتي عمل ٿيڻ جڳائي، اتي هُو پاڻ شاعريءَ مٿان نازل ٿيڻ لڳا ۽ اهڙي افراتفريءَ واري دؤر ۾ ڪيترن کي لُڙ ۾ مزو لڳي ويو ۽ هُو راتورات شاعر ٿي ويا، پر شاعريءَ لاءِ جيڪا اندر جي سُوجهہ ٻُوجهہ گُهربل آهي، ان تقاضا تي احمد سولنگيءَ جهڙا ڪي ٿورائي تخليقڪار ڪَرا ثابت ٿي سگهيا. ڪاريءَ ڪُک مان ڄاول هن نامراد نسل جو شعور جڏهن بالغ ٿيڻ لڳو تہ سندن اڳڻ جي سُڪل ڇپر تي ماڪ جون ۽ چار بوندون ئي بچيل هيون.

"اُتر قطب،
ساندهہ برف وسي ٿي.
جبل جبل جي،
هر ڪا چوٽي،
ململ پوتي،
اوپر، اولهہ، اُبتو ڦيرو.

سِجُ اُپري ٿو،
سال ۾ هڪڙو پيرو.

آريا ـ ست جي هڪڙي ناري،
روپ ــ رُپهرو،
ٻانهن ڪرائيءَ اُس ۾ِوگهري،
چوڙيگر جو چوڙو،
ٽڪريءَ ٽڪريءَ پگهري پاٽي،
شور ڪري ٿو جهرٽو،
پکيءَ پکيءَ جو پاڇو پرکي،
نديءَ نديءَ ويڇاٽو.
رات رَشِي ڪوڏَئي ويو جنهن کي،
ڳوڙها، ڳل ـ ڳاراٽو.

هاءِ همالِيہ جيڏَا ماڻهو،
ڇَپر ڇاتون،
جن جون واتون،
هندوڪش مان نڪتيون.
پنڪ پنڪ جيئن پيرَ اُڏامي،
فرش، عرش مان نِڪتيون،
باکون، لاتون.
پويان آهن اُپَ ۾ راکيون،
سورج ونسيءَ جون،
پربت پربت،
اُتر قطب.
ءِ هوءَ وينگس،

سورجُ پوڄي،
برف پگھاري ڏينھن ڳٽي ٽِي،
ساندھ برف وسي ٽِي."

بدقسمتيءَ سان احمد سولنگي ھڪ اھڙي مظلوم ٻوليءَ جو شاعر آھي، جنھن جو ساھتڪ سرمايو وسيع ۽ معياري ھئڻ باوجود اھا ناانصافيءَ، ٻيائيءَ ۽ ويرونجوڳ جو شڪار ٿئي رھي آھي. اسان جو ساھت ۽ ٻولي نہ رڳو ٻن ملڪن ۾ ورھائجي ويا آھن، پر سڄيءَ دنيا ۾ داٽو داٽو ٿي چڪا آھن. سنڌ ۾ ان کي پنھنجي ڌرتي آھي، پر قومي سطح تي ميڙتا نہ ملڻ ڪري ان کي قومي ٻوليءَ جو درجو حاصل نہ ٿي سگھيو آھي، ان جي ابتڙ ھند ۾ ان کي سرڪاري سطح تي قومي ٻوليءَ طور قبوليت (Recognization) تہ ملي چڪي آھي، پر ھند ۾ ھن کي پنھنجي ڌرتي ناھي. نتيجي طور سنڌ جا شاعر Sons of Soil (ٻومي پُٽر) تہ آھن، پر قومي سطح تي سندن ڪو والي وارث ناھي ۽ ٻئي طرف ھند جا شاعر ڌرتيءَ ڏکاٽا ٿي پنھنجي وطن جي متيءَ کي تہ ياد ڪري رھيا آھن، پر ھُو ان متيءَ جي مھڪ ڪٿان آڻن، جنھن سان شاعري واسجندي رھندي آھي.

ڪنھن بہ ٻوليءَ جي شاعريءَ جون پاڙون پنھنجيءَ ئي ڌرتيءَ جي ڪوک اندر گھرائيءَ سان کُتل ھونديون آھن ۽ شاعريءَ جو بڻ بنياد ناخواندگي ھوندي آھي. ھند جو شاعر شھري سڀيتا جي گُھٽ ٻُوساٽ ۽ ڀڄ ڊوڙ واري ماحول ۾ ايئن وکوڙيل آھي جو سنجيده کان سنجيده شاعر بہ ھِن دؤر کي 'حرامي دؤر' سڏي پنھنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪري ٿو. تخليق جي مجبوري ھند جي ڪنھن بہ شاعر کان احمد سولنگيءَ جيان ھي ستون نہ چوائي سگھندي:

"ھير ھِندورو ڪينجھر ڳَپَ،
چنڊُ چُمي پيو نوريءَ چَپَ.

سِپَ ۾ موتي ٿا سِپجن،
من ۾ سرجي، تانگھَ تڙپَ.

تنھنجي اھڙي نيڻَ نھارَ،
جھڙي جھرڪيءَ بازَ جھڙپَ.

مون کي وينا روز ڳکين،
تنھنجي ساروٽين جا سَپَ.

تو وٽ مھنگا موتي کوڙ،
مون وٽ آ لڙکن جي لَپَ.

سنڌ سڃي آ نيزي پاند،
دلبر کھڙا ڊِجَ ۽ ڊَپَ!"

سوچ جي سطح تي ھند ۾ تخليق ٿيندڙ موزون شاعري توڻي نئين ڪوتا پنھنجو ھڪ منفرد معيار قائم ڪري سگھي آھي. 'سئنيٽوريم جي ھڪ رات' ۽ 'پُرش وئشيا' جھڙيون شاعراٽيون تخليقون ذھني سطح تي اڄ جي دغابازيءَ واري دؤر جي علامت تہ بڻجي اچن ٿيون پر انھن ۾ پنھنجي ڏرتيءَ جي ڏُکَ کان وڌيڪ داخلي سطح تي من جي مونجھ جو احساس وڌيڪ اُپري ٿو.

ھند جي جديد شاعريءَ ۾ 'سنڌ، سرير ۽ ساھہ' جھڙي ھم آھنگيءَ جا سيني ۾ سَلا ڪُٽي نہ سگھندا. احمد سولنگيءَ جي ھن ڪوتا جي سِٽَ سِٽَ خود ھند ۾ رھندڙ سنڌ جاون جي دلين ۾ سور جو سَٽون اُپاري سگھي ٿي ۽ اسان کي اھو احساس ڏياري ٿي تہ اسان ڇا ڇا وڃايو آھي.

"واٽ۔
وکيري واءُ،
مٿان ٿو سِڃُ تکو ڏئي تاءُ.

ريت۔

اُلا ۾ آڳ،
وري ڪوويڙُ ورائي واڳ.

ڏينهن-
تِڪيري تِڪَ،
ڪٽي ٽوڪير وڏي هر وِڪَ.

گهاءَ-
سُهڻِ ٽا گهوٽ،
اٽئي هي رِڙ راهي اٽموٽ.

ديسَ-
سنياريو سَتُ،
گُهري ٿو ڀُڳچيءَ ڀُڳچيءَ جو رَتُ.

سنڌ-
سرير ۾ ساهُ،
انهيءَ ۾ وهندو پيو درياهُ."

اڄ عالمي ادب جي رنگَ- منچ تي شاعريءَ جهڙي نفيس ساهتڪ صنف کي پوئينءَ نشست ۾ آڻي ويهاريو ويو آهي. نہ رڳو هن ننڍي ڪنڊ ۾، پر عالمي سطح تي پڙ ناشرن جو بيان آهي تہ جديد ادب، پڙهندڙن جو ذائقو ئي بدلائي ڇڏيو آهي. اڄ گهڻي ۾ گهٽا ڪتاب آتم ڪٿائن (آٽوبايو گرافين ۾ بايوگرافين) جا ئي وڪرو ٿي رهيا آهن. ان کان پوءِ آتم ڪٿائي ناول ۾ انهن کان گهٽ ڪهاڻين جا مجموعا.

ڪي نقاد تہ ڪهاڻيءَ کي ادبي صنف ئي نٿا مڃين، پوءِ بہ پڙهندڙن جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪافي دلچسپي قائم آهي، باقي شاعري-؟ شاعريءَ جي مجموعن جون پنجاهہ سٺ ڪاپيون ڪپائڙ ۾ بہ سال لڳي ٿا وڃن.

T. S. Eliot جڏهن هڪ وڏي اشاعتي اداري جو ايڊيٽر هئو ۾ هڪ سختگير ايڊيٽر هئو جو هُن جارج آرويل جي Animal Farm

جهڙي ادبي شاهڪار جو مسودو ڪيس تي پيرا موڪلائي موڪليو هئو ۽ ٻئي اداري طرفان شايع ٿيڻ تي. ان ڪتاب تي پرپور تبصرو لکيائين. ايليٽ (Eliot) جو ئي چوڻ هئو تہ. (خود انگريزيءَ ۾) شاعريءَ جي ڪنهن مجموعي جون جيڪڏهن سؤ ڪاپيون بہ وڪامن تہ ان کي تسلي بخش پذيرائي ڪري ميڙ گهرجي.

گذريل پندرهن سالن کان شاعريءَ جي ڪنهن ڪتاب کي نوبل پرائيز نہ ملي سگهيو آهي. لئٽن امريڪا جي شاعر Octavio Paz کي پويون نوبل پرائيز مليو آهي (منهنجيءَ ڄاڻ موجب). پر شاعريءَ جهڙي جاودان ۽ اندر جي اڏمن کي اظهاريندڙ صنفِ سخن اڃيان عارضي طور آيل ناموافق ۽ ناسازگار فضا گهٽو عرصو جڏاءُ نہ ڪري سگهندي. جو خدا وٽان آيل پهريون پهريون لفظ 'ڪُن فيڪون' بہ شاعراٽي سِڻَ هُئي ۽ ايشور جي مُک مان نڪتل پهرين پهرين سِڻَ 'اوم نمو شواءِ' بہ شاعراٽي تخليق هئي. ان ڪري ئي 'شاعري پيغمبري است' جي سچ کي قبول ڪيو ويو آهي.

پر شاعريءَ جا وک وک تي سوين سچ آهن:

"سِپَ ساحل جي مٿان،
سمنڊ کي سوگهو ڪيو،
ريت جي ذرڙن منجهان،
چنڊُ ڪو جاڳِي پيو!"

هن پل جو پسمنظر ڏسڻ سان يا محسوس ڪرڻ سان سڄي ڪائنات جڙ شاعريءَ جي رنگ ۾ رڱجي ويجي ٿي. جنهن کي نہ رڳو شاعر جي سجاڳ اک پرکيو آهي. پر هر پڙهندڙ آڏو ريت مٿان چانڊوڪيءَ جو سڄو ڪائناتي منظر نامو پنهنجي آب و تاب سان اڇو اُجرو ٿي بيهي ٿو.

جيئن تہ احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو هي پهريون مجموعو آهي. ان ڪري اهو سمجهڻ سولو ناهي تہ شاعريءَ جي ڏکين ڏاکن تان هُو ڏاکو ڏاکو ٿي مٿي چڙهيو آهي يا ڏاکو ڏاکو ٿي هيٺ لٿو آهي.

هڪ شاعر جي سلسليوار ارتقا جي صحيح ڪٽ (evaluation) هُن جي ٻن چئن مجموعن جي اشاعت کان پوءِ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي، پر احمد سولنگيءَ جي هن پهرئين ئي مجموعي جي مسودي جي پهرين نظم 'مائيڪل اينجلو' کان وٺي آخري نظم 'سيوهڻ مٿان چنڊ' تائين جيئن جيئن مان هن جي هڪ هڪ رچنا ٻہ ٻ پيرا پڙهندو ويس. هڪ پيرو خيال جي لئہ جو لطف وٺڻ لاءِ ۽ ٻيو پيرو رواني‌ءَ جو رسُ ماڻڻ لاءِ تہ مون کي رفتگيءَ سان اهو احساس ٿيندو رهيو تہ شاعريءَ جي هن وَر وَڪڙ ڏاڪڻ تي ڏاکو ڏاکو ٿي چڙهندي نئين نسل جو جيڪو سپ کان پهريون شاعر مٿي پهتو آهي، اهو 'احمد سولنگي' آهي.

تاريخ ساک تي شاهدي ڏني آهي تہ، جن قومن جو ماضي شاندار هوندو آهي، انهن قومن کي حال ۽ مستقبل ۾ ڏاڍا ڏک ڏاکڙا ڏسڻا پوندا آهن. اسان جي قوم پڻ الائي ڪيترن دؤرن جي ماتم مان گُذري آهي. اسان جي ڏرتيءَ مٿان ڏارين ٻولين، ڏارين ثقافتن، ڏارين تهذيبن ۽ ڏارين حاڪمن ۽ حڪومتن جي حملن ۽ انهن جي ڏاڍاين اسان جي قوم کي سنئين لڳين سُکَ سان سُمهڻ نہ ڏنو آهي. اهڙين هنگامي حالتن اسان جي ادبي برادري ۽ خاص طور شاعرن کي احتجاجي ۽ مزاحمتي شاعريءَ طرف راغب پئي ڪيو آهي. پوءِ ٻہ هڪ ديرپا ۽ اثرائتي ترقي پسند دؤر ۾ تخليق ٿيل شاعري هڪ تہ اسان جي پنهنجي ڏرتيءَ مان ڦُٽل شاعري نہ هئي پر اشتراڪي ملڪن وٽان امپورٽ ٿي آئي ۽ اڇتي هلي اها 'ادب براءِ ادب' ۽ 'ادب براءِ زندگيءَ بدران'، 'ادب براءِ امپورٽ' جي شڪل اختيار ڪرڻ لڳي ۽ وقت گُذرئي پنهنجي وقعت ايتري قدر وڃائي ويٺي جو شيخ ايياز جهڙي شاعر، جيڪو ڪنهن وقت اهڙي شاعريءَ جو سرواڻ هئو ان ٻہ لکيو تہ "ان دؤر جي سڄي شاعريءَ کي گاڏڻ ۾ پرائي ڪنهن گند جي ڍير ۾ اُڇلايو وڃي." جيتوڻيڪ ايياز جو اهو هڪ انتهاپسند بيان هئو پر اها حقيقت آهي تہ اڄ ترقي پسند دؤر واري شاعري ماضيءَ جي دڙن ۾ دفن ٿي چڪي آهي.

پاڪستان ۾ 'ون يونٽ' جي ٺهڻ کان 'ون يونٽ' جي ڀڃڻ تائين، پندرهن سالن جي عرصي دوران پڻ تخليق ٿيل مزاحمتي شاعريءَ سنڌي شعر و ادب جي رنگ- منچ تي هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو پر ان ۾ پڻ داخليت بدران خارجيت جو دخل وڌيڪ هئڻ ڪري، اها شاعري پڻ پرچار جي حدن کي ڇهڻ لڳي، پوءِ به مزاحمتي شاعريءَ جي جذباتي توڙي عملي ڪردار جي اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي.

ماضي هميشه حال جي هٿ ۾ هٿ ڏيئي مستقبل طرف قدم سان قدم ملائي مسافتون ۽ منزلون طئي ڪندو رهندو آهي. سنڌ جي نئين نسل جي انهن شاعرن، جن ماضيءَ جي اهڙين مزاحمتي مسافتن بابت رڳو پنهنجي اپياس ۽ علم معرفت جاڻ حاصل ڪئي آهي، اُهي نئين نِڪوري ذهن ۽ ڪنوارِي دوشيزه جي اڻ ڇُتل انگن جيان پاڻ سان پنهنجي شاعريءَ ۾ نوان خيال، نئين سوچ، نئين Imagery منظر ڪشي، نئون ڊڪشن ۽ نوان رخ ۽ رويا کڻي آيا. هنن وٽ پنهنجن پيشرُوئن جيان ڪي ٺهيل ٺڪيل يا 'ريڊي ميڊ' نظريا نه هئا.

مون جڏهن سنڌ ۾ نئين نسل جي شاعرائن جو ڪلام پڙهيو ته منهنجن پنجن حواسن سان گڏ ڇهين حِس پڻ بيدار ٿي ويئي ۽ مون کي احساس ٿيڻ لڳو ته اسان جهڙي، ظلم سان مهاڏو اٽڪائيندڙ قوم جي مظلوم ٻوليءَ جي نئين ٿهيءَ جي، اهڙي جديد سوچ ۽ شاعريءَ جي روح تائين رسائي ٿي چڪي آهي؟

عالمي ادب جي اپياس واضح ڪيو آهي ته جڏهن به ڪا ادبي تخليق، خاص طور شاعراڻي تخليق ڪنهن نظريي، ڪنهن اصول، ڪنهن عقيدي يا ڪنهن مَتَ جي معرفت يا ماتحت تحرير ڪئي ويئي آهي ته اها نه ديرپا ثابت ٿي سگهي آهي ۽ نه گهٽو وقت جٽاءُ ڪري سگهي آهي. مان سمجهان ٿو ته هند، سنڌ جي نئين پيڙهيءَ جو نئون شاعر، جيڪو مٿين مڙني حد بندين کان پاڻ کي آجو ڪري چڪو آهي، اهو احمد سولنگيءَ جهڙي نئين سوچ ۽ نئين رخ ۽ رويي جو آئيني عڪس هِنن سٽن اندر سمائيندو:

”ڪنهن گلن تان آ چڪيو نمڪين سُرهي ءَ ساڻ ڪي!
ڪنهن ڪيو محسوس مُنهنجي درد جي احساس ڪي!
ڪنهن چڪيو پاڻي اکين جو لڙڪ جي لُوٽاڻ ڪي!
ڪير ڳوڙهن کي ڳٽيندو؟
وقت جي هيءَ ڏوڙ سيني جي مٽان وسندي رهي،
ڪير ٿيو بدنام آهي،
ڪير ٿو سوچي اهو
ڪنهن خواريءَ جو ڪنيو هي پاڻ تي الزام آهي!“

احمد سولنگيءَ جون هي دل ۾ پيهي ويندڙ ستون، احساس ڏيارن ٿيون تہ ’ڪو عڪس نہ پوي تہ آئينو اُجرو ئي رهندو آهي.‘

احمد سولنگيءَ جي هن مجموعي ۾ شامل هن جي گهٽي تڪي شاعري پڙهندڙن کي نئين ۽ جديد سوچ سان روشناس ۽ نئين سَڄ سان مُنهان مُنهن ڪرائي ٿي. اهڙي نوعيت جي شاعريءَ کي ڪنهن هڪ دؤر يا دائري اندر قيد نٿو ڪري سگهجي، جو اڄتي هلي بہ اُها ’ڪالهہ‘ جي شاعري نہ، پر ’اڄ‘ جي شاعري ڪري تسليم ڪئي ويندي. اها شاعري ماضي پرستيءَ وارا لڪ لتاڙي، مستقبل جا اهي روشن شُعاع اُجاڳر ڪندي، جيڪي ڪڏهن بہ اڄتي هلي ڪنهن بہ دؤر ۽ جاءِ تي جهڪا نہ ٿيندا.

سياڻي جو سُڄيت ۽ سُجاڳ نقاد جڏهن احمد سولنگيءَ کي سندس سنڌيت واري جذبي لاءِ آفريني ڏيئي کانئس سوال ڪندو تہ تو ’وقت، وقت‘، ’جاءِ جاءِ‘ ۽ ’ماڻهو ماڻهو‘ ۾ نراليت پسي، انهن لاءِ انساني قدرن ۽ مُلهن کي مٽانهون ڪرڻ لاءِ تنهنجي تخليقي عمل ڪهڙو ”شفي“ (Positive) يا ”نفي“ (Negative) ڪردار نباهيو تہ، ان سوال جي جواب ۾ احمد سولنگيءَ جي مجموعي جي پهرئين ئي نظم جون هي چار سٽون نہ رڳو حوالي طور بلڪ سندَ طور پيش ڪري سگهجن ٿيون:

”ديس هر هڪ جي مٽي،
مون تہ ڏرتيءَ جي دونهاتيل،
سُرخ گولي تان ڪٽي،
پنهنجي خوابن ۾ سنيالي آ رکي!“

پنهنجي ان پهرئين ئي طويل نظم ۾ احمد سولنگيءَ مائيڪل اينجلو زان ڪازاڪس، آلندي ۽ پبلو نِرودا جي ڪردار نگاريءَ سان گڏوگڏ پٽ ڏٽي، ٽئگور، ميران ۽ ڪبير جو تذڪرو ۽ image پيش ڪيو آهي. سڀ کان پهريون ڪردار زان ڪازاڪس عالمي ادب ۾ هن خطاب سان نوازيو ويو آهي.

“The Ingenious Gentleman Don Quixote of La Mancha”

*(لامنچا جو هنرمند پلوڙ شخص زان ڪازاڪس)*

هي ڪردار اندليسي ادب جو هڪ ڀهڪڙو ڪردار آهي. زان هڪ ئي وقت ’اڏ چريو‘، ’چرچائي‘، ’حاضر جواب‘، ’سمجهو‘، ’چر پٽ‘ ۽ ’پورالو‘ ڪردار آهي، پوءِ به هن جي دانشمدانہ ڪارنامن هن کي عالمي ادب جو هڪ جاودان ڪردار ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي ئي تضادي ڪردار کي احمد سولنگيءَ پنهنجين شاعراڻين سٽن ۾ پيش ڪندي، هن جي ڪردار نگاريءَ جو انوکو رُخ چِٽيو آهي:

”منهنجي اک جي دائري جي ويجهڙو،
زان ڪازاڪس، ٿو رهي؛
۽ پکي پنهنجي پَرن ۾،
جِئن لڪائي ٿو رکي پنهنجا ٻچا،
سوچ مُنهنجيءَ ۾ رائين ’محمود‘ جي ڏرتي رهي:
جا ٿُٽل ڪشڪول ۾ ڪنهن ماءُ جي ڳوڙهن جيان،
يا نديءَ تي بُوند ـ بادل جو لڳي ٿو نقش ڪو،
عشق مون لئہ ٿو اُٽي جڙ شبنمي ڪا شاعري،

ساحلن تي، ريگزارن جي مٿان،
ءِ وٽن جي جُهنڊ ۾،
آ خُدا جي جُستجوءَ بيگانگي مون لئہ لکي!“

احمد سولنگيءَ زان کازاکس جي ڪردار کي پنهنجين شاعراٽين ستن ۾ سموئي، هن جي سيني ”شفي“ (Positive)”نفي“ (Negative) ڪُنڊن کي رِل مِل ڪري هن تي Odoriferous (سرهي ساڻ واريون) ستون تخليق ڪندي، جڙ زان تي ODE (خطاب) جي صورت ۾ خراج پيش ڪيو آهي. پنهنجين ايترين Multiple and Multifaced (صفتن ءِ صورتن) جي باوجود زان کازاکس جي پاڻ بابت راءِ اها رهي تہ ”مان تہ ڪجهہ بہ نہ آهيان.“

زان کازاکس جا اهي احساس تہ ”توڻي جو ڪنهن جي هر خواهش تڪميل تي پهچي، تہ بہ ضروري ناهي تہ هن جو پاند خوشين سان ڀرپور ٿي وڃي، هُو وڌيڪ خوشحالي ءِ آسودگي ماڻي سگهي، هن جو درجو ءِ رتبو سندس موجوده رتبي کان مٿانهون ٿي وڃي، پر جي سپ ڪجهہ ان جي ابتڙ ٿي وڃي تہ تون ڪنهن اهڙي اوڙاهہ ۾ ڌِڪجي سگهين ٿو. جنهن جو تون تصور بہ نٿو ڪري سگهين ءِ اهڙي بدنصيبي تو مٿان ڇو نازل ٿي آهي، ان جي تنهنجن ملائڪن کي بہ خبر نہ پئجي سگهندي. تو وٽ رڳو ايترو ئي احساس رهجي ويندو تہ آسمان مان نازل ٿيل هر مصيبت تنهنجو ئي گهر ڀُچايو آهي.“

انهيءَ ئي حوالي سان هسپانوي شاعر لوئي ٽانسلو (Luigi Tansillo) پنهنجي نظم ‘Tears of Saint Peter’ (سنت پيٽر جا ڳوڙها) ۾ لکي ٿو:

‘No eye was there to see him, well he knew,
Yet, he himself was to himself, a shame,
Exposed to all men’s gaze or screened from view.’

”هن کي پليءَ پَت جاڻ هئي، ڪائي نگاهہ ڪانہ ٿي هن تي ڪُتي،
پوءِ بہ جڙ هُو پاڻ پنهنجو پاڻ ۾، ڪيڏو نہ شرمندو هئو،
هُو هئو هر ڪنهن جي اک ۾، هر نظر هُن کي تڪيندي ٿي رهي!“

*(ترجمو: ل. ڪ)*

احمد سولنگي پنهنجي مٿي ذڪر ڪيل نظم ۾ ڪيتريون نيون تشبيهون، نوان استعارا ۽ علامتون سمائي سگهيو آهي. هڪ طرف هُن جي اک جي فوڪس ۾ زان ڪازاڪس ٿو رهي، جيڪو هڪ اهڙي پکيءَ جي allegry (علامت) بڻجي آيو آهي، جيڪو پنهنجن پَرن ۾ پنهنجا ٻَچا لڪائي ٿو رکي تہ هُن جي ذهن جي ڏرتيءَ جي تَتل ڪشڪول ۾ ماءُ جا ڳوڙها بہ آهن ۽ ٻئي طرف نديءَ مٿان ڪرندڙ بوند، هڪ بادل جو نقش بڻجي اُڀري ٿو.

ساڳئي نئي نظم ۾ اڳتي هلي آلندي جهڙي انقلابي ۽ ڇِلي‌ءَ جي شاعر پبلو نرودا جو شاعراٽو تصور احمد سولنگيءَ جي ستن ۾ سمائجي هن جي شاعريءَ کي نئين پيرائي ۾ پيش ڪري ٿو:

"دُور آلندي، نرودا جي ڇِلي،
باکَ پنهنجي لاکَ برسائي جڏهن ٽي اُن مٿان،
سجَ ازل جي ديوتا سامهون سيڀي،
صُبح جا سورج مُکي ڪن ٿا سجودُ."

احمد سولنگيءَ جون هي ستون پبلو نرودا جي ڪردار جي ڪيئن عڪاسي ڪن ٿيون، ان جو هڪ دلپذير واردات سان واسطو آهي.

سريلنڪا جي هوٽل جي ڪمري ۾ پبلو نرودا جڏهن هڪ جُوان سنهالي ڇوڪريٽيءَ کي هُن جو ڪمرو صاف ڪندو ڏٺو تہ هوءَ ڪيس وينس جي مورتيءَ جيان ڪنهن حسين مجسمي وانگر لڳي ۽ جڏهن هُو هُن جي عريان جسم کي لساڻي رهيو هئو تہ هوءَ حيرت وچان ڏسي رهي هئي تہ اهڙي شاهاڻي شخصيت وارو شخص هي ڪري ڇا رهيو آهي؟ ان واردات جي پس منظر ۾ احمد سولنگيءَ جون هي ستون ڪيتريون نہ جاذب آهن.

'باکَ پنهنجي لاکَ برسائي جڏهن ٽي اُن مٿان،'

ان پل، اندر ۾ ڪهڙا جذبا ڳروٽون وٺن ٿا، صبح جا سورج مُکي ڪيئن نہ سجدا ڪن ٿا!

مون کي ڇٽيءَ طرح ياد آهي تہ دهليءَ ۾ سال اٽويهہ سو ڇاونجاهُہ جي 'ايشين رائيٽرس ڪانفرنس'(Asian Writer`s Conference) دوران جڏهن شاعراٽي محفل جي صدارت ڪندي پبلو نرودا، نارايڻ شيام جي نظم "ڪهڙي آئيني ۾ منهنجي اصلي صورت گم ٿي ويئي؟" انگريزي ترجمي ۾ ٻُڌي تہ هُو حواس باختہ ٿي ويو. پبلو نرودا سوال ڪيو: "ڇا، هڪ غير معروف ٻوليءَ وٽ بہ اهڙي ڇرڪائيندڙ شاعري موجود آهي؟"

(ساڳيو ئي سوال پارتي وزيراعظم آنجهاني اندرا گانڌيءَ پوپال ۾ پارت پون جو افتتاح ڪندي، سنڌي سيڪشن جو معائنو ڪندي ڪيو هئو. جڏهن مون هُن کي شاهہ لطيف جي ڪن بيتن جو شيخ ايياز جو اردو ترجمو ٻڌايو هئو.)

پبلو نرودا ان وقت احمد سولنگيءَ جو هي نظم ٻُڌو هجي ها تہ هُن کي سندس سوال جو جواب ملي وڃي ها ۽ اوپر جي آرسيءَ جو اولڙو سندس اکين ۾ ٻهڪي پوي ها!

"رات جي منحوسُ ۽ ڪاري هوا،
شهر جي روشن ڏِيئن کي،
ڦِي وڪوڙيندي رهي.
پوڳنائن جي سفر جا پيچرا،
پيرَ پنهنجا،
جڙ ڇَٽيندا ٿا رهن!
وقت جا پاليل ڪُٽا،
ديوتائن، انبيائن،
شاعرن، صوفين ۽ سنتن جي متي،
روزُ کوٽيندا رهن ٿا،

۽ تا ڪُترينندا رهن،
قيمتي زربفت جهڙي ديسَ جون،
چارئي ڪنڊون!
ڪالهه سورجَ، چنڊَ جيڪي،
هُئا ڦُٽا اوير منجهان،
اڄ انهن جي روشني ۽ چاندني ممنوع آهه،
فڪر کي ٻئي دور جو رائج سِڪو سمجهي ڪري،
جڙ عجائب گهر اندر تشهير لَئه سانڊيو ويو،
جاڙ جڙ ڪوريئڙي جي جارَ ۾ ڦاٽي پئي آ،
وقت جي اپياس بابت،
ڪنهن به پنهنجيءَ کوجنا کي ڪو نه ٿو ليکيو ويجي!
شاعري،
انمول تحفو،
گفتگوءَ جو،
ڪو صَحيفو،
ڏُوڙ وانگي جڙ ته ڏرتيءَ تي لَٿو،
ڪوڙسان ميڙيو ويجي ٿو،
سچَ جو چهرو سڃو،

سنگ تراشي پٿرن ۾ اڄ رهي روپوشُ ٿي،
آڳريون فنڪار جون پڙ،
برفَ وانگي ويون جمي،
سچ اجنتا ۽ الورا منجهه ڳوليندو به ڪيرُ؟
ڪامَ جو، مندر جي اندر ڪيرُ ڳوليندو به ٻيرُ؟

رقصُ گهايل،
زندگيءَ جي چور دروازن اندر،

هر نظر کان بي نيازُ
هر خبر کان بي خبر،

جِترڪاريءَ منجھ ليڪيل ڪا لڪيرَ،
ڪو تصور سوچ جي تجريدَ جو،
بُرش جي خاموش ڪنھن گفتار سان،
فن نَقاشي جي وسيع معنيٰ اندر،
پنھنجي خنجر سان ڪري ٿو خودڪُشي!
ملڪ اولھ جا سيئي،
اوير تي مڇريا ٿا گھُمن،
دشمنيءَ جي دائمي آڙاھَ هينان،
ڪيتريون ڏرتيون سڙن.
پو به دنيا جي ڏاڪاڻيل،
دُور هڪڙيءَ ڪُنڊَ ۾،
آشتيءَ ۾ امن جو اهجاڻ ٻڌجي،
ڪالھ وانگي،
اڄ به آهي،
سنڌ بيني!
اڄ به آهي،
سنڌ بيني،
سنڌ بيني!"

ڪنھن ناول يا ڪھاڻيءَ ۾ ڪردار نگاري ڪڏھن ڪڏھن ڪنھن عظيم شاعر وٽ (Epic) رجزنامي يا وِير چترڪٿا جي صورت اختيار ڪري ڇڏيندي آهي. هيلن آف ٽراءِ هيلن نہ هجي ها، جي هُن کي هومر جو قلم نصيب نہ ٿئي ها. قلوپطره به قلوپطره نہ رهي ها، جيڪڏھن وليم شيڪسپيئر هُن جي ڪردار کي هنن سٽن ۾ نہ سموئي ها:

“Age cannot wither her nor custom stale,
Her infinite variety: other women cloy
The eppetites they feed, but she makes hungry,
Where most she satisfies:”

(عمر هن کي ڪوماڻجڻ نٿي ڏئي،
نہ راهہ رسم هن جي روپ کي بد زيبو ٿي ڪري،
هن جھڙيون اَپار آنند ڏيندڙ ٻيون حسينائون،
ڏو تي لطف وٺائين ٿيون،
پر هيءَ ٻھڳڻ،
ڏائيندي بہ بُکَ وڌائي ٿي.)

*(ترجمو: ل.ڪ)*

قلوپطره جي ڪهاڻي هڪ اهڙيءَ دوشيزه جي ڪهاڻي آهي، جنهن ساڳيءَ ئي شدت سان ذاتي توڙي اجتماعي زندگيءَ سان پاڻ کي لاڳاپي رکيو آهي، جتي هڪ ٻئي پويان بہ مرد هن جي زندگيءَ ۾ آيا. جوليس سيزر ۽ مارڪ انٽوني، پر هن جي ڪهاڻي تاريخ جي دل ڇُهندڙ ۽ حيران ڪندڙ ڪهاڻي آهي، جو قلوپطره جيان هن جا ٻيئي عاشق پڻ خاص خوبين جا مالڪ هئا، جن روم جي سلطنت جي سڄي نصيب کي پنهنجي هٿن ۾ قابو ڪري رکيو هئو. سيزر جي قتل کان پوءِ قلوپطره جو مارڪ انٽونيءَ سان بدبخت رشتو ناتو هڪ ئي وقت راز ۽ رمز پريو بہ رهيو تہ روحاني پڻ.

قلوپطره جي ڪيترن مصري سوانح نگارن هن جي ڪردار کي نفرت پريءَ نگاهہ ۽ ناشانائتي رنگ ۾ رڱيو آهي، پر سيزر ۽ انٽونيءَ ٻنهي هن کي پنهنجي مانائتي محبوبا، سات ڏيندڙ سنگتياڻي ۽ دل گُهري داشتہ ڪري قبول ڪيو آهي. ان ڪري ئي قلوپطره کي تاريخ توڙي ادب ۾ ايتري اهميت ملي سگهي آهي.

احمد سولنگيءَ جو نظم قلو پطره هومر جي هيلن آف ٽراءِ جيان يا چندر بردائيءَ جي پرٿوي راج ”سنجو گِتا“ جيان يا نارائن شيام جي

’روپ مايا‘ جي مينڪا اپسرا جيان ڪو epic تہ نہ آهي، پر هن پنهنجي شاعراڻي تخيل ۽ تخليق سان قلوپطره جي جيڪا imagery ۽ منظرنامو پيش ڪيو آهي، اهو سنڌي شعر و ادب جي دنيا ۾ جوڳي جاءِ اوس والاريندو.

”ڪُشادي رات جي ٻيڙي،
رسيون، ساڪا، لنگر لوها،
نماڻن ميربحرن جا،
ٽڏا ڪي خوابَ جا پاڇا،
مڻان فانوسُ فطرت جو،
سمورا منتشر تارا،
حسين ڪنهن حادثي جي لئہ،
الئہ ڇو منتظر آهن؟
جواني قيمتي تنهنجي،
اکين ۾ چاندني پوکي،
هوا مضبوط تختن تي،
لهي ٽي اپسرا وانگي.
درياءِ نيل جو پاڻي،
ڏسي ٽواک ڪٽي توکي،
قلوپطره !!“

۽ نظم جون پويون پنج سٽون جن ۾ قلوپطره جي من جو سڄو پيڊُ ۽ هن جي ڇِت جي چاهت، هن جو هَٿيلو ۽ مغرور ڪردار پڙهندڙ جي اکين آڏو جيئرو جاڳندو ٽي اُپري ٽو.

”قلوپطره!
ميجون ٿا تون هميشہ ڪان محبت جي اسيريءَ ۾،
اڪيلو ڪونہ سيرز ڪي رکين ٽِي، پر

ڪرين ٿي زلف ڪافر سان، سموري روم کي قابو،
ٻيو ڪهڙو ٻلا ڏَسُ، مصر جي آ چنڊَ جو جادو!"

تاريخي ڪردارن کي شاعريءَ ۾ سموئڻ ڪن ديومالائي (Mythological) ڪردارن کان وڌيڪ رتُ ۾لوڙعمل آهي، جو شاعر ديومالائي ڪردارن ۾ پنهنجي تصور ۽ تخيل جي زور تي انهن کي پنهنجي سوچ ۽ پسنديءَ جي ڏانچي ۾ ڦهڪائي سگهي ٿو ۽ انهن ڪردارن کي خلقيندي هُو ڪنهن سان بہ ذميدار ناهي، سواءِ ان جي، جو هُن جي تخيل ۾ آهي، پر تاريخي ڪردارن کي شاعريءَ جو موضوع بڻائڻ لاءِ فني چابڪدستيءَ کان سواءِ سندن تاريخي وجود ۽ اهميت سان هٿ چراند ڪرڻ لاءِ شاعر وٽ تواريخي تلافي نٿي ٿي سگهي. احمد سولنگيءَ قلوپطره جي سڃي ڪردار کي هُن جي چگاين ۽ لڳاين سان ئي هُن جي تصوير، تصور ۽ منظر کي شاعريءَ جي قالب ۾ ايئن ڦهڪائي پيش ڪيو آهي جو اکين اڳيان سڃو منظر ڪنهن ڇِتر شالا (Art Gallery) جيان ڦرندو ٿو رهي. چپن جا ياقوت، اکڙين جا الماس، هٿن جا اُجرا ڪنول، سون-سَريکو سينو، ڳلن جا تِر، ڏاهپ، ڪرشما، اهرام ۽ صحرا، سڃو منظر ايئن آهي جڙ رنگ- منچ تي هڪ ئي وقت قلوپطره پنهنجيءَ هر ادا سان مجسم موجود آهي.

پر ان جي ابتڙ جڏهن اسين Medieval (وچين دؤر) جي شاعريءَ کي ڏسنداسين تہ، ان ۾ ديومالائي (Mythological) ڪردارن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪندي، ان دؤر جي شاعرن نہ رڳو مبالغي آرائيءَ کان ڪم ورتو آهي، پر انهن ڪردارن کي پنهنجي تخيل جي اڏام سان يقين ۽ گمان جي حدن کان ٻاهر نڪتل آزادي پڻ ورتي آهي.

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو اڀياس ڪندي مون کي هن جي جدت ۾ پڻ درمياني دؤر جي شاعريءَ جي شرنگهار رَس (جمالياتي رَسُ چَسُ) جون جهلڪون نئين رنگ روپ ۽ رس ۾ رچيل نظر آيون آهن. سنڌي شاعريءَ ۾ شاهہ جي هيءَ سِٽَ "رَتِيءَ جي رهاڻ، جيءُ اڙايو جَتَ

سين" جمالياتي شاعريءَ جو هڪ جاذب مثال آهي، جيڪو هڪ کان وڌيڪ معنائون ڇڏائي ٿو.

شاهه سائينءَ جي هيءَ سِٽَ سنڌي جمالياتي شاعريءَ جي اُها سِٽَ آهي، جيڪا مختلف رخن کان پرکي ويچي تہ ان جون مختلف معنائون ۽ مفهوم نڪري نروار ٿيندا. رَتِي- ماسي- تولي جي جدول موجب هتي "رَتيءَ جي رهاڻ، هڪ کن، هڪ پل جي رهاڻ تہ هڪ عام فهم مطلب ۽ معنيٰ ڇڏائي سگهي ٿي، پر ڪن پارکن جي راءِ موجب 'رَتِي' ڪام ديو (جيڪو sex جو ديوتا آهي) جي پتنيءَ جي ناتي پُرش ۽ اِستريءَ جي سمپوگ (جماعَ) جي علامت پڻ بڻجي اچي ٿي.

شاهه جي هڪ ٻئي شارح جي ويچار موجب رَتيءَ جو مطلب رنگ ۾ رَچِي ويل يا 'رتل' پڻ آهي. مان پنهنجي پنهوءَ جي رنگ ۾ رچجي ايئن 'رَتِي' ٿي ويس جو ان 'رتيءَ جي رهاڻ، جيءُ اڙايو جت سين.' اهو شاهه لطيف جهڙي عظيم جمالياتي شاعر جي فن جو ئي ڪمال آهي جو ان هڪ ست ۾ جدا جدا رنگ رچجي ٿا ويجن.

شاهه لطيف کان شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام ۽ اياز کان احمد سولنگيءَ تائين جمالياتي شاعريءَ وڏي مسافت طئي ڪئي آهي. شاعريءَ جي مفهومن جا ٻہ الڳ الڳ روپ ۽ رنگ آهن: هڪ سڏو ۽ واضح مفهوم ۽ ٻيو رمزن ساڻ ريجهائڻ وارو. اهو اشارتن مفهوم، جيڪو جمالياتي حِس ۽ حواس ۾ رچجي، انهن کي متاثر ۽ معطر ڪري ٿو. اهوئي شاعريءَ جو روح سان راس رچائيندڙ عمل دخل آهي.

"رسيءَ کان مختصر، نازڪ،
سنهيءَ هِن چيلهه تنهنجيءَ کي،
سهارو ٻانهن جو آهي.
مٿان دستُور موجب ئي،

چپن تي چَپَ رکيل آهن.

بدن جڙ ڍاک جي وَلِ جئن،
بدن تي ئي وريل آهي.
هٿن جون آڱريون ويهه ئي وڃن ڳنڍيجي
اِئين ڪنهن طلسماتي موهَ ۾ ٿيون، جو
پتو ئي ڪونہ ٿو پئي ڪو
هَوس ۽ عشق ۾ ڪهڙو
ازل کان رابطو آهي؟"

شرنگهار رس يا جماليات جو سڏو واسطو ڏسڻ، ٻُڌڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي حواسن سان آهي، جن جي نازڪ ۽ لطيف فن تائين رسائي روبرو بہ آهي تہ گفتگو ذريعي پڻ. شاعريءَ ۾ جماليات جو معنوي مفهوم سونهن سوڀيا، رسُ گيان ۽ حسن پرستيءَ جو سوڪيم اظهار آهي.

جماليات لطيف فن جي اها فيلسوفي پڻ آهي، جيڪا حواسن جي نفسانيت جي رنگ روپ ۾ انساني حسن کي معراج تائين پهچائي ٿي ڇڏي. ڪاليداس جا epics 'شڪنتلا' ۽ 'ڪمار سمبو' ۽ يان پٽ جو شاهڪار ايپڪ 'ڪادمبري' شاعري ۽ رنگ-منچ جو رِل مِل روپ پسائين ٿا.

هن ننڍي ڪنڊ جي جمالياتي شاعريءَ جو پرتري هريءَ کان پوءِ وڏي ۾ وڏو شاعر چوڏهين صديءَ جو مئٿلي هوليءَ جو ڪوي ودياپتي ڪري مڃيو ويو آهي. ودياپتيءَ پنهنجيءَ هڪ ڪوتا ۾ چيو آهي: "ڪوبہ منش تيسين پورڻ (مڪمل) نٿو سمجهيو وڃي، جيسين هُن کي شرنگهار رس (جماليات) جو پورو انيونہ ٿيو هجي."

شنڪر آچاريہ کي پڻ 'سروگياني' جو پد تڏهن پراپت ٿيو جڏهن هن انهيءَ ڀاوَ جو انيو ڪيو. ڪاليداس ۽ يَو يُو وتيءَ جا سنگيت ناٽڪ، جئ ديو جو 'گيت گووند' ٽئگور جو 'چترانگدا' شاعريءَ ۾ شرنگهار رس کان اڳتي اُپري وسميءَ ۾ وجهندڙ نفساني ۽ نفسياتي

شاعريءَ جو روپ ونڻي چڪيون آهن ۽ گڏوگڏ سنگتراشيءَ جي سُندر گهڙت پڻ نظر اچن ٿيون.

ان حوالي ۾ وديا پتيءَ جي هيءَ ڪوتا:

'هرٽيءَ جهڙين اکين واري راڌا کي،
ڪرشن جي حوالي ڪري،
سڀ ساهيڙيون هليون ويون.
موقعو ملندي ئي ڪرشن جا جذبا پڙڪي اٿيا.
هُن پنهنجيءَ راڌا جو هٿ پڪڙيو،
۽ لُڀائيندڙ ڳالهين جي بارش شروع ڪري ڇڏي،
اهڙين ڏُتاريندڙ ڳالهين راڌا جي حياءَ مٿان پردو وجهي ڇڏيو.
سينگاريل ۽ نرم بستر تي،
ٻيئي مباشرت ۾ مصروف ٿي ويا،
ڪرشن، راڌا جي انگ انگ کي چُمڻ لڳو.
چُمڻ جي لذت سان راڌا بيخود ٻڌجي ڏڪڻ لڳي،
رنگين مزاج ڪرشن شهوت جي تخت تي ويهي،
هُن جي خوف ۽ هراس جي قلعي کي فتح ڪري ورتو.
هاڻي راڌا وٽ ڪو ڊپ ڊاءُ نه هئو.
عزت ۽ بچي ويئي ۽ ترپتي ۽ لذت ۽ حاصل ٿي.'
وديا پتي چئي ٿو:
"ٻُڪايل کي جيترو ڪاڌو ملي گهٽ آهي.
اهڙيءَ حالت ۾ ٻنهي جا جسم ۽ جان تڙڦندا ٿا رهن.
بي قراري سُک سُمهڻ نٿي ڏئي."

*(ترجمو: ل. ڪ)*

هيءَ مڌيه ڪالين (وچين دؤر) جي چوڏهين صديءَ جي شاعري آهي. ڇهن صدين گذرڻ بعد سوچ جو توارد ۽ ٽڪراءُ ويهين صديءَ جي هنديءَ جي سرشِٽ (برک) ڪوي وتسانين اگيه (Agya) وٽ نئين نوعيت کڻي آيو آهي:

"ڪيترين گوپين ڪيئي ڀيرا ڪنهيي کي پيار ڪيو
پر هُن پنهنجو سچو پيار اوتي ڇڏيو
ان هڪ ئي سُندرتا تي، جنهن جي هُو تلاش ۾ سرگردان رهيو
جنهن کي هُو ڪڏهن پنهنجو نه ڪري سگهيو
جيڪڏهن هُو پنهنجو پيار ڪنهن ۾ به ماڻي سگهي ها،
ته ٻئي ڪنهن پيار جا پنڌ ڇو پُڇائي ها؟
شاعر گيت مٿان گيت جوڙيندو رهيو
پر هڪ ئي موضوع کي وري وري پنهنجن گيتن ۾ ورجائيندو رهيو
ڪنهن گيت تي هن جي گرفت مضبوط نه ٿي سگهي،
نه ئي ڪو اهڙو گيت جوڙي سگهيو جيڪو هن جي دل جي ترجماني ڪري سگهي.
جي هُن کي اهڙو ڪو موضوع ملي سگهي ها،
جنهن ۾ هُو پنهنجي سڄي دل پئٽي سگهي ها،
ته ڪوئ کي ٻئي ڪنهن گيت جوڙڻ جي ضرورت ڇو محسوس ٿئي ها؟"

*(انگريزيءَ مان ترجمو : ل. ڪ)*

اڳيہ جي هيءَ ڪوتا نراشا واد يا قنوطيت پسنديءَ سان پُر آهي، پر گڏوگڏ هن جي 'تخليق جي مجبوري' پڻ هن جي اداسُينتا جو هڪ روپُ آهي. گوپيون ۾ ڪنهيو علامتون آهن نئين يُگ جون، جنهن ۾ ڪيتريون ئي گوپيون، ڪيئي ڀيرا ڪنهيي (ڪرشن) کي پيار ڪن ٿيون، پر ڪرشن جو سچو پيار هڪ راڌا مٿان ئي اوتيل آهي.

انهيءَ پيرايي ۾ احمد سولنگيءَ وٽ راڌا ۾ ڪرشن جي پريم جو تصور هڪ ڏيمي لئ، لهجي ۾ سانتيڪي سُر ۾ اچي ٿو:

"پگلي راڌا!
تنهنجي شويا،
سانجهيءَ ويلا،
ڏيئي وٽِ جان،
لاتون لاتون،

روز ٻَري ٿي!
مندر چُپ چُپ،
گھنڊَ ننڍاکا،
سانجھ سھيڑي،
پازيبن جي،
سُر جي ورکا۔
گوپيون ڳائن،
بندرا بن ۾۔
شيام ڪنھيا!
تو لئہ دوھا،
خاموشين جا!"

ھڪ شاعر جو روح لڳاتار ڪنھن نہ ڪنھن اڻ ٽڪ ڳولا ۾ سرگردان رھندو آھي. بدلجندڙ موسمن جو مزاج ٽئگور جي شاعريءَ جيان احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ ۾ مختلف موڊن (Moods) ۾ ھڪ موسم دل جي اندر، ھڪ موسم دل کان ٻاھر، جو اُپار پائي، ڪنھن رڳ جيان رُباب سان اُلجھندو آھي، ۽ ڪنھن تندُ جيان طلب سان تڙپي، روح اندر راڳ ۽ روح کان ٻاھر سرگم ٻڌجي، سُرن جي سنگيت سجائيندو آھي. ھي دل کان ٻاھر جي موسم جو اھو منظر آھي، جيڪو مھا ڪوي ٽئگور، جڏھن سنڌوءَ جي ڪپ تان سون-ورني سانجھيءَ جي لھندڙ سج کي ڏسي چيو ھئو: "مون پنھنجي سڄي ڄمار ۾ دنيا جي ڪنھن بہ ڪُنڊ تان شام جو اھڙو منظر نہ ڏٺو آھي." تڏھن ئي ھُن اُھا ڪوتا رَچي ھئي:

"تون اھڙي سُندر آھين، جھڙي شام!"

مھاڪوي رابندرناٿ ٽئگور جي مھانتا جو بنيادي نڪتو پنھنجي سون-ورني بنگال جي ڏرتيءَ جي اعليٰ قديم قدرن سان قدامت پرستيءَ کان پاسو ڪري، پنھنجي شاعريءَ جون نيون واٽون جوڙڻ رھيو.

ڪاليداس جي خوشگوار جمالياتي منظر ڪشي ۾ بنگال جي ويشنو شاعريءَ جي جذبات سان پُر، سنگيت جي موتين سان پنهنجا پلاند پرڻ هئو. هُو هڪ طرف پنهنجي ڏرتيءَ جي ڪوين ۾ سپ ڪان وڌيڪ ڏرتيءَ جو ڪوي هئو ته ٻئي طرف سپ ڪان وڌيڪ عالمي سطح جو شاعر هئو جنهن ڪري رابندر سنگيت جي ست ست ۾ سُر ۾ ساز جي جهنڪار رِلِ مِل آهي.

ٽئگور کي نثري نظم جو شاعر سمجهڻ وارن کي شايد اُهو احساس نه آهي ته نثري نظم توڙي نئين ڪوتا لکڻ لاءِ پڻ طبيعت جو موزون ۾ روان هئڻ بيحد ضروري آهي.

نثري نظم ۾ نئين ڪوتا جا ڪوي جڏهن اهو دليل پيش ڪندا آهن ته اسين تجرباتي طور بحر وزن يا چندن ۾ ماترائن کي توڙي رهيا آهيون ته انهن کي اهو ئي چئي سگهجي ٿو ته، "خدارا! پهرئين ڪجهه جوڙڻ سِکو ۾ پوءِ ئي توهان کي اهو توڙڻ جو حق حاصل ٿئي ٿو." جديد مغربي شاعريءَ جي متوالن کي اهو احساس هئڻ گهرجي ته ٽئگور جو زندگيءَ طرف نظريو هميشه قبوليت، شڪرگذاري ۾ قدر شناسيءَ وارو ئي رهيو.

هُو پنهنجي سڄي شاعريءَ ۾ ڪٿي به قنوطيت ۾ بيزاريءَ جو شڪار نه ٿيو آهي ۾ نه ئي ڪٿي هُن جديد شاعرن جيان شڪايتن ۾ آهُن، داهُن جا دفتر کوليا آهن. ٽئگور جي هڪ طويل نظم جون شروعاتي ستون آهن:

"مُرڪَ ۾ لُڙڪَ،
خوشي ۾ غم جي پينگهه ۾،
سانوڻ ۾ آرهڙ جي موسمن جيان،
جُهومي رهيا آهن.
۾ مان گيت ڳائي رهيو آهيان،
سڄي عمر گيت ڳائيندو رهندس،

چا اهائي تُنهنجي مرضي آهي؟
چا اهائي تُنهنجي خوشي آهي؟
چا اِن کري ئي تو منهنجي ڀڳچيءَ ۾،
سنگيت سان سجايل سُرهاڻ جا هار وجهي ڇڏيا آهن."

اُهي گيت ۽ نظم، جن جو موضوع محبت آهي، پوپٽ جي پرن جيان رنگ برنگي هوندا آهن. انهن جي رفتار روان دوان آهي ۽ شاعر هڪ مگن ۽ مطمئن راهگير آهي. هُو جلد باز نہ آهي، جو تڪڙيون وکون کڻي منزل ڏانهن ڊوڙندو وتي، پر ان راهگير جي اُنهن وڌايل وِکن پويان اعليٰ مقصد آهي، چوجوهُن کي زندگيءَ سان پيار آهي.

مان پنهنجي ان جاچنا جي جواب ۾ ڪنهن دليل يا حيلي حجت پيش ڪرڻ بدران احمد سولنگيءَ جو نظم، "مدهوش راتين جي جنت" پيش ڪريان ٿو:

"ڪنهن نئين عشق جي آرزوءَ ۾ وري،
زندگيءَ جي مُنديءَ ۾ ٿو پُورو پوان.
ڪوبہ تنهنجو تصور جڏهن ٿو جُڙي،
باک گهري گگن ۾ ٿي وکري وڃي،
سُرخ، زرتار، باريک پوشاک مان،
تنهنجو چاندي بدن ايئن ٿو ڏيکارجي،
جڙ ته ڪا، جل پري نِڪتي سنڈوءَ منجهان.
تنهنجي چوٽيءَ جي خوشبوءَ ۾ خاموش جڙ،
ڪائي مدهوش راتين جي جنت هئي،
تنهنجي شمشاد قد جي مٿان پَرَ هڻن،
هُئي عقابن کي اهڙي نہ ڪا ئي مجال!
تنهنجي ڳل تي، ڳچيءَ تي تِرن جا پُڙا،
جڙ خُدا سونهن جا توکي تمغا ڏنا!

تنهنجي اکڙين جون ڇُڙواڳ چوليون گرمُ،
سرد رُتِ ۾ محبت جو ساحل هُيون!
وقت گذري ويو،
اک ۾ تنهنجو تصور ئي رهجي ويو،
ڪنهن نئين عشق جي آرزوءَ ۾ وري،
زندگيءَ ۾ نئون رنگُ پرٽو پيو!"

انگريزي شاعريءَ ۾ رومانوي شاعري گذريل ٻن صدين تائين عروج تي رهي، جو ان ۾ هڪ مخصوص (Romantic School of Thought) (رومانوي مڪتبِ فڪر) هن ننڍي کنڊ جي شاعريءَ سميت پوري عالمي شاعريءَ مٿان حاوي رهيو ۽ ان جو اثر اڄ تائين جاري ۽ ساري آهي، پر جمالياتي شاعري (Aesthetic Poetry) خالص هن کنڊ (Continent) جي پيداوار آهي.

برصغير جي شاعريءَ ۾ غالب وٽ Imagery تہ عروج تي آهي، پر هن وٽ جمالياتي شاعريءَ جا عنصر ڪٿي بہ واضح نہ آهن. وڌ ۾ وڌ غالب جي هينئين ستن جهڙي شاعريءَ مان ڪي جمالياتي نقطا تلاش ڪري سگهجن ٿا:

"شرم رسوائی سے جا چھپنا نقابِ خاک میں
ختم ہے الفت کی تجھ پر پردہ داری، ہائے ہائے!"

ٻئي طرف هن جي پيشرُو شاعر مير تقي مير وٽ جمالياتي شاعري هڪ اٽ ڇُتي رنگ روپ ۽ روانيءَ سان درياهہ جي چولين جيان ڇُلڪندي نظر اچي ٿي.

"وصل میں رنگ اُڑ گیا میرا
ہجر کو کیا مُنہ دکھاؤں گا؟"

برصغير جي جديد شاعريءَ جا نمائنده شاعر هر ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ اوس هوندا. پر منهنجي اپياس موجب جديد اردو شاعريءَ جو باني ثناءُالله بٽ (ميراجي)، جديد هندي شاعريءَ جو باني 'سوريه کانت نرالا' ۽ سنڌي جديد شاعريءَ جو باني 'هريش واسواڻي' آهن. ميراجيءَ اردوءَ ۾ هندي لهجي واري شاعري تخليق ڪري هڪ نئين ڊڪشن سان گڏوگڏ خيال جي گهرائي پيدا ڪري، نه رڳو جديد شاعراڻي سوچ کي وسعت ڏني، پر پنهنجي لَئ-ٻريي لهجي سان اردو ۽ هندي شاعريءَ کي هم آهنگ ڪري ڇڏيو:

"جب نيندوں سے جاگیں گے
اور سپنوں کو تیاگیں گے
تب کیسی حالت ہو گی
بپتایا راحت ہو گی؟"

ميراجيءَ وٽ ادب انساني قدرن جي نت نين منزلن جو ڏَسُ ڏيندو آهي، هُن لاءِ ادب ڪنهن خارجي حقيقت جو عڪس يا اولڙو ناهي، پر ڪنهن اٽڪل جستجو جو ٻيو نالو آهي. ڊاڪٽر وزير آغا جي چوڻ موجب: "جديد اردو نظم ۾ مٿاهينءَ کان هيناهينءَ ڏانهن وڌڻ جو آغاز ميراجيءَ سان ٿئي ٿو."

"میں دندھلی نیند میں لیٹا تھا، سو پردوں سے وہ جاگ اُٹھی
ھلکی ھلکی بستی آئی، اور چھائی میٹھی خوشبو سی،
باریک دوپٹا سر پہ لیئے، اور آنچل کو قابو میں کیئے
چنچل نینوں کو اوٹ دیئے، شرمیلا گھونگھٹ تھامی تھی۔"

ميراجي جڏهن دهليءَ ۾ آل انڊيا ريڊيو تي اسڪرپٽ رائيٽر هئو تہ استوڊيو ۾ نشريات شروع ڪرڻ کان پهرين، استوڊيو جو در اندران بند ڪري پنهنجي جسم جي تاٽيل رڳن کي هٿ سان خارج ڪري رلئڪس ٿي، پوءِ ئي نشريات ڪري سگهندو هئو. ان موضوع تي هِن ٻہ

نظم 'لبِ جوئباری' ۽ "رس کی انوکھی لہریں" بہ لکيا آهن. جيڪي ڪن نقادن شاهڪار نظم ڪري مڃيا آهن. پر گڏوگڏ "لبِ جوئباری" ميراجيءَ جو بدنام ترين نظم بہ آهي. رڳو اهو نظم ئي نہ بلڪ ميراجيءَ جي سڄي شاعريءَ کي غلاضت جو ڍير سڏي. ترقي پسندن ميراجيءَ کي ادب کان ٻاهر ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي. پر ميراجيءَ جي شاعريءَ ۾ جيئن تہ زندگيءَ جون سچايون موجود هيون. ان ڪري اڄ بہ هن جي شاعريءَ جي اهميت ۽ بلنديِ جيئن جو تيئن برقرار آهي. شيخ ايازِ پڻ ميراجيءَ کي جديد اردو شاعريءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر قرار ڏنو آهي. 'لبِ جوئباري' نظم جو آغاز هنن سٽن سان ٿئي ٿو:

"ایک ہی پل کیلئے بیٹھ کر ہم اُٹھ بیٹھے،
آنکھ نے صرف یہ دیکھا کہ نستہ بُت ہے،
نہیں بصارت کو نہ تھی تاب کہ وہ دیکھ سکے،
کیسے تلوار چلی، کیسے زمیں کا سینہ،
ایک لمحے کے لئے چشمہ کی مانند بنا،
پردہ چشم نے صرف ایک نستہ بُت کو،
ذہن کے دائرِ خاص میں مرکوز کیا۔"

۽ نظم جو آخري بند آهي:

"جل پری آئی کہاں سے؟ وہ اسی بستر پر"

ميراجيءَ سان عمر وفا نہ ڪئي. هن رڳو ستٽيهہ سال مختصر عمر ماڻي نہ تہ هُو اردو/ هندي ادب کي الائي ڪيترو املهہ سرمايو ڏيئي وڃي ها. پوءِ بہ هُو نثر ۽ نظم جي تيرهن مجموعن جو خالق آهي. ان جي ابتڙ هن جي همعصر نذر محمد راشد (ن۔ م۔ راشد) اسي سالن کن جيتري جمار تائين جديد اردو شاعريءَ کي چگو اڳتي وڌايو. پوءِ بہ اردوءَ ۾ جديد شاعريءَ جو باني ميراجيءَ کي ئي مڃيو ويندو. ميراجيءَ

جي جمالياتي شاعريءَ جو تجزيو ڪندي، ن- م راشد هن مٿان فحاشيءَ جي الزام کي رد ڪندي لکي ٿو:

"ميراجيءَ جو مقصد ڪڏهن بہ شهوتي جذبن کي اُپارڻ نہ هئو هن مٿان اهو الزام مڙهڻ تہ هُو بيمار ذهن رکندڙ هئو جنهن مٿان سدائين جنسيات سوار هئي ۽ هُو فحاشيءَ جو پرچارڪ هئو. بنهہ شرارت آميز سوچ آهي. حقيقت اها آهي تہ ميراجيءَ کي اهو يقين آهي تہ اسان جي دؤر جي انسان جي اخلاقي شڪست ۽ پستيءَ جو اصل ڪارڻ رازداري آهي، جنهن جي پردي ۾ جنس جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي ۽ جنس جي باري ۾ اهي نيم اخلاقي ۽ اياڻپ وارا عقيدا آهن. ميراجيءَ جي شاعري ان ڪري ئي جڙ انسان کي غلاضت ۽ شيطاني توڙي شهوتي عمل کان نجات ڏيارڻ جي ڪوشش آهي، جيڪا هن جي تحت الشعور جي چوڌاري صدين کان گڏ ٿي چڪي آهي. ميراجيءَ جي شاعري ان نام نهاد اخلاقي تصور خلاف احتجاج جي صدا آهي، جنهن انسان جي روح کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي."

خود ميراجيءَ پنهنجي جنسيات جي تصور جي وضاحت ڪندي چيو آهي:

"ڪيترا شخص ايئن سمجهي رهيا آهن تہ زندگيءَ جو رڳو جنسي پهلو منهنجي توجهہ جو مرڪز آهي، پر اهو خيال صحيح ناهي. جنسي فعل ۽ ان جي تعلق کي مان قدرت جي وڏي نعمت ۽ زندگيءَ جي سڀ کان وڏي راحت ۽ برڪت ڪري سمجهان ٿو. جنس جي چوڌاري جيڪا آلودگي تهذيب ۽ تمدن گڏ ڪري رکي آهي، اها مون کي بيهوده لڳندي آهي. ان ڪري ردعمل طور مان دنيا جي هر ڀالهہ کي جنس جي ان تصور جي آئيني ۾ ڏسان ٿو. جيڪو فطرت جي بنهہ مطابق آهي ۽ منهنجو آدرش آهي."

ان ئي آدرش هيٺ ميراجيءَ جو عشق بينگالي دوشيزه ميراسين تائين ئي محدود رهيو. ان جي ابتڙ احمد سولنگيءَ جي عشق جو تصور بسيارگوئيءَ تي ٻيٺل آهي:

”مون تہ سوچيو ڪين هو مُنهنجي منڀ،
پنهنجي جوپن جو تون بخشيندينءَ بهارُ!
رات جو جگنوءَ جيان ۽ ڏينهن جو،
پوپٽن ۾ تون ڪندينءَ پنهنجو شمارُ!

رات ساري مُنهنجي سيني تي سُتينءَ،
ڪونجَ جهڙي تون ڇچيءَ سان ڇَهَرجِي!
خوابَ جهڙي ڪنهن جزيري ۾ پُڄي،
ننڊ – پاڪر ۾ وئينءَ تون ويڙهجي!

سانوٽيءَ جو چاڙهُ، مستي مُند جي،
جسمَ تنهنجي ۾ ندڀءَ جهڙو اُپار،
تون بدن جي سون ٽڪريءَ تان سَڪِي!
پنهنجي ڇاتيءَ جي چڪورين کي اُڏار.

نغمگي پازيبَ تنهنجي جي ٻُڌي،
روح جي تاريڪ تَهخاني مٿان،
تنهنجي پنبڻين جا ڇَپرَ ڪارا ڪَڪَرَ،
رات ڇانيل ڇڻ تہ مڌخاني مٿان.

مون تہ سوچيو ڪين هو منهنجي مِنڀ!
پاڻُ اربي، پاڻَ لاهيندينءَ لباسُ،
ڏينهن جو سوچي، رتوليءَ رات تي،
تون اڪيلائيءَ ۾ ٽي ويندينءَ اداسُ!“

ميراجيءَ وٽ محبوبا جو 'پاڻُ ارپي لباسُ لاهڻ' وارو تصور نہ هئو ۽ نہ ئي ننڍ پاڪ ۾ ويڙهجي ويڻ جو ڪو تخيل هئو. ميراجيءَ رڳو هڪ پيرو همٿ ٻڌي لاهور ۾ ڪاليج جي احاطي ٻاهران ميراسين کي بيهاري پنهنجي عشق جو اظهار ڪيو تہ ميراسين بنا هڪ اکر ڳالهائڻ جي چپ چاپ هُن کي ٻُڌندي رهي. جڏهن ميراجيءَ پنهنجي سڃي دل هن اڳيان پيٽي رکي تہ ميراسين هن کان رڳو ايترو پُڇيو: "توهان پنهنجي ڳالهہ پوري ڪئي؟ هاڻي مان وڃان؟" ميراجيءَ جي وات مان رڳو هڪ اکر اُڪليو. "ها". ۽ ميراسين هن کي 'خدا حافظ' چئي هلي ويئي ۽ ڪجهہ ڏينهن اندر لاهور ئي ڇڏي ويئي.

ان ملاقات کان پوءِ ثناءالله بٽ پنهنجو ادبي نالو 'ميراجي' رکيو ۽ 'ميرا' جي ياد ۾ پنهنجا ڪيترا نظم هن سکر ۾ سنڌوءَ جي ڪناري تي ويهي تخليق ڪيا، جتي هن جو والد ريلوائي ملازم هُئو.

اڄ جو دؤر رياض خير آبادي واري شاعريءَ جو دؤر ناهي، جنهن جي هر مصرع شراب، ساقي ۽ جام و مينا ۾ ئي ٻُڌل هجي ۽ هر ست ان ئي محور تي ڦرندي رهي:

"طاقِ حرم سے شیخ وہ بوتل اُٹھا تو لا۔"

حالانڪ رياض خيرآباديءَ سڃي زندگيءَ ۾ ڪڏهن شراب چکي بہ نہ ڏٺو هئو. اهڙي غير مشاهدي واري شاعري گهڻو عرصو جٽادار نٿي رهي.

اڏ صدي گذرڻ کان پوءِ بہ اڄ جو دؤر ميراجي ۽ ن۔م راشد جي جديد شاعراڻي سوچ، رخ ۽ رويي سان جاري و ساري آهي.

عالمي سطح تي اڄ جو دؤر فرانسي شاعر Lautreamount لاٽريمائونٽ جي 'Songs of Maldoror' (مالدورار جا گيت) واري شاعريءَ جو دؤر آهي، جن ۾ گيتن جو هڪ پيغمبراڻو شان ۽ جلوو نظر اچي رهيو آ هي. مالدورار جي گيت جي هڪ ست آهي:

"They knew not that the evil done by man was not to be undone."

(کين اُها ڄاڻ نہ هئي تہ هڪ شخص جي شيطاني عمل کي باطل نٿو ڪري سگهجي.)

اڄ جو دؤر Sylvia Plath (سئلويا پلاٿ) جو دؤر آهي، هي ستون:

"ايڏا ڪيترو فاصلو آهي؟
مان پنهنجي جسم کي گهلي رهي آهيان.
ريل پنهنجو پاڻ کي."

اڄ جو دؤر وليم بليڪ William Black ۽ T.S. Eliot جي سلسلي جي Extension (پکيڙ) جو دؤر آهي. سوئيز جي هُن طرف محمود درويش جو دؤر آهي. ترڪيءَ جي ناظم حڪمت جو قيد و بند آهي. اهڙي شاعري ايڏا بہ ان وکر جيان آهي، جيڪا پئي پُراڻي نہ ٿي آهي.

T. S. Eliot جي 'West land' جي هڪ سٽ آهي:

"They, who turn –Return"

*(جي مُڙن ٿا ـ موٽن ٿا)*

انساني رشتن ناتن ۾ دائمي قدرن واري شاعري ڪنهن هڪ دؤر ۾ مُڙندي آهي تہ ايندڙ دؤر ۾ موٽي ايندي آهي ۽ Hollow man نئين سوچ سان ٻيهر 'Man of Substance' (مردِ ڪامل) ٿي واپس ورندو آهي.

برصغير جي سطح تي سرحد جي هڪ پار ناصر ڪاظمي ۽ مُصطفيٰ زيدي ٻئي پار دشينت ڪمار ۽ ڪملا داس جي شاعريءَ جو دؤر آهي. جن وٽ شاعريءَ داخليت کان خارجيت طرف سفر ڪيو آهي. اڄ جي نسل جي شاعرن کي سمجهه ۾ اچي ويو آهي تہ:

"Greater the poet - greater is the detachment"

(هڪ شاعر جي عظمت هُن جي ناوابستگيءَ ۾ آهي.)

اڄ جي شاعر جي سوچ فيض جي هن مصرع جو عڪس آهي.

"چھوڑیئے یوسف گم گشتہ کی کیا بات کریں،
شدتِ شوقِ زلیخا نہ تجھے ہے، نہ مجھے!"

شعر ۾ ڪو نُقطو پيدا ڪرڻ ڪا وڏي شاعري ناهي، پر لاشعوري طور ڪنهن جي شاعريءَ ۾ ڪي نوان نُقطا نڪري نِروار ٿين تہ اُها شاعر جي ذهني تربيت يا هُن جو مخصوص مشاهدو آهي. هنديءَ جي شاعر دشينت ڪمار جي غزل جو هڪ بند آهي:

"تو کوئی ریل سی گذرتی ہے،
میں کوئی پُل سا تھرتھراتا ہوں!"

هي بند هڪ نئين خيال ۽ نئين مشاهدي جو مثال آهي. اهڙي ئي جديد سوچ ۽ مشاهدو احمد سولنگيءَ وٽ هنن ستن ۾ شعريت جي شڪل وٺي ٻيٺو آهي:

"تنهنجي تَنَ ڪان تنهنجي من تائين رڳو
مان نرم ڪي روحَ جا رستا گُهران ٿو
تنهنجي اکڙين سان ڏسڻ سپنا گُهران ٿو!"

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جي هن پهرئين مجموعي جي مسودي جو ورود ڪندي مون کي مليالم ٻوليءَ جي اهم اديبہ ۽ شاعره ڪملا داس جي شاعري ذهن تي تري آئي آهي. ڪملا داس جي مشهور ۽ متضاد آتم ڪتا My Story (منهنجي ڪهاڻي) هن جي زندگيءَ جو رنگين، پر هڪ دُک ڀريو داستان آهي. مان نٽو ڀانيان تہ برصغير جي ادب ۾ ڪنهن اديبا ايتري بيباڪيءَ سان پنهنجي زندگيءَ جي واقعن، وارداتن، آزمودن ۽ تجربن جو بيان ڪيو هوندو. ستر سالن جي عمر ۾ اچي هن ماڏو ڪتيءَ نالي برهمڻيءَ الائي ڪهڙيءَ مصلحت هيٺ اسلام قبول ڪري پنهنجو نالو ڪملا ثريا داس رکيو ۽ پرده نشين ٿي ويئي. ان حوالي ۾ هن جي هڪ نظم جون ستون آهن:

"The begining of Autumn
She floats in her autumn

Yellow like a leaf
And free-"

(پن ڇڙ جي شروع ٿيڙ سان ئي هوءَ پنهنجي ئي پن ڇڙ واري زندگيءَ ۾ پيلي پَنَ جيان هيڏانهن هوڏانهن اُڏامڻ ٿي لڳي- پر آزاديءَ سان!)

آسٽريليائي اديب Syd Harrex ڪملا ثريا داس جو تعارف ڪرائيندي لکيو آهي:

"ڪملا داس جي شاعري ان ماڊرن هندستاني عورت جو المیو بيان ڪري ٿي، جيڪا پنهنجو پاڻ کي آزاد ڪرڻ، جنسي ۽ گهريلو استحصال کان پاڻ کي بچائڻ ۽ ان قيد کان پاڻ کي نجات ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي، جنهن کي معاشري هن جي نصيب جو حصو بڻايو آهي."

انهيءَ پس منظر ۾ ڪملا ثريا داس جو هي نظم:

From the debris of House – wrecks,
Pick up my broken face
Your bride's face
Changed a little with the years.
I Shall not remember
The betrayed Honeymoon;
We are both such cynics,
You and I.
If loving me was hard then
It is harder now.
But love me- one day.

(ڏهي پٽ پيل گهر جي ملبي جي ڍير مان،
منهنجو ٽُٽل چهرو کڻي وڃ!
تنهنجي ونيءَ جو چهرو.

سالن گذرڻ سان ڪجھ بدلجي ويو آھي.
مان دغابازيءَ واري سُھاڳ رات کي،
وساري ڇڏيندیس.
ٻيئي اھڙا پورالا آھيون،
تون ۽ مان،
جوان وقت اگر پيار ڏکيو ھئو،
تہ ھاڻي مشڪل تر آھي،
پر ھڪ ڏينھن مون کي پيار اوس ڪر.)

*(ترجمو: ل. ڪ)*

ڪملا ثريا داس جو چوڻ آھي تہ: "اسان جو حال ايترو دلچسپ نہ ھوندو آھي، جيترو اسان جو ماضي ھوندو آھي. مان پنھنجي ماضيءَ جي بنديوان ٽيڙ نٽي چاھيان، پر مان ڇا ڪريان؟ جو مان پنھنجو ماضي وڪڙڻ لڳي آھيان، ان کي ماڻھن ۾ ورھائڻ لڳي آھيان. جنھن کي ٻہ رات جي مانيءَ تي سڏايان ٿي تہ مان ھُن کي چوان ٿي تہ ھُو ٿورو گھڻو منھنجي ماضيءَ جي طعام جو ٻہ سواد چکي. ھُو منھنجي ماضيءَ کي پاڻيءَ جيان پيئي ۽ ڪڏھن ڪڏھن ايئن ٻہ ٿئي تہ ماڻھو منھنجي ماضيءَ کي شراب وانگر جام مٿان جام جيان رات گذرڻ تائين پيئندا رھن. منھنجي ماضيءَ جون سڀ ذائقي دار ھڏيون چوسي ڇڏين، چٻاڙي ڇڏين ۽ مان ماضيءَ جي طاقت کان پاڻ کي خالي سمجھي، ھڪ ڪمزور ۽ نڍال جيان ھڪ پاسي ڪنڊ ڏاري ڇڏيان."

ڪملا داس جو شاعريءَ طرف ھيءُ رُخ مون کي متاثر ڪندڙ حد تائين احمد سولنگيءَ جي سوچ سان لاڳاپيل لڳو آھي، جو احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ ۾ پڻ رڳو ڪنھن تصوراتي زندگيءَ جو نفعي نقصان وارو عالم نہ، پر ھڪ جاتل سجاتل ۽ گھاريل زندگيءَ جا الميا آھن. اندر ۾ اٽندڙ ھڪ ويڙھ آھي، جيڪا اسان کي گھوٽي ٻہ ٿي تہ گڏوگڏ اسان جا گھاوَ ٻہ پري ٿي ۽ پيار ۽ پيڙا کي رِل مِل ڪري، اسان کي ھر موڙ تي زندگيءَ سان جوڙي پڻ ٿي. شاعري پنھنجيءَ پَر ۾ ئي

شاعر جي وجود جو هڪ اهم حصو آهي. پنهنجن زخمن مٽان پاڻ پَڌا رکڻ وارو عمل آهي، جنهن ۾ پيڙا بہ آهي، پڇتاءُ بہ آهي تہ هيانءُ هلکو ڪرڻ جو سرو سامان پڻ آهي:

"پَنَ پيلا پيا ڇڻي،
ءِ اُداسي وئي هلي،
ميڙَ جان پگِهري وئي،
شهر پٿر جي ڳلي!

سانجهہ سُرمئيءَ سان ويو،
درد جو گَهرو غبارُ،
تو اُجاريا آئينا،
چاندني ٿي بيڪنارُ.

ٿيا منور ميرڙا،
ڪي گهروندا روحَ جا،
منهنجي من جي ماٽڪين،
خواب چهرن جا ڏٺا!

سِپَ ساحل جي مٽان،
سمنڊَ کي سوگهو ڪيو،
ريت جي ذرڙن منجهان،
چنڊُ ڪو جاڳِي پيو!"

احمد سولنگيءَ جو هي نظم منهنجي مٽيئن تشريح جي نمائندگي ڪندي، من جي انهن ڪُنڊن کي اُجاڳر ڪري ٿو جن ۾ 'پيار ءِ پيڙا' زندگيءَ جي هر موڙ تي هڪ ٻئي سان جُڙيل آهن. پيلا پَنَ ڇَڻي پوڻ سان اُداسي ختم ٿي وڃي ٿي. سانجهہ سُرمئيءَ سان دل جو گَهرو غُبار غائب ٿي ٿو وڃي، نہ تہ اڄ جي هن انڌي يُگَ ۾ اسان جي

اکين ۾ ايتري تہ ڏوڙ پَرجي چڪي آهي جو اسان کي احساس ٿي رهيو آهي تہ جڙ صبح ايندا جاڳيو ئي ناهي.

-پر احمد سولنگيءَ جي شاعراڻي سوچ ۾ مَن جي ماڻڪين، چهرن جا خواب ڏسي، ريت جي ذرڙن مٿان چنڊ کي جاڳايو آهي. هتي ريت جا ذرڙا اسان جي اڄ جي زندگيءَ جي علامت بڻجي آيا آهن ۽ چنڊ جي چانڊوڪي، ان حقيقت جي علامت آهي تہ اسان جن واٽن تي وک وڌائي رهيا آهيون، انهن واٽن مان وشواس وڃايو ناهي، سڳن آهوجا جي هن سِٽَ جيان:

"مهلقائن کي خدارا ڳالهہ هيءَ سمجهائي ڇڏ
چنڊ ڪنهن جو پي هجي، پر چاندني سڀ جي هجي!"

احمد سولنگيءَ پڻ جاڳيل چنڊ وقت اها ئي تمنا ڪئي آهي:

"ٿيا منور ميرڙا،
کي گهروندا روحَ جا،"

شاعريءَ ۾ ڪردارنگاري هڪ روايتي، پر قبوليت جوڳو موضوع پئي رهيو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن ڪوتا يا نظم ۾ اُپاريل ڪردار Legendry ڪردار بڻجي لازوال ٿي ويندا آهن، جيئن انگريزي شاعريءَ ۾ 'قبلائي خان' جو ڪردار عالمي شاعريءَ جو هڪ جاودان ڪردار بڻجي چڪو آهي، ۽ John Keats جو 'Ruth'جو ڪردار هڪ حسين دوشيزه جي عشق جي المييي جو حد نشان بڻجي چڪو آهي.

احمد سولنگيءَ جو شهنائي نواز 'بسم الله خان' نالي نظم سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ مخصوص مقام والاري سگهندو. جو احمد سولنگيءَ جي هن نظم هڪ عظيم فنڪار کي پنهنجي شاعريءَ ذريعي امرتا بخشي ڇڏي آهي. مان هتي اهو سجو ئي نظم درج ڪرڻ کان پنهنجي قلم کي روڪي نٿو سگهان.

”فنڪار جي دل،
درد جا جيڪي ٻُرائي ٻول ٿي،
سي، ڪهڙي پُڙ ۾ تا ٿُرن؟
ڪا ساهمي شرناءِ جي آوازَ ڪي،
توري نہ ٿي ڪڏهين سگهي،
شرناءِ ٿي ڇاتي ڇِڻي!
فنڪار جي اک ٿي وَسي،
هر وقت اوهيڙا ڪري.
ڄڻ ڦوڪ هڪڙيءَ ساڻ بسم الله جي،
سُرهي چنبيليءَ ول ٿِي
سُر، سازَ ۽ آواز جي نِڙيو پوي،
۽ روح کي ويڙهيو ويجي!
ڄڻ ٻن چپن، ڦُوڪيل متن ۽ آڱرين،
دنيا نئين تخليق ڪئي!
ڌرتي نئين، آڪاس نئون،
گنگا نئين،
باکون بنارس جون نيون،
سورج مُکين لئہ سِجُ نئون،
اوڙون نيون ۽ ٻجُ نئون.
ڪا چيٽ جي ڦُولارَ نئين،
ويساکَ جون ويرون نيون،
هڪڙي بنارس جي اندر،
هڪ ٻئي بنارس جو هجڻ،
ايئن ٿو لڳي:
فنڪار ڄڻ جوڙون نيون،

جنسارَ جون جوڙيون هجن!"

شهنائي نواز 'بسم الله خان' بنارس ۾ روز پرڀات جو گنگا نديءَ جي گهاٽ تي شهنائيءَ جي آلاپ ۾ سُرن سان سرسوتي وندنا ڪندو هئو ۽ ان وقت ڪاشيءَ (بنارس) جي دشميشور گهاٽ تي ڇڙ سرڳ جو ڏيک محسوس ٿيندو هئو. خان صاحب جڏهن آمريڪا جي دوري تي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ ويو تہ سندس اتان جي شائقين خان صاحب کي چيو: "آمريڪا ۾ توهان کي شهريت جا سڀ حق ڏيئي، توهان کي آبرودار رُتبو ڏيئي، مالي آسودگي ڏيئي توهان کي هميشہ لاءِ هتي رهي پوڻ جي آڇ ٿا ڪريون. توهان مهرباني ڪري اها آڇ قبول ڪريو" تہ بسم الله خان کين مرڪي جواب ڏنو: "پر هتي مون کي گنگا (ندي) ڪٿان ملندي؟"

ازرا پائونڊ جي 'ڪينٽوز' جيڪا قطعن جهڙي شاعراٽي صنف آهي، انهن ۾ بہ ڪردار نگاريءَ جا عنصر اڃ بہ نہ رڳو ظاهر ظهور آهن، پر قبوليت جوڳا پڻ، 'Sales Girl' جهڙو ڪردار ازرا پائونڊ چئن سٽن ۾ ايئن نباهيو آهي، جو هوءَ همدرديءَ جي هڪ نئين ڪُنڊ اُجاڳر ڪري ٿي ڇڏي.

ننڍي ڪنڊ جي ادب ۾ ڪردار نگاري توڙي ڪردار ڪُشي اڄ بہ اهميت پري اوس آهي، پر اها ڪهاڻي يا ناول جي موضوع تائين محدود رهجي ويئي آهي. هندستاني ادب ۾ هندي، گجراتي ۽ بينگالي شاعري هاڻي جديديت (Modernism) کان گهڻو اڳتي نڪري جديديت پُڄاڻان (Post Modernism) جون سرحدون پڻ پار ڪري چڪي آهي. جيتوڻيڪ مذڪور ٽنهي ٻولين ۾ اها شاعري پنهنجي اصليت (genuineness)سان آئي آهي، پر سنڌيءَ ۾، خاص طور سنڌ هند جي ڪن نوخيز (amature) شاعرن وٽ اها فئشن پرستيءَ طور اچي پهتي آهي. هتي مان هنديءَ جي نئين شاعريءَ جي نمائنده شاعر 'سرويشور ديال سڪسينہ' جي هڪ ڪوتا 'دستاني' جو مثال پيش ڪريان ٿو:

"پڑھو ننگے پیٹ پر
گرد آلودہ پسینے کی دھار کو۔
انقلاب کی تحریر کی طرح،
اور اُسے اٹھاؤ
جو بوجھ سے تھک کر گر رہا ہے،
زباں کٹی ہوئی ہے
پُکارنے سے معذور ہے
تباہی اس کا مقدر ہے
---انگلیوں میں چبھے کانٹے
تم سوچتی ہو گی
وہ تو ظلم سہنے کیلئے ہی بنا ہے
بے جان ہے، اُس کی رگوں میں خون نہیں ہے
لیکن یاد رکھو---
ناانصافی اور سزا کی حد
جب گذر جاتی ہے
تو بے جان میں سب سے پہلے جان آجاتی ہے۔"

احمد سولنگي ورهاڱي کان پوءِ پيدا ٿيل شاعريءَ جي چوٿين پيڑهيءَ جو شاعر آهي. جنهن شاعريءَ جي ان اصول کي قبول نہ ڪيو آهي تہ "شاعر جيڪڏهن سماج جي اک آهي تہ اُهو سماج جي فائدي وٽان ئي آهي تہ اها اک ڪليل رهي." احمد سولنگيءَ جي سوچ موجب، هُن جي شاعراڻي جوابداري رڳو سماجي سياهہ ڪارين تائين ئي محدود نہ آهي. هن جي وابستگي اندر جي اک سان اول آهي. احمد سولنگيءَ وٽ رڳو سماج جي ليڙون ليڙون ٿيل لٽن ۽ پنهنجي روح جو درد لکائڻ جي دعويٰ ڪندڙ شاعري نہ آهي، پر هن جي شاعريءَ ۾

جيڪو اندر جو اُهاڻ لڪل آهي، ان کي کڻڻو به نالو ڏيئي سگهجي ٿو. سوچ جي ڪسوٽيءَ تي اهائي کري (Genuine) شاعريءَ جو رتبو ماڻيندي:

"ڪتين سان، چندَ سان تارا، پيا آڪاسَ ۾ جاڳن،
سڀاجها، نيٺ احمد جا، ڪٿي آرام ڳولن ٿا!"

يا

"تون به تنها زندگيءَ جو سمنڊُ جهاڳين ٿي پئي،
جٽ اڪيلائيءَ جا اُڏما حال ٿا اوري وجن.
شامَ جي خوشبو لفافي ۾ ايا موجود آهِ،
لڙڪ هاڻا تنهنجي خط جا لفظ ٿا جهوري وجن!"

احمد سولنگيءَ جون هي ستون قديم کان قديم ۽ جديد کان جديد شاعريءَ تائين هڪ شاعر جي اندر جي احساسن جي اهڙي ترجماني ڪري سگهنديون، جو انهن ستن جي خالق کي ڪنهن به مخصوص دؤر سان وابسته يا ان ۾ پابند نه ڪري سگهبو. ايئن جيئن اڌ صدي اڳ جون لکيل اختر شيرانيءَ جون هي ستون:

"مِٹ گئے میری امیدوں کی طرح لفظ مگر،
آج تک تیرے خطوں سے تیری خوشبو نہ گئی۔"

جيئن زندگيءَ ۾ پيار کڏهن پُراڻو نه ٿيندو آهي تيئن شاعريءَ ۾ پڻ عشق جو جذبو جاودان ۽ جاذب ئي رهندو آيو آهي. احمد سولنگي بنيادي طور رومانوي شاعر آهي، ان ڪري هُن جي شاعريءَ کي ڪنهن تحريڪي يا تاثراتي خانن ۾ بند نٿو ڪري سگهجي، خاص ڪري جڏهن هُن جي شاعريءَ ۾ اظهار جي اعليٰ قوت، لفظن جون صحيح معنائون ۽ مفهوم ۽ سِٽن جي روح سان راس رچائڻ واري رواني، لهرن جي مڌُر پڙلاءَ جو رس ڏئي ٿي. احمد سولنگيءَ پنهنجن اڪثر نظمن ۾ شبد پندار (Poetic Vocabulary) کي نه رڳو وسعت ڏني آهي، پر

خيال ۾ ٻوليءَ جي رنگ رس جا نوان فن ۾ فارم ۽ تخليق ڪيا آهن. هن جي شاعريءَ جي ست ست پنهنجو پاڻ ۾ ئي هڪ مڪمل شاعري آهي.

"ڏنڊَ سُفيد پکين سان چانيل،
ڪنهن شاعر جو خوابُ اٽيئي."

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو اڀياس ڪندي مون کي اهو احساس ٿي رهيو آهي ته سوَ سالن بعد ۽ عظيم شاعرن جي سلسلي جون اُهي ڳڙيون، جيڪي ماضيءَ کي حال سان مضبوطيءَ سان جوڙي بيٺيون آهن، انهن مٿان ڪڏهن ڪا ڪَٽ نہ چڙهي سگهندي آهي. روس جي عظيم شاعر ماياڪوسڪيءَ جي هيءَ ڪوتا:

"جڏهن انڊلٽ،
ڪمان جي شڪل ۾
آسمان تي وراڪا ڏئي ٿي،
۽ نيرو آسمان،
ڪنهن ۽ ڳنڍ يا چَتيءَ کان سواءِ،
چمڪڻ ٿو لڳي،
مون کي ٻُڌاءِ!
ان وقت تنهنجين پاسرين ۾،
ڪا مني ڪتڪتائي نٿي ٿئي؟
تون ان وقت ايئن نہ چاهيندو آهين،
ته تنهنجيءَ قميص اندر لڪل چاتي،
ڪپڙن جو بوجو لاهي ڦٽي ڪري چڏي،
۽ ان بدران توکي ڪنب نڪري اچن،
جيئن تون آڪاس ۾ اڏامڻ لڳين."

*(ترجمو: ل. ڪ)*

ڪنهن خاص سياسي مصلحت هيٺ ولاديمير ماياڪوسڪيءَ کي رڳو انقلابي شاعر ڪري پيش ڪيو ويو هئو نہ ته هُو بنيادي طور

هڪ رومانوي شاعر هئو. هن جي انقلاب جو تصور بہ 'Romantic Revolution' (رومانوي انقلاب) هئو. پبلو نرودا جي چوڻ موجب، ماياڪو وسڪيءَ جي شاعراڻي قوت، شگفتگي ۽ صلاحيت شاعريءَ جي فن جا عاليشان، اڻ ڀُتل ۽ مثالي نمونا آهن.

ماياڪو وسڪيءَ جو طويل نظم "IT" (هن لفظ جو سنڌي ترجمو نٿو ٿي سگهي) هن جي 'ماريا' سان ڪيل پيار جي دردناڪ پڇاڙيءَ جي نتيجي طور تخليق ٿيو.

نظم 'IT' هڪ آتم ڪٿا آهي. پنهنجيءَ محبوبا سان اتفاق ڪندي تہ هُو ساڻس ڪجهہ عرصي لاءِ نہ ڳڏجندو. ماياڪو وسڪيءَ ڏيڍ مهيني لاءِ پاڻ کي هڪ ڪمري اندر بند ڪري چڏيو ۽ نظم جي تخليق ۾ محو ٿي ويو. ان نظم ۾ ئي هن پنهنجي ذاتي زندگيءَ جا دک سور سَمايا آهن. نظم مڪمل ڪري هُو ان خودساختہ قيد کان ٻاهر نڪتو.

شاعريءَ جو اهُو هڪ اڻ وسرندڙ المیو آهي، جو ڪجهہ سال پوءِ انهيءَ ئي ڪمري ۾ شاهڪار نظم لکڻ واري انهيءَ ئي ميز جي دراز مان پستول ڪڍي ماياڪو وسڪيءَ پاڻ کي گولي هڻي پنهنجي زندگيءَ جو انت آندو. آپگهات کان اڳ پنهنجي موڪلاڻيءَ واري خط ۾ هن لکيو:

"مون زندگيءَ سان حساب چڪتو ڪري چڏيو آهي. هاڻي ڪي بہ ڏک سور، گناهہ ثواب، پيڙائون ۽ پشيمانيون باقي نہ رهيون آهن."

احمد سولنگيءَ وٽ پيار ۾ پشيمانيءَ وارو پهلو ناهي. هن جي شاعري محبت جي مقدس ۽ نازڪ نفيس جذبن جو انوکو ۽ اڻ ڀُتو اظهار آهي. ان جي ابتڙ هندو پاڪ، ننڍي کنڊ ۾ جيڪا جديد توڙي جديديت پُڄاڻان شاعري تخليق ٿي رهي آهي، ان جو هڪ نمونو ڪنڙ ٻوليءَ جي، احمد سولنگيءَ جي هڪ همعصر شاعره پالا پارٿي اندرانيءَ جي هيءَ ڪوتا آهي:

"The Birth of Poetry"

"Words run here and there

Meanings look in different directions
Thoughts sway back and forth
Finally from the void -flowers fall down."

'شاعريءَ جو جنم'

"لفظ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙن ٿا،
معنائون مختلف ڏسائن ڏانهن ڏسن ٿيون،
خيال اڇيان پويان لُڏندا لمندا رهن ٿا،
ءِ نيٺ ڪنهن خال مان، گل ڇٽي ڪرندا رهن ٿا."

*(ترجمو: ل. ڪ)*

اندراني جي هڪ ٻي ڪوتا:

"We shall wear garlands
And dance, as if possessed -
Here in Hawaii - you and I.

Hold fast my hand
Grasp my waist
Hug me closer to your body
Don't look into my eyes
Even by mistake

Don't leap into stretches
of blue seas.

You will go mad and remain
Wandering in Hawaii
Muttering my name."

"اسين هار پائينداسين،
ءِ ايئن نچنداسين جڙ ٻنهي مٿان ڪنهن پريت جو پاڇو پيو آهي.
هتي 'هوائي' ۾ تون ءِ مان،
زور سان منهنجو هٿ جهل،
منهنجيءَ چيلهه کي وڪوڙي ڇڏ،

مون کي پنهنجي جسم سان چُهٽي ڇڏ!
منهنجين اکين ۾ نہ نهار،
ڪڏهن پلجي ٻہ،
نيري سمنڊ جي ساحل ۾،
ڦُپي نہ پئجانءِ!
تون هوش وجائي ويهندين!
ءِ 'هوائي' ۾ پٽڪندو رهندين.
ءِ منهنجو ئي نالو ٻُڌڪندو رهندين."

*(پئسفڪ سمنڊ تي آمريڪا جو ٻيٽ ـ Hawaii)*

*(ترجمو: ل. ڪ)*

آمريڪا جي ڏاکڻي ٻيٽ 'هوائي' جتي سڄي دنيا جا سياح هن رومانٽڪ ماحول جو مزو ماڻن لاءِ ساموندي تڙن تي دنيا کان بي نياز ٿي نيم عرياني ۽ واريءَ حالت ۾ هوش وجائي ويهندا آهن، اتي اهڙي ئي لڳ لاڳاپا لاڙل شاعريءَ جا عڪس اکرن جي صورت ونڊندا آهن.

احمد سولنگيءَ جو نظم 'بي ترتيب زندگيءَ جو المیو' ۾ پڻ اهڙو ئي منظر چٽيل آهي:

"ڪا شام وجائي رستن ۾،
جنهن وقت اوبرو موٽيس مان،
تو چو نہ سُمهاريو سپنن ۾،
ءِ دل جي رنگ رتولن ۾.

تو چو نہ ٻُهاريو ٻوٽن مان،
جنهن وقت ڇٽيس مان پَنُ پَنُ ٿي،
جنهن وقت ڪِڙيس مان تاري جان،
تو چو نہ نهاريو پيار منجهان؟

جنهن وقت اکين کي ڏُوڙ لَٽيو
تو چو نہ چنڊي سپ خواب ڪنيا،

تو پاند سان پنهنجي ڇوڻ ۾ اُگهيو،
هر سپنو منهنجي اکڙين جو؟

تو دردُ نہ ڪو محسوس ڪيو،
ڪنهن وقت نہ تنهنجا نيٺ ٻنا،
ڪنهن سُور – سڳي ۾ مون لئہ تو،
ڪو لُڙڪ نہ موتيءَ جان پويو!

ڪو ڇهرو واقفڪار نہ هو،
ٽي پاڇن پويان ڊوڙيس مان،
ڪو آوازن جو جهنگُ هُئو،
تو ڪونہ پُڪاريو ٽِي پنهنجو!

هر سِٽ ۾ ڏُک جو ڏيکُ هئو،
تو لفظ پڙهيا احساس بنا،
هن بي ترتيب جوانيءَ جو،
تو ڇو نہ پڙهيو دل ساڻ پَنو!

هي پيار ڇڪورن جهڙو هو!
ٻئي پنهنجي پَر ۾ اُڏرياسِين،
جنهن وقت هوا سان چنڊُ گَنو،
تنهن وقت نہ اُن تي ڪو ٻہ لٽو!"

گذريل صديءَ جي ست واري ڏهاڪي ۾ ادب ۾ 'عالمي امن جي تحريڪ' جو سلسلو شروع ڪيو ويو. جنهن ۾سماجوادي ملڪن خاص طور پرپور پاڻ ورتو. ترقي پسند اديبن ۽ شاعرن 'امن ڪپي- امن ڪپي' جهڙي موضوع تي ڪهاڻيون، مضمون ۽ شاعريءَ جي رچنا ڪئي. خود پڪاسو جهڙن عظيم فنڪارن امن جو پيغام پهچائڻ لاءِ پنهنجو فن ڪئنواس جي پنن تي پکيڙيو.

انهن ڏينهن ۾ پڪاسو مختلف موڊس ۾ پاريهرن ۽ ٻين پکين جون

ڪيئي تصويرون ڪڍندو رهيو. پر هن کي پنهنجي ڪابہ تصوير پسند نٿي آئي ۽ هُو انهن تصويرن کي هڪ ڪُنڊ ۾ اڇلائيندو رهيو.

هڪ صبح جو هسپانوي شاعر لوئي آراگان، جنهن جي شاعريءَ جو مجموعو 'Love songs to Elsa' (ايلسا کي مخاطب پيار جا گيت) ڇڪو مقبول ٿي چڪو هئو، پڪاسو وٽ وڃي عرض ڪيو تہ، پارٽي چاهي ٿي تہ تون 'امن جي پکي' جي تصوير تيار ڪري ڏين. پڪاسو پارٽيءَ جي اهڙي حڪم نامي تي ڪاوڙجي ويو. آراگان هن کي التجا ڪندو رهيو تہ پارٽيءَ جي عزت جو سوال آهي، جو اها اڳ ۾ ئي اهڙو اعلان ڪري چڪي آهي. پڪاسو ڪجھ نرم ٿي اڇلايل تصويرن جي ڍير مان هڪ رد ڪيل تصوير آراگان کي ڏيندي پُڇيو:

"هيءَ تصوير ڪم ايندي؟" لوئي آرگان پاريهر جي تصوير پڪاسو جي هٿ مان کسي ونڊي ڀُڪ پاتي ۽ اڇي پنهنجي رسالي ۾ شايع ڪئي. ايئن 'امن جو اڇو پاريهر' سڃيءَ دنيا مٿان اُڏامڻ لڳو.

اُها اڄ کان اٺ ڏهاڪا اڳ جي واردات آهي ۽ ايتري عرصي کان پوءِ اڄ 'خدا جا خليفا' جهڙي اعليٰ تخليق اسان جي سنڌي شاعريءَ ۾ ٿي آهي، جنهن پڪاسو جهڙي عظيم فنڪار جي ياد کي نئين سر تازو توانو ڪيو آهي:

"ونڊي ٿا سگھون سپ،
وٽن ۾ پناهون،
وٽن تي نِگاهون رکي ٿا سگھون پر،
وٽن سان مُخاطب رهيو ڪيئُ آهي؟
ڪڏهن ڪنهن پڙهيو آ،
وٽن ۾ رسالت جا آثارَ آهن،
وٽن منجھ جوڙُون ۽ جنسارَ آهن.

ڪٽن ساهہُ وڻ ٿا،
وٽن کي ملي ڪا عجب دلڪشي آ،

نئين نغمگي آ.

وٽن تي لٽا رنگَ ملهارَ جا ڪئين،
وٽن سان هوا جي رهي گفتگو ٿي،
وٽن جي مٽان چاندني چنڊُ اوتي،
وٽن سان تکي اُسَ رهي روبرو ٿِي،
وٽن منجهه ڪوئل پُڪاري، سنياري،
پُراٽين گهڙِين ۾ رکي اک نِهاري!
وٽن کي ٿُڪي ڪاٽ ڪُنڙو،
ڪٽي مينهن جي ۽ تکي تِروري کان،
صبح شامَ محفوظ گهر جو هُو پهريون تصور،
ٿو دنيا کي ارپي.

وٽن منجهه ڇيريون،
اُٽن خواب جا ٽيون گهروندا ڪکاوان.
ٽڪل ڪي مسافر وٽن هيٺ ويهي،
صدين جي سفر جي رکن ڳنڍُ کولي،
اکيون، پيرَ ويڑهي،
سُمهن نندَ جي ٽا ٽڏي ڇانوَ ڳولي.

مقدس محبت جا خاموش پاڇا،
وٽن جي ٽُڙن تي لِکي نانوَ پنهنجا،
رسيلن چپن سان،
چُمن چاهتون ٽا،
رکن دل جون دل تي،
سِڏيون آرسيون ٽا.

وٽن ڏي جُڳن جا خريدارَ نڪتا،

ڪي نِرواڻ خاطر طلبگارَ نڪتا،
وٽن تي لڏِي زندگيءَ جي بِشارت،
پکي هي خُدا جا خليفا،
امن آشتيءَ جي علامت!"

احمد سولنگيءَ جي هن نظم ۾ پکاسو جي امن جي پکيءَ جي تصوير جو عڪس آهي.

مختلف ملڪن، مختلف قومن ۽ جدا جدا ٻولين جي شاعري ڪنهن مٿاهين پهاڙ تان ڪرندڙ ان آبشار جيان هوندي آهي، جيڪو جدا جدا ڪُنڊن ۽ پاسن کان جهرڻن جيان ڌرتيءَ تي لهي هڪ ندييءَ جي سطح جي شڪل ۽ وهڪرو اختيار ڪندو آهي. شاعريءَ جا اهڙا آبشار ڦٽندي، سوچ جون سوين صورتون ٻڌجي شاعر جي اندر جو آواز ٿي اُپرنديون آهن. مان مٿي ٻين ٻولين جي شاعريءَ جا ڪي مختصر مثال ڏيئي آيو آهيان. هتي مان سرحد جي ٻنهي پار ورهاڱي کان پوءِ پيدا ٿيل ٻن سنڌي شاعر ۽ شاعرا جي سوچ جا سلسلا جوڙي رهيو آهيان.

سنڌ ۾ احمد سولنگي ۽ هند ۾ ومي سدارنگاڻي ۽ هم عمر (ساڻئي ئي سال ڄاول) نئين پيڑهيءَ جا تخليقڪار خيال ۽ جذبي جي جدت سان ڪيئن هڪ ٻئي سان جُڙيل آهن:

"دل گهِري ڪا دلدل آهي،
سامهون سِڪَ جو ساحل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

نيري اُپَ ۾ سردُ صدائون،
برف ٿيون سپ قربَ ڪٽائون،
خوابَ ۾ خُنڪي هر پل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

سُرهي سُرهي سُرڪَ اوهان جي،
اُسَ ۾ چاندي مُرڪَ اوهان جي،
ڇا ته اکين ۾ جِهلمل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

سانگَ سمورا موسم ڇاٽي،
وٽ وٽ ڏوٽي، پَنُ پَنُ ڇاٽي،
ڪا ته هوا ۾ هلچل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

محبوبا جو پيارُ سڏي ٿو،
اوجهڙ رستو دارُ سڏي ٿو،
هاءِ جواني اڻ جهل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!"

احمد سولنگي پنهنجي ڏرتيءَ تي رهندي ئي اهڙو وزنائتو نظم لکي سگهندو ۽ ٻئي طرف ومي سدارنگاٽي پنهنجي ڏرتيءَ کان اُکڙِيل هئڻ سبب پنهنجيءَ ڪوتا کي پنهنجي ئي رنگ ڍنگ جو ويس وڳو پارائي سگهندي، پر اهميت لباس کان وڌيڪ مورتيءَ جي بدني بناوت کي آهي:

"ٻُڌ!
ڪنهن وقت اسين ٻيئي هتي ايندا سين،
منهنجيءَ بارش ۾ تون پُسجانءِ!
تنهنجيءَ بارش ۾ پُسي،
مان خود برسات ٿي پوندیس،
ايتري بارش ڪريون گڏجي،
جو-
وري ڪڏهن،

بارش جو انتظار نہ ڪرڻو پوي."

(ومي سدا رنگاڻي)

هند ۾ سنڌي نئين ڪوتا سنڌ جي شاعريءَ جي پيٽ ۾ هڪ نئون روپ ۽ رويو اختيار ڪيو آهي. ڪو نندو پَلُ (Fleeting Moment) ڪا هڪ نندي واردات، ڪا هڪ نندي ٽيڻي (Happening) يا ڪو هڪ اُڏامندڙ خيال (Passing Thought) هڪ مڪمل ڪوتا جي صورت ۾ نروار ٽئي ٿو. پر سنڌ ۾ نئين شاعري ايجا موضوعاتي شاعريءَ جي دائري اندر داخل آهي. ان پسمنظر ۾ احمد سولنگيءَ جي اڪثر شاعري موضوعن جي محور تي ڦرندي به خيال ۽ سنگيت جو انوکو سنگم، لئ ۽ ردم پيدا ڪري سگهي آهي، جو سڄي شاعري بحر وزن تي پکي پختي هٿ ڪري سموريون عروضي تقاضائون پوريون ڪري ٿي. مان وري بن هم عصر شاعرن جا به نندا مثال ڪڍي ٿو اچان.

"جتي اڄ پاڻ بينا هون،
اها ڏرتي وڃي ٿي مختصر ٿيندي،
مٿان آڪاسُ هي نيرو،
وڃي ٿو دائرن ۾ جڙ نندو ٿيندو،
ڪپاهان ريشمي بادل،
وڃن ٿا ڇڙوڇڙ ٿيندا،
پکي پنهنجي نگاهُن جا،
وڃن روپوش ٿا ٿيندا!
مگر هوءَ بي خبر ڪافر حسينا ڇو ڇئي ٿي پئي:
جنم پنهنجو اکين ۾ ئي ٿيو آهي،
عمر جا سيپ لٺا پنهنجي اکين آڏو لٺا آهن!"

"احمد سولنگي"

(خوابن جي خودڪشي)

نظم ۾ خيال به آهي، لئه به آهي، رواني به آهي. ست ست ۾ لفظ جڙ ڪنهن مالها ۾ موتين جيان پوتل آهن ته ٻئي طرف ومي‌ءَ جي ڪوتا ۾ خيال جي سُخن آرائي (Elocution) پوئين ست تائين پهچي دل ۾ چيت جيان چُڀي ٽي وڃي.

"بادل!
رولو چوڪرو آهي.
ٻين جا دروازا بند ڏسي،
منهنجي ڪليل دريءَ مان،
بي ڊپو اندر گهڙي آيو آهي.
چوڌاري مون کي وڪوڙي وڌو اٽس،
منهنجو سڄو سرير ڀِڄي ويو آهي،
منهنجو مَنُ ڀِڄي ويو آهي،
منهنجا هٿ پير سپ ڀِڄي ويا آهن،
باقي سُڪل آهن ته،
صرف منهنجيون اکيون،
صرف منهنجيون اکيون."

*(ومي سدارنگاڻي)*

احمد سولنگي ۽ ومي سدارنگاڻيءَ جون مٿيون ڪوتائون پڙهندي مون کي سوَ سال اڳ لکيل مايا‌ڪو وسڪيءَ جي هيءَ ڪوتا ذهن تي تري آئي. موضوع جي يڪسانيت هوندي به دڳَ ۽ راهون جدا جدا آهن، جو دؤر جدا جدا آهن:

"رنڊل مينهن،
هڪ جهلڪ پسائي،
هڪ سوال ڪيو:

هُن پيجري جي پويان،
جنهن جي چوڏاري،
لوهي تارن جو هڪ ڪوٽ اڏيل آ،
مرٽينگ ستارن،
پنهنجيون ڪمزور ٽنگون، ٻانهون ڦهلائي،
ڪنين جي ان نرم بستر کي ئي،
پنهنجو آرام گاهه، چو چونڊيو آ؟
پر جئن ئي گِهٽين جون بتيون،
ڪنهن بيمار جيان،
پويان پساهه کڻن ٿيون،
تيئن اکين کي هڪ چُڀن محسوس ٿئي ٿي."

مون مٿي هڪ صديءَ جي وٿيءَ وارن ٽن شاعرن جي سوچ جا حوالا پيش ڪيا آهن. ٽن شاعرن جي اک پنهنجي پنهنجي ماحول ۽ منظر تي هڪ جهڙي هوندي پڻ هڪ اک سُڪل آهي، هڪ اک کي چُڀن محسوس ٿئي ٿي ۽ هڪ شاعر جي عمر جا سڀ لٽا پنهنجي اکين آڏو ئي لٽا آهن.

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جي وسيع ڪئنواس تي جذبن جي رنگن جي چتسالي ٽيل آهي ۽ ومءَ وٽ مشاهدي جي باريڪ بيني آهي، جيڪا جذبي جي هلڪيءَ کان هلڪي لرزش جو احساس ڏياري ٿي. ان ڪري هنن جي نظم يا ڪوتا جون پهريون ڪجهه سٽون پڙهندي ئي انهن تي احمد سولنگيءَ جي پنهنجي عبارت جي ڇاپ نظر ايندي ۽ ومءَ تي پنهنجي عبارت جي (هتي مقصد پيٽ ڪرڻ ناهي پر ٻن جديد شاعرن کي symbol طور پيش ڪيو ويو آهي، اهو واضح ڪرڻ لاءِ ته اسان جي نئين پيڙهيءَ جي شاعرن وٽ نئين سوچ سان گڏ فارم (هيئت) جي نواڻ پڻ آهي.)

ماضيءَ جي شاندار روايتن کي رد ڪرڻ جو مطلب آهي ته قوم

پنهنجو حافظو وڃائي ويٺي آهي، پر اسان جي نئين نسل جي شاعرن پنهنجو حافظو به تيز رکيو آهي ۽ ماضيءَ سان پٽ رشتو برقرار رکيو آهي.

سال 1990ع ۾ جڏهن شيخ ايياز بمبئيءَ آيو تہ هن جي هوٽل جي ڪمري ۾، جتي مان پٽ موجود هوس، چونڊ اديبن ۽ شاعرن سان ديرِ رات تائين ايياز جو جديد ۽ روايتي ادب ۽ شاعريءَ تي طويل بحث هليو. طارق اشرف ۽ جيجي زرينہ کان سواءِ موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، ڪرشن راهي، ارجن حاسد، هريش واسواڻي ۽ نند جوپري ۽ ڪي ٻيا نئين ٿهيءَ جا جدت پسند شاعر پٽ ان گفتگو ۾ شامل هئا. ايياز هند جي جديد ادب جي نمائندگي ڪندڙ اديبن سان 'روبرو' نہ هئو پر 'دوبدو' هئو.

هريش واسواڻي، گنو سامتاڻي ۽ موهن ڪلپنا ايياز سان چتي بحث ۾ اٽڪيل هئا. هُو ايياز کي اهو احساس ڏياري رهيا هئا تہ هن جي شاعريءَ ۾ پنهنجي ڏرتيءَ جو درد تہ آهي، ٻولي ۽ ڊڪشن جي رواني پٽ سنڌوءَ جي ڇوهہ جهڙي آهي. ٻوڙ ٻوڙان پٽ آهي، لئہ تال آهي، موسيقي آهي، پيڪرتراشي آهي، منظرنگاري آهي، اعليٰ انساني قدر آهن، محبتون ۽ محروميون آهن، پيار، خلوص ۽ انساني رشتا ناتا آهن، ڏاڍ ڏمر ۽ آمريت آڏو مزاحمت آهي، احتجاج آهي، ويڑهاند آهي، ٻيو بہ ڪيترو ئي ڪجهہ، پر پوءِ بہ تنهنجي (ايياز) شاعري جديد دؤر جون تقاضائون پوريون نہ ڪري سگهي آهي. جتي سڄي دنيا اڄ گلوبل وليج (عالمي ڳونڙو) ٻڌجي چڪي آهي، اتي تنهنجي شاعري ايڏا رڳو 'ڏرتيءَ جي دانهن' جي سرائيءَ تي ڦري رهي آهي. ان ۾ جدت ڪٿي آهي؟ جديد لاڙا ڪٿي آهن؟

(شيخ ايياز پنهنجيءَ قاتل مُرڪ سان صلح سانت ۾ سيپ ڪجهہ ٻُڌندو رهيو. هن پنهنجو اسڪاچ جو گلاس ميز تي پاسيرو رکي ڇڏيو.)

ٻن ٽن پيگن کان پوءِ گُني سامتاڻيءَ هڪ ٻيو نقطو ڇيڙيو:

"روس جي ٽٽڻ ۽ ترقي پسند دؤر جي خاتمي بعد تنهنجي ترقي

پسند ڏؤر واري سڃي شاعري ۾ ان کان پوءِ پاڪستان ۾ ’ون يونٽ‘ جي ٺهڻ ۾ ڏهڻ واري عرصي دوران تنهنجي رچيل ’جيئي سنڌ‘ واري شاعريءَ جو اڳتي هلي ڪهڙو ڪارج راس ٿيندو؟ روس جا انقلابي شاعر اڄ ڪٿي آهن؟ پولينڊ ۾ هنگريءَ جي پرچاري شاعرن جي ڪتابن جا پنا پنا ڪٿي پورجي ويا آهن؟ ايازِ ڪٿي تنهنجي ۽ شاعري نہ تاريخ جي پنن ۾ پورجي وڃي؟ هڪ طرفي بحث ۾ وسڪيءَ جو خمار پرجندو ويو.

شيخ ايازِ اٽاريل ڪِن حجتن سان متفق هئو ڪن سان نہ. هن وٽ معقول دليل هئا، پر هن پنهنجي بچاءَ ۾ هڪ ئي هٿيار استعمال ڪيو. ”مون سنڌي شاعريءَ کي جنهن معراج تي رسايو آهي، ان لاءِ سالن جي نہ، پر صدين جي ساڌنا گهرجي. توهان جي جدت پنهنجيءَ جاءِ تي ۽ منهنجي ’عبادت‘ پنهنجي جاءِ تي.“

مان شيخ ايازِ سان مڪمل طور متفق آهيان. ڀڄ ڀڄان جي هِن ڏؤر ۾ اڄ جي ٿهيءَ جي شاعرن وٽ ساڌنا لاءِ فرصت ڪٿي آهي؟ نثري شاعريءَ نون شاعرن کي شاعريءَ مٿان نازل ڪري ڇڏيو آهي. جتي هر هوليءَ ۾ هڪ جينيوئن شاعر پوبان ڏهه ’فيڪ‘ شاعر پيدا ٿي رهيا آهن، جن ۾ ڪي ’سنگتو‘ شاعر آهن، ڪي ’پالتو‘ شاعر آهن تہ ڪي ’فالتو‘ شاعر آهن. اتي ڪري ۽ ڪوٽي جي شناخت لاءِ احمد سولنگيءَ جون هي ستون شاعريءَ جي سُپتيائيءَ جو جواز پيدا ڪن ٿيون:

”چارڻ!
تنهنجو چنگ نہ اهڙو،
جهڙي سورٺ سونهن!
تو وٽ اهڙي تند ڪٿي آ؟
جهڙا هُن جا وار،
چريا! تو وٽ چاهہ نہ اهڙا،
جهڙا هُن جا پيار.

تو وٽ اهڙو ساز ڪٿي آ؟
جهڙي هُن جي ڇير.
سورٺ ڪجري،
مَن جي اُجري،
تنهنجي مَن ۾ ميرُ!

تنهنجي مُٺ ۾ ماڻڪ موتي،
هيرا، لعل هزار.
هُن جا نيٺ، نگينا نوري،
حيرت ۾ وينجهار!
تو وٽ سُرَ جو مانُ ڪٿي آ؟
توکي سِرَ جي لوڙَ.
هُن جي چوڑين ۾ سَو سرگم،
جُهونا ڳڙهه جي جوڙَ.
تون پينارُ ڳلين ۾ ڳائين،
تنهنجو ڪهڙو مُلهُ؟
سورٺ سون-سريکي ساري،
آهي پاڻ اَملهُ!"

احمد سولنگي بنيادي طور نظم جو شاعر آهي، ان ڪري هن جي غزلن جو تعداد ٻين شاعرن جي ٻيٽ ۾ ايترو خاطر خواهه ناهي، پر مون کي هن جي شاعري پڙهندي احساس ٿيو آهي ته غزل هن جي مزاج سان وڌيڪ نڀڪندڙ آهي، جو احمد سولنگي خالص رومانوي شاعر آهي ۽ هڪ شاعر جو رومانوي رويو غزل جهڙي صنف ۾ اثرائتي نموني اُپري ٻيهي ٿو. احمد سولنگيءَ جي حق ۾ اها حقيقت تهائين وڌيڪ واضح ٿئي ٿي، جو هن جي طبيعت موزون ۽ روان دوان آهي. خود هن

جي نظمن جا ڪيترا شعر غزل جي رنگ ۾ رتل آهن. نظمن ۾ احمد سولنگي وصال جو شاعر آهي ۽ غزلن ۾ هجر جو:

ڪي بادل پنبڻين ۾ پهتا، ڪو آگم دل کان ٻاهر آ،
هڪ موسم دل جي اندر آ، هڪ موسم دل کان ٻاهر آ.

ڪنهن ڪاريءَ رُڄَ تي برسي پئي، ڪا ڪڪري اُڄَ تي برسي پئي،
ڪو سارنگ ساهن ۾ سوگهو، ڪا ڇم ڇم دل کان ٻاهر آ.

ڪا رَڃَ رباب سان اُلجهي ٽي، ڪا تند طلب جي تڙپي ٽي،
ڪو راڳ رهي ٿو روح اندر، ڪو سرگم دل کان ٻاهر آ.

هر وقت صحيفا يادن جا، هر وار اکين تي نازل ٿيا،
هر محشر لڙڪن جو من ۾، هر ماتم دل کان ٻاهر آ.

هن دل ۾ هڪڙو گرجا گهر، ۽ ماءُ سان گڏ هڪ پيغمبر،
مريم ئي ٻاهر آهِ نہ ابنِ مريم دل کان ٻاهر آ.

سڀ سپنا پاڻ اُٽيا احمد تو رنگ برنگي ڏاڪن سان!
ڪا ڏوڙ تخيل ۾ تنهنجي، ڪو ريشم دل کان ٻاهر آ.

پنهنجي منفرد ۽ مخصوص اسلوب ڪري احمد سولنگيءَ جا غزل پهرينءَ ست ۾ سجاڻي سگهجن ٿا، جو هن پنهنجن اڪثر غزلن ۾ چُست بحر ۽ وزن ڪم آندا آهن.

غزل اصل ۾ آهي تہ ايران جي پيدائش، پر سنڌي شاعريءَ ۾ اها صنف ايتري تہ رچجي چڪي آهي، جو هاڻي اها ٻاهرين يا ڌاري صنف نٿي لڳي. اردو غزل جون ائنتالاجيون مرتب ڪندڙ شروعات ولي دکني يا قلي قطب شاهہ سان ڪندا آهن پر اردوءَ جو صحيح صنف ۾ پهريون غزل ڪبير جو لکيل آهي:

"ہمن ہے عشق مستانہ، ہمن کو ہوشیاری کیا؟

رہے آزاد یا جگ سے، ہمن دنیا سے یاری کیا؟

جو بچھڑے ہیں پیارے سے، بھٹکتے دربدر پھرتے،
ہمارا یار ہے ہم میں، ہمن کو انتظاری کیا؟

کبیرا عشق کا مانا دوئی کو دور کر دل سے،
جو چلنا راہ نازک ہے، ہمن پھر بوجھ بھاری کیا؟"

سنڌي شاعريءَ ۾ سانگيءَ کان سولنگيءَ تائين غزل هڪ وڏي مسافت طئي ڪئي آهي. احمد سولنگيءَ تائين اچي غزل هڪ صنف نہ، پر هڪ تهذيب بڻجي چڪو آهي، جنهن ۾ سنڌي گيت، وائيءَ ۽ بيت جو لهجو ۽ سلاست پڻ سمائجي ويئي آهي. احمد سولنگيءَ جي غزل جا هي بند:

"بدن ٿُنهنجو جواني آ، نديءَ جي،
جواني جاوداني آ، نديءَ جي.

ڪنارا خواب جا ٻوڙي وڃي ٿي،
اکين ۾ ئي رواني آ، نديءَ جي.

ڪو منظر بي لباسيءَ جو رکي ٿي،
ڪهاڻي بي زباني آ، نديءَ جي.

وٽن ۾ ٽيون وڃن وکري هوائون،
تڏي سانجهي سُهاني آ، نديءَ جي.

مڙهي ٿي پيرَ، پَکَ، دلڪش اُڏارون،
پکيءَ تي مهرباني آ، نديءَ جي.

پُراڻو هاڪڙو ٿو ڏوڙ ڇاڻي،
مڪاني لامڪاني آ، نديءَ جي.

ٻڌو پاتال ۾ احمد ڪٽي آ،
نديءَ ۾ بدگماني آ، نديءَ جي."

غزل جو هر لفظ هڪ رنگُ بہ آهي ۽ سُر بہ آهي ۽ هر رنگُ پنهنجيءَ رنگت سان ۽ هر سُر پنهنجي ساز سان غزل جي بند بند سان برسات وسائي رهيو آهي، ۽ ايئن احمد سولنگيءَ کي رڳو لفظن ۽ انهن جي لئ تال جي تلاش جو ئي شعور ناهي، پر نيون تصويرون سجائڻ ۽ نون رنگن سان اندلڪ سجائڻ جو هنر پڻ اچي ٿو.

غالب جو هڪ شعر آهي:

"حسنِ فروغ شمع سخن دور ہے اسد،
پھلے دلِ گداختہ پیدا کرے کوئی"

(شاعريءَ جي شمع جي لاٽ ٻارڻ اڳتي آهي، اهو احساس پيدا ڪرڻ لاءِ پهرين درد مند دل جو هئڻ ضروري آهي.)

جدا جدا نقادن غزل جي صنف کي نوان نوان مفهوم پئي ڏنا آهن. ڪن جي نظرن ۾ غزل هڪ 'وحشي' صنف سخن آهي تہ ڪن غزل کي شاعريءَ جي 'آبرو' ڪري ڪوٺيو آهي. ڪن محققن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ 'سلاست' غزل جي وڏي ۾ وڏي دشمن آهي، پر منهنجي اڀياس موجب حقيقت ان جي ابتڙ آهي. خود غالب پنهنجي شاعريءَ ۾ جتي جتي دقيق (ڏکي) ٻولي ڪم آندي آهي، اتي شعر جي گهرائيءَ کي ضرر رسيو آهي.

"جس بزم میں تو ناز سے گفتار میں آوے،
جان کالبدِ صورتِ دیوار میں آوے۔"

(جنهن محفل ۾ تون نازِ ادا سان گفتگو ڪرين تہ تنهنجين ڳالهين سان هنن تصويرن جي جسمن ۾ جان پئجي وڃي، جيڪي ديوار تي سينگار لاءِ چٽيون وڻن ٽيون ڇو جو تنهنجن چپن ۾ مسيحائيءَ وارو جلوو آهي.)

ان جي ابتڙ جتي جتي غالب جي شاعريءَ ۾ سلاست (Lucidity) آئي آهي. اتي هن جي شعر ۾ گهرائي پڻ پيدا ٿي آهي.

"منحصر مرنے پہ ہو جس کی اُمید،
ناأُمیدی اس کی دیکھا چاہیئے"

غالب جو تن بندن جو مڪمل غزل آهي، پر اهي تي شعر ڪهڙي به شاعر جي سڄي ديوان تي حاوي پئجي سگهن ٿا:

"نہ تھا کچھ تو خدا تھا، کچھ نہ ہوتا تو خدا ہوتا،
ڈُبویا مجھ کو ہونے نے، نہ ہوتا میں تو کیا ہوتا۔

ہوا جب غم سے یوں بے حس، تو غم کیا سر کے کٹنے کا،
نہ ہوتا گر جُدا تن سے، تو زانوں پر دھرا ہوتا۔

ہوئی مدت کہ غالؔب مر گیا، پر یاد آتا ہے،
وہ ہر اک بات پر کہنا، کہ یوں ہوتا تو کیا ہوتا۔"

تن بندن ۾ غالب سڄي وحدت الوجود (Pantheism) جي فلاسافي سمائي ڇڏي آهي.

غزل جي روايتي رخ واري شاعريءَ جي موجودگي هوندي به احمد سولنگيءَ کڻي ڪا اعليٰ قسم جي اميجري يا فيلسوفاڻا نقطا نه اُپاريا آهن، پر هن خيال کي ٻوليءَ جي لئه سان رِل مِل ڪري جديد نظريي، نوع، رخ ۽ رويي جون جهلڪون نمايان ڪيون آهن. جديد سوچ سان هن غزل جي روايت ۽ ٽيڪنڪ سان پوريءَ ريت نباهيو آهي. اڄ جڏهن سنڌي شاعريءَ ۾ نوان نوان آواز اُپري رهيا آهن ته مون کي يقين آهي ته احمد سولنگي پنهنجي سوچ جي تازگي ۽ توانائيءَ سان نون آوازن جي نئين دؤر ۾ داخل ٿي پنهنجين تخليقي قوتن ۽ صلاحيتن سان پنهنجو منفرد شاعراڻو سفر برقرار رکي سگهندو. هن جي رومانوي سوچ، ٻوليءَ جي سلاست ۽ روانيءَ جي مثالي غزل جا ڪجهه بند آهن:

”تنها پالي پيارَ نہ سُمھا!
ايئن اڪيلي ڏارَ نہ سُمھا!

ننڊ ۾ ويندءِ چنڊُ چُمي،
وِلَھ ۾ ويڑھي وارَ نہ سُمھا!

جَرَ تي بَرسِي ساري رات،
بَرَ ۾ ڪارونيارَ نہ سُمھا!

جيسين ٻُکيو پيٽُ پَري،
تيسين پالڙھارَ نہ سُمھا!

ڪِڙيو چنڊُ، اُڏام چڪورَ!
اِيئن قبولي هارَ نہ سُمھا!

چوريءَ چوٽيءَ منجھ پَري،
موتئي جي مھڪارَ نہ سُمھا!“

ڏھن جون هزار اکيون آھن پر دل جي رڳو ھڪ ئي اک آھي. ڪافڪا چيو آھي: ”ڪڏھن ڪڏھن لفظن جو مطلب رڳو پنھنجن زخمن ذريعي ئي سمجھ ۾ ايندو آھي.“

”لھين ٿي خواب تون جڏھين!
رکي ٿي اپسرا ڪائي ڦٽن تي مُرڪ جو مرھم،
پڏر تي پير اوجل ۾، رھي ٿي چير جي چم چم،
وڏن ٽيون راڳ ۾ ويراڳ جون وايون،
ٻُري ٿو سانت ۾ جڙ ڪو، سُريلي ساز جو سرگُم،
لھين ٿي خواب تون جڏھين!
اڪيلي وڻ جي ڇايا ۾، ونڊي نِرواڻ ٿو گوتم!“

ستون نظم جون آھن، انداز غزل جو آھي ۽ خيال دل جي ڪنھن ڦُٽل ڦَٽ جي پيڙا جو آھي ۽ ان پيڙا کان مُڪتيءَ جو واحد وسيلو اڪيلي وڻ جي ڇايا ۾ گوتم جو نِرواڻ آھي.

احمد سولنگيءَ جي سڃي شاعري رومانوي هوندي به هن جي هر صنف جي treatment پنهنجي پنهنجي آهي. نظم ۾ هن جو مزاج عاشقاڻو آهي، غزل ۾ هن جي ادا ۽ انداز معشوقاڻو آهي ۽ مواد جي لحاظ کان شعرن جو لهجو رس ۾ريو آهي. هر هڪ ست سُلجهيل ۽ سَجيل، لفظ لفظ ۾ لئہ تال ۽ هر بحر، بي پناهہ تاثر ۾ريو آهي.

"ملون نقابَ ۽ سارا حجابَ لاهي ڪيئن؟
ڏِسون تہ چنڊَ جي پُوري تراشَ آهي ڪيئن؟

حسين جسم کي ڪهڙي لباسَ جي ڳولا؟
چِتائِي چنڊَ جي اوجل اُماس چاهي ڪيئن؟

فرار خوابَ جو آهي فريبَ ۾ رِل مِل،
اَگهور ننڊَ جي ديوار ڪيرُ ڌاهي ڪيئن؟

حيات موت جي قبضي منجهان نہ ٿي نڪري،
نِڪور جسم ۾لا سنگتراشُ ناهي ڪيئن؟

رڪيبُ ۾يرَ قبولي نہ ٿو گَچا ڪڏهين،
اڏل وڇيرو هوا جو وجون ٻہ ڪاهي ڪيئن؟

خيالُ سرمدي پنهنجو لِباسُ منصوري،
صليبِ عشق تان احمد کي لوڪُ لاهي ڪيئن؟"

هن وقت جڏهن مان احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جي هن مجموعي تي مقدمو لکي رهيو آهيان تہ منهنجي اندر جي توڙي ٻاهر جي، ٻيئي موسمون خراب آهن. جيئن تہ هي احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو آهي ۽ مون اڳيان هن جي شاعريءَ جو ڪو مفصل پسمنظر يا ڪا چِتي روپ ريکا نہ هئي، ان ڪري هن جي شاعريءَ سان انصاف ڪرڻ لاءِ مون کي هن جي موڪليل سڃي مسودي جي سِتَ سِتَ کي ڪيئي ۾يرا پڙهڻو ۾يو. هن جي سوچ جي

سلسلي کي جوڙڻ ۾ ٻوليءَ جي لئہ جو لطف ونڻ لاءِ سڄو مسودو هيانءَ سان هنبائڻ بعد، جڏهن مون پنهنجي قلم کي چپن سان چُمي هي مقدمو لکڻ شروع ڪيو تہ مون کي ذهني عذاب مان بہ گذرڻو پيو ۽ هن جي شاعريءَ سان عداوت پڻ ٿيڻ لڳي تہ مان احمد سولنگيءَ واريءَ عمر ۾ هن جهڙي شاعري ڇو نہ ڪري سگهيس؟ غالب جو هي شعر بار بار منهنجي دل ۽ دماغ کي جهنجهوڙيندو رهيو:

"ڪس روز تہمتيں نہ تراشا کئے عدو؟
ڪس دن ہمارے سر پہ نہ آري چلا کيئے؟"

لکڻ تي تہ مان مجبوريءَ، مصلحت ۽ مروت هيٺ ايئن بہ لکي ڇڏيان ها تہ احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ ۾ نئون فڪر، ڊڪشن ۽ ان جو جديد انداز اڄ جي وقت جي هر تقاضا پوري ڪري ٿو، ان ڪري احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جي هن مجموعي کي جديد شاعريءَ جي بهترين مجموعن جي قطار ۾ جوڳي جاءِ ڏيڻي پوندي، پر ادبي عدالت ۾ منهنجي هيءَ فتويٰ احمد سولنگي سان اڳتي هلي ڪهڙا وئل وِهائيندي، ان جو اندازو لڳائيندي، مون کي سڄ پڄ خوف ٿي رهيو آهي، جو احمد سولنگي اسان جي ادب جو امانتدار آهي.

مون شاعريءَ کي ان جي آخرين صورت ۾ شاعري ڪري ميجيو آهي، هڪ قوت جي حيثيت ۾ ميجيو آهي ۽ ان جي صحتمند توڙي غيرصحتمند اثرن کي قبول ڪيو آهي، ڪنهن شاعر جي شاعريءَ جي صحيح صورت اها صورت آهي جنهن ۾ اُها اسان جي اڳيان اچي ٿي. مون کي يقين آهي تہ احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ کي نئون ذهن دل سان قبول ڪندو ۽ هن جا پيشرُو هن کي نظرانداز نہ ڪندا، جو هنن وٽ پڻ نئين دؤر جي نون قدرن ۽ مُلهن جي شناخت آهي.

اڄ جڏهن سنڌي شاعري بحرن سان رشتو ڇڏي، بَرن ۾ پٽڪڻ لڳي آهي، تڏهن احمد سولنگيءَ جهڙن شاعرن موزون شاعريءَ جي

ساک ۽ سچاٽپ برقرار رکي، سنڌي شاعريءَ جو منهن مٿانهون ڪيو آهي، جو احمد سولنگيءَ جي شاعري پڙهندي اهو احساس ٿئي ٿو تہ:

"يا تہ هر درد کي ڪا معنيٰ آهي،
يا ڪنهن درد کي ڪا معنيٰ ناهي!"

**لچمڻ ڪومل**
نئي دهلي

# شاعريءَ جي حضور ۾....

ماءُ جي مقدس مامتا ۽ محبوبا جي لازوال مُرڪَ جهڙي شاعري!

اڄ مان توسان گهاريل زندگيءَ جي اٽڪيهن سالن ۾ پهريون ڀيرو مخاطب ٿي رهيو آهيان. جيتوڻيڪ اِهو احساس شدت سان اٿم تہ اُهو گذاريل سمورو عرصو تو سدائين مون تي ٻاجهہ جو هٿ رکيو آهي ۽ هڪ پل بہ مون کان پري نہ ٿي آهين؛ خاص طور انهن گهڙين ۾، جيڪي منهنجي اذيت ۽ وحشت جون گهڙيون رهيون آهن.

مان پنهنجي عمر جا باقي بچيل، اُهي تيرنهن سال الڳ ڪري رکان ٿو جن جي گذارڻ کان پوءِ ئي توسان مُڪاميلو ٿيو هئو.

عمر جي هر پل جو وِچوڑُ اڄ تنهنجي آڏو ظاهر ڪرڻ چاهيان ٿو ڇاڪاڻ جو شايد اهڙو ليکو چوکو عمر جي آخريءَ گهڙيءَ تائين ڪنهن سان بہ ڪري نہ سگهان، يا پاڻ ۾ اهڙو سَٽُ ساري نہ سگهان. سبب انيڪ ٿي سگهن ٿا، پر پنهنجي زندگيءَ جو سمورو سچ تنهنجي آڏو آشڪار ڪندي، پانيان ٿو تہ ايندڙ زندگي گذارڻ مون لاءِ وڌيڪ سهنجي ٿي پوندي، مان وڌيڪ اعتماد ۽ اطمينان سان تنهنجي پاند جي پناهہ هيٺ جِي سگهندس.

ٻيءَ طرح جيئڻ لاءِ ڪنهن شخص کي ڪيتريون ئي مختلف پناهون نصيب ٿي سگهن ٿيون، جن سيني کي مون تياڳي ڇڏيو آهي.

اڄ مون کي محسوس ٿِي رهيو آهي تہ زندگي ڏُکي ئي آهي، پر لفظ پنهنجي ليکي وڌيڪ ڏکيا ۽ مشڪل هوندا آهن، انهن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي فقط پنهنجي درد جي احساس ذريعي ئي سمجهي سگهجي ٿو.

زندگيءَ جو منظرنامو، جڏهن درد جي ڳرب نامي جي صورت اختيار ڪندو آهي، تڏهن لفظ بہ ساٿ نياڻي نہ سگهندا آهن ۽ فقط ڳوڙهن ئي لفظن جو روپ ڌاري من جي مڪمل مَير کي ڏوئي، اندر کي اُجرو ڪري ڇڏيندا آهن.

جڏهن اڪيلائپ ماڻهوءَ جو مقدر بڻجي پوندي آهي، من ايڪانت جي ڏنڊ ۾ هٿوراڙيون هڻڻ لڳندو آهي تہ انهيءَ ڪشمڪش ۾، جيڪي پهريان پهريان لفظ جنم وٺندا آهن، انهن کي ئي شاعري چئجي ٿو.

جيڪڏهن شاعري فرد جي ويڳاڻپ سان واسطيداري نہ ٿي رکي يا اُن جي اندر جي آڌت جو سبب نہ ٿي بڻجي تہ اُن شاعريءَ کي دنيا جي عظيم تخليق چوڻ اڻڄاڻائيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو. اهڙي پڪ آهي.

چيو ايئن ويو آهي تہ، "پٿر ۾ لڪل سڊول جسم موجود هوندو آهي."

منهنجو مڃڻ اِهو آهي تہ سنگتراش جي جذبي ۽ ذهن ۾ ڪو بہ حسين مجسمو پهرين جنم وٺندو آهي. ها! اُهو فنڪار ان جسم جا غيرضروري پٿر پنهنجي ڇيٽيءَ ۽ هٿوڙي سان ضرور هٽائيندو آهي، پر اُهو جسم حقيقت ۾ سنگتراش جي ذهن جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ اڳ ئي جنم وٺي چڪو هوندو آهي.

چترڪار جي ساڏنا رنگن جي چونڊ کان پهرين پنهنجي درد جي اڪيليءَ رياست ۾ رُلندي آهي. اِهو پٽڪاءُ يا آوارگي آرٽسٽ جي ڪُل ميراث بہ آهي تہ اُن جي اَشانت من جي شانتيءَ ۽ آنند پڻ.

درد جي سمفنيءَ جو پهريون ۽ آخري سِرو موسيقار جي من جي خاموش ڪُنڊن ۾ ڪنهن آبشار وانگر پهرين ڦُٽندو آهي.

چڙواڳ سُرن جي تخليق، ترتيب ۽ تقسيم موسيقار جي من جي وياڪُلتا سان ئي واسطو رکي ٿي.

نِرتُ، آس پاس جي ماحول/ مانڌاڻ کان پهرين نرتڪيءَ جي ساهہ جي سرگم ۾ پيدا ٿيندو آهي. لئي/ تال جو بدني مظاهرو روح جي رياضت کان پوءِ ئي جڳ جي لاءِ مسرت ۽ سڪون جو سبب بڻجندو آهي.

سوال اِهو آهي تہ ڇا ڪو بہ آرٽسٽ اندر جو عياش هوندو آهي يا انهيءَ جِي ڪَهل جي ڪرم سان بہ ڪا وابستگي هوندي آهي؟ ڇو جو

هڪ حساس دل آرٽسٽ جي پهرين ۽ آخري پناهه گاهه درد جي غارِ حِرا ئي هوندي آهي.

درد زندگيءَ جي محرڪ قوت ۽ اُن جي سندرتا جو آئينو هوندو آهي، درد زندگيءَ جي سڪلتا آهي. درد جي ميريءَ ۽ ڏنڏليءَ سانجهه جو سفر به انهن کي ئي نصيب ٿيندو آهي، جن کان قدرت/ فطرت کي گهٽو ڪجهه ونڊو هوندو آهي.

درد پَيري آهي؛ زندگيءَ جي چور دروازن تائين پُهتل سيئي پير هُن ليکي رکيا آهن. هن جي ليکي پاتل سچ کي وقت لنوائي نه سگهندو.

درد اُهو پاڳوند پاڳيو آهي، جيڪو پنهنجو سپ ڪجهه وڃائي به پنهنجي اٺهوند ۽ خالييٽي منجهان گهٽو ڪجهه حاصل ڪري ونڊندو آهي ۽ ان حاصل ڪيل اندر جي خوشحاليءَ مان هُو پنهنجي آس پاس کي اَڻ ميو ارپي به سگهندو آهي.

درد جي سلطنت جي سفير جو بوئنگ جهازُ هر انهيءَ apron تي لهي سگهندو آهي، جنهن جي ڪليئرنس دنيا جي ڪا به اٿارٽي نه ڏئي سگهندي آهي.

دائميت رڳو درد کي ئي حاصل رهي آهي، جنهن ڪري درد قديم کان قديم ۽ جديد کان جديد رهندو پئي آيو آهي، جيڪڏهن ايئن قبول ڪجي ته، جديد ان ڪري جو اُهو اسان جي حال ۾ موجود آهي ۽ قديم ان ڪري جو اُن ۾ هر قديم محبت جي سچائي ۽ امرتا اَوسِ رهندي پئي آئي آهي. ٻيو سمورو ڪجهه هن پوڙهيءَ ڏرتيءَ تي عارضي آهي، جَرَ تي ڦوٽي جو ڏيک آهي، جيڪو لهرن ۽ هوائن منجهه اڏ ٽيٽو آهي.

درد جي امانتدار جو جيڪڏهن ڏَسُ، پَتو پُڇٽو آهي يا درد جي انت کي معلوم ڪرٽو آهي ته گوتم جي گفتگو کي ٻُڌڻو ئي پوندو!

گوتم پنهنجيءَ خوبصورت ونيءَ يشوڌرا ۽ پنهنجي معصوم پُٽ راهل سان هڪ ئي پلنگ تي اگهور نند سُتل هئو. داسيون نِندرا ديوييءَ جي چرنن ۾ پنهنجون ڦول مالهائون، جنهن سمي ارپڻ ڪري رهيون

هيون ۽ چاندني وٽن مٿان وسي رهي هئي، گوتم اچانڪ سجاڳ ٿي، پنهنجي هڪ داسيءَ کي ساڻ ڪري، راڄ محل کان ڪجھ ڪوھ پري پنڌ ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي چوٽي پنهنجي ئي تلوار سان ڪٽي، پنهنجي راڄائي پوشاڪ لاهي، عام رواجي ڪپڑا اوڍي، پنهنجي تلوار، پوشاڪ ۽ اڻل وڇيرو پنهنجيءَ داسيءَ کي ڏيندي چيو تہ، ”گھروارن کي ٻڌائجانءِ تہ جيستائين درد جو انت نٿو معلوم ڪريان، گھر واپس موٽي نہ ايندس.“

درد جي پوبان ايئن اُتاولو ٿي لڳي پوڻ، سُکَ ۔ سپنن کي تياڳ ڏيڻ، درد کي ئي پنهنجي لاءِ اُتم سمجھڻ، ان جي سُرهي ساڻ کي پنهنجي لاءِ قيمتي وٺُ سمجھي، درد جي ئي مالها سوريڻ، ڪشٽُ ڪٽڻُ، کو سڏارڻ ئي اهڙيءَ منزل جو مُتلاشي ٿي سگھي ٿو ڪنهن عام پُرش جي پھچ کان اِهو سپ ڪجھ پري آهي.

امرتا فقط درد کي حاصل رهي آهي.

هر اُهو آرٽسٽ جيئدان پائي سگھي ٿو جيڪو درد جي آئيني ۾ پنهنجي اصل صورت کي ڏسي سگھڻ جو ستُ ساري سگھندو آهي.

شاعري! تون آئينو تہ نہ آهين، پر آئيني تي پنيليل جھرڪين جو پاڻ سان ئي اُٽاريل جھگڙو، شور ۽ غُصو ضرور آهين!

اڄ جڏهن مان زندگيءَ جون ايڪيتاليھ بسنتي باکون ماڻي ۽ پن چڙ جون ايڪيتاليھون سانجھيون پوڄي چُڪو آهيان، تڏهن شدت سان محسوس ڪيو اٿم تہ پاڻ سُجاڻي، پاڻ سان ئي ٽِڪو مِنو ٽيڻ، خودڪلاميءَ جي ذريعي بہ ممڪن ٿي سگھي ٿو تہ مھاويڑ وانگي ايشور جي وجود جو قائل نہ رهي ڪري، روح جي وجداني قوت جي ذريعي بہ ٿي سگھجي ٿو.

اهو سچ آهي تہ، شاعري تون Personal History بہ هوندي آهين! جنهن تخليق ۾ ذات جا الميا، سور سپنا، ويڍ واکا، بي واجبيون، تلخيون، ڇھڪ ڇير، سزائون ڪٽائون، جبر، رشتا ناتا، تڪليفون، اهنج ادائون، روڳ رسوايون، زخم ۽ لُڙڪ نہ آهن تہ اها تخليق تنهنجو اصلوڪو روپُ

ڏاري نٿي سگهي، پوءِ يلي اُها پنهنجون سڀ خوبيون پوريون ڪندي هجي، پر اُها پنهنجي دؤر جي سڀ کي ڪڏهن ب پائي نٿي سگهي!

شاعري! تون درد جي ميارُ مان نڪتل اُها تِکي تلوار آهين، جيڪا هر دؤر جي تارونءَ تي ترندي رهندي آهي، ڇاڪاڻ تہ دردُ ئي هر دؤر ۾ پنهنجيءَ، پنهنجيءَ نوعيت سان موجود رهندو پئي آيو آهي. مون سدائين درد جي ذائقي کي چکيو آهي ۽ نمڪين ڇاهتن پوبان ڊوڙندي، هر پيري زخم جي گلاب کي پنهنجي ڇاتيءَ تي ٽڙيل ڏٺو آهي.

جيڪڏهن شاعري! تون ذات جي ڪٿا آهين تہ پوءِ هيءُ سڀ ڪجهہ تنهنجو روپُ سروپُ نہ آهي، پر منهنجي ذات جي چوڏاري گُهلندڙ هڪ اهڙي سرد هوا آهي، جنهن ۾ ڪا ب خبر نٿي پوي تہ ڪٿان ڪهڙا سُڪل پَنَ، ڪٿان ڪهڙي نراسُ مهڪ ۽ ڪٿان ڪهڙي اداسُ زردُ موسم اڏامي آئي آهي، جنهن جو مان ڪڏهن ب تمنائي نہ رهيو آهيان، اهو سڀ حادثاتي عمل ئي ڇئي سگهجي ٿو ٻيءَ طرح ڪٿي تنهنجي شهنشاهي ۽ ڪٿي منهنجو شعور!

اي شاعري! زندگيءَ جي ڏُٻڙ ڪهڙي ٿيندي آهي، اُها هاڻ ڏسي چڪو آهيان.

ڪنڊو گلاب جي پر ۾ ڇو هوندو آهي، يا گلاب جو گل ڪنڊي جي لڳو لڳ ڇو ڦُٽندو آهي يا گلن هوندي آڳريون ڇو رَتو رتُ ٿيندیون آهن، انهيءَ جو هاڻ ڳجهہ ڳولي لڏو اٿم.

منهنجي اتساهہ جو سبب دردُ ئي رهيو آهي. دردُ ئي اتساهہ ڏيندي پاڻ ڏي ڇڪيندو رهيو آهي، درد ئي پنهنجي دولت ۽ توانائي اربي ڇڏي آهي، دردُ ئي نين علامتن، نون استعارن ۽ ڪنايَن ڏي ونڃي آيو آهي، درد ئي نيون زمينون ۽ آسمان ڳولي ڏنا آهن، دردُ ئي نئينءَ سوچ جي سلسلي جو سرجڻهار آهي.

پرتري هريءَ، ٽئگورَ بهادر شاهہ ظفر ۽ ٽالستاءِ جي اشانت مَنَ جي اُها ڪهڙي لُڇَ پُڇَ هئي، جنهن انهن کي سنساري طور سڀ ڪجهہ هوندي ب سُک سان سئين لڳين سمهڻ نہ ڏنو.

مون بہ اکثر پنھنجي اندر جي آرٽسٽ کي گھٽا ئي پيرا گُھٽا ڏنا آھن. سُمھارڻ جون انيڪ کوششون ۽ جَتن ڪيا آھن. پر ھي بيچين ڇِتَ جون ڇِڪگون آھن. جيڪي ڏڏي ٽيڙ لاءِ تيار ئي نٿيون ٿين.

جَر ۾ جرڪڻ ئي منھنجي متيءَ جو مجاھدو آھي. جڏھن ته منھنجي مَن جون ماڻڪيون مشاھدي ماڻڻ لاءِ سدائين ڪليل رھيون آھن.

درد ئي مون کي ھميشہ موھيو آھي ۽ موھيندو رھي ٿو Enchantive Sarrows ئي شاعريءَ جو رستو ڳولي لھن ٿا. تڏھن ئي ننڍ سان دشمني ۽ درد سان دوستي رکڻي پئي آھي.

درد جو Flavor دنيا جي ڪنھن بہ پاسپورٽ اسڪاچ کان وڌيڪ Smooth ۽ سُرور پَريو آھي.

شاعري! تنھنجي ۽ شرابَ جي رشتي ڳنڍي رکڻ جي روايت، جيتوڻيڪ ننڍي ڪنڍ ۾ دھليءَ جي 'گلي باران قاسم' کان وٺي، سکر جي 'جنات بلدنگ'، 'ڪوئنس روڊ' ۽ ڪراچيءَ جي 'ڪلفٽن برج' تائين ساڳي رھي آھي، جيڪا ھاڻ درد جي تقاضا بہ آھي، تہ التجا پڻ!

ڇئي نٿو سگھجي تہ ڪنھن وقت ڏيان جو دُئارُ درد جي دستڪ تي ڪُلي پوي ۽ شاعري! تون اُجين جي شھزادي جيان من جي محل ۾ پيھي اچين!

اڄ پنھنجي سموري اعتماد سان چوڻ چاھيان ٿو تہ، مان شايد توکان وڌيڪ ڪنھن سان بہ ايماندار ۽ وفادار نہ رھيو ھجان! انھيءَ ڪري توکي بہ مون سان ڪڏھن ۽ ڪا بہ شڪايت نہ رھي آھي.

تو مون تي ھميشہ منيءَ ماءُ وانگر مِھَر ڪئي آھي، سنياليو آھي، ڪڏھن ڪڏھن تہ بچائي بہ ورتو آھي.

جڏھن جڏھن بہ وقت اڪيلائيءَ جي آڙاھہ ۾ اُڇلايو آھي، تڏھن تڏھن تون مون تي اگھاميل دُعا وانگر لٿي آھين!

تنھنجا مون تي اڻ ڳڻيا احسان آھن، جيڪي ڳڻائي نٿو سگھان، مان جيڪو ڪجھہ آھيان ۽ جيئن بہ آھيان تنھنجي ڪري ئي آھيان ۽ چاھيان ٿو تہ ايئن ئي رھان! اھا بہ شايد تنھنجي رضا ئي آھي!

تون مون کي هميشہ متاهون ڏسڻ چاهين ٿي، نہ تہ منهنجي سفارش جو ڪڏهن بہ ٻيو ڪو سبب نہ ٻڌجي ها!

مون توسان ڪڏهن بہ مصنوعي ٽيڙ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي ۽ تنهنجي آڏو پنهنجي زندگيءَ جي پرديداريءَ کي ڪڏهن بہ پسند نہ ڪيو آهي. زماني سازيءَ جا اڳ پردا گهٽ آهن، جو ڪنهن وڌيڪ اوڇڻ جو ارادو رکجي!

مون توسان ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهايو آهي، توسان سدائين پنهنجي اندر جي اهنجن جو اورڻ اوريو آهي.

مون سدائين تنهنجو وقت تولاءِ ئي وقف ڪيو آهي. وني ۽ ٻارڙا اُن لمحي تنهنجي عبادت گاهہ کان ٻاهر هوندا آهن. انهن جو احترام، محبت، چاهنا، احساس، سنپال ۽ ذميواريءَ کي اول ترين ترجيح سمجهان ٿو. (سمجهڻ بہ گهرجي) اولاد کي ئي پنهنجو حصو ۽ آئيندو سمجهندو رهيو آهيان. نياڻين کي قدرت جي رحمت ۽ پُٽن کي فطرت پاران مليل اعزاز پانيو اٿم.

ڪنفيوشس چيو هئو تہ، "انسان اُهو آهي، جيڪو سيني سان محبت ڪري، احسان اُهو آهي تہ ماڻهو ٻين سان اهڙو ئي سلوڪ ڪري، جهڙي سلوڪ جي هُو ٻين کان پنهنجي لاءِ توقع ڪري ٿو."

چند جو تمنائي رهيو آهيان، ملڻ کي هڪ دائرو ۽ وڇڙڻ کي ڪائنات سمجهي قبول ڪيو اٿم. ڳولا کي ئي زندگيءَ جو ڳُڙ ۽ پنهنجي لاءِ خوشيءَ جو خزانو پانيان ٿو. اهڙيون انيڪ شيون ۽ انهن جي ڄاڻ تنهنجي ذريعي ئي حاصل ڪري سگهيو آهيان.

شاعري! تون تہ سمجهين ٿي تہ ايڪيهين صديءَ جو نئون ڪئنواس، آيل عالمي تبديلين پٽاندڙ ئي جُڙي راس ٿي رهيو آهي.

نسلي، گروهي ۽ لساني تعصب گذريل صديءَ کي جيڪو قُربو لُٽيو، چيريو ۽ ڦاڙيو آهي، انهن گهاوَن جا نشان اڄ جي انسان جي معصوم ۽ بيوس چهري تي ظاهر ٿي بيٺا آهن، جن کي پريندي پريندي اڄ نَون تضادن، سوالن ۽ جوابن جنم ورتو آهي.

اڳڙ ڪنهن جو بہ هُجي، پر اُهو پنهنجي اڳڙ کان ڪنهن بہ ريت ڪوجهو ۽ گهٽ نہ سمجهڙ گهرجي.

ڏرتي ڪنهن جي بہ هُجي، پر جيڪا ڇڪَ ۽ مهڪ پنهنجي ماتر پوميءَ منجهان ماڻي سگهجي ٿي، اهڙي ئي خوشبوءِ ۽ انهيءَ جي امرتا جو احساس ڪنهن بہ پل، ڪنهن بہ مٽيءَ منجهان محسوس ڪري سگهجي ٿو. ڪنهن بہ ماءُ جو احترام، پنهنجي ماءُ جي احترام برابر ئي هوندو آهي.

ماکيءَ جو ميٺُ سيني جي لاءِ هڪ جهڙو ئي هوندو آهي.

هوا آزاد آهي، انهيءَ جي حد نشان جي خبر فقط خلائن منجهان ئي لڳائي سگهجي ٿي.

چنڊُ فطرت جو فانوس تہ سيني جي لاءِ ئي آهي.

سمنڊ دنيا جي سيني عاشقن جي لاءِ هڪجهڙي اتساهہ جو سبب پئي رهيو آهي.

ٻُڪَ جو رنگ سيني جي لاءِ ساڳيو ئي آهي.

آسمان جي ڪشادگيءَ آڏو ڪير پنهنجون اکيون ٻوٽي سگهي ٿو؟

ها! اُها ٻي ڳالهہ آهي تہ سڀ کي پنهنجي پنهنجي ريت، پنهنجي ڏرتي، پنهنجا پيغمبر، سپنن جي پنهنجي مالها، پنهنجي دلدل، پنهنجو رستو، پنهنجي منزل ۽ پنهنجا پنهنجا گهاوَ هوندا آهن.

جيڪڏهن ڪنهن لمحي محسوس ڪجي تہ سُور جي سَٽَ جو احساس ۽ عالمگيريت جي اُڙ تڙ، جيڪا ڪالهہ ڪافڪا، موپاسان، البرٽ ڪامیو، آسڪروائيلڊ، ماريا رلڪي، زاڪ دريدا ۽ رولان بارٽ جي هانوَن ۾ هُري هئي، اڄ بہ اُها ئي شدت گارشيا ماکيز، ٽرانسٽومر ۽ سيمس هيني جي چاتيءَ ۾ دل وانگر ڏڪي رهي آهي.

۽ اسان جو پٽائي!

جنهن داخليت جي مقام کان مٿيرو ٿي، فرد کي فراريت کان بچائي ورتو آهي، اها يا تہ اعليٰ فڪر جي وشالتا آهي يا ٻوليءَ جو وسيع پٽو جنهن ٽن صدين جي ويڇوٽيءَ کي ختم ڪندي، ان کي اڄ جي درد جي ڪيفيت سان ڳنڍي ڇڏيو آهي.

پھرينءَ ۾ ٻينءَ مھاڀاريءَ جنگ ۾ جيڪو رَتُ وھايو ويو. اھو اڄا تاريخ جي سُفيد ڪفن تان سُڪو نہ آھي.

برف پوش پھاڙن مان ھٿ آيل انساني مُردا ۾ انھن جون ھراسيل اکيون گواھَ آھن تہ انسان بنيادي طور تي حيواني جبلت منجھان پوريءَ ريت جان ڇڏائي نہ سگھيو آھي.

قرآن ۾ آيل آھي تہ " لَآ اِكۡرَاهَ فِى الدِّيۡنِ " دين جي باري ۾ ڪو بہ جبر نہ آھي، پر پانت پانت جي رياستن ۾ جيڪو ڪجھ ٿي رھيو آھي، انھيءَ کان ڪھڙي اک چشم پوشي ڪري سگھي ٿي؟

"رسول اڪرم عالمگيريت، اتحاد، محبت ۽ مساوات جي تعليم ڏئي ٿو. نفرت، عداوت ۽ تعصب کي ختم ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو."

اڄ مان سوچيان ٿو تہ شاعري! جيڪڏھن تون عالمي ڪلچر جو حصو نہ ٿي سگھندينءَ تہ تون اگھامڙ جي لائق نہ رھي سگھندينءَ! پر اھو وسارڻ نہ گھرجي تہ عالميت جي اھجاڻ جو آواز بہ انھيءَ شاعريءَ منجھان اُپري سگھي ٿو. جيڪا شاعري پھرين پنھنجي ڌرتيءَ جي درد جي دانھن کي سمائي سگھندي.

پنھنجي ذات بابت ڪيل قياس آراين کان چڱيءَ ريت باخبر رھندو پئي آيو آھيان.

ڪِن جي سوچ / وبچار موجب نئون نڪور، تہ ڪِن جي ڄاڻ / سمجھ پٽاندڙ بنھ انھيءَ جي ابتڙ!

ڪِن جي سامھون ڪليل ڪتابُ تہ ڪن جي لاءِ ويچوتيءَ سبب ذِڻِ ۾ پرولي رھيو آھيان.

ڪي Positive تہ ڪي Negative سمجھندا رھيا آھن.

ڪِن چڱو تہ ڪِن مَنو سمجھيو آھي.

مون ڪڏھن بہ پاڻ کي ڪير سان وھنتل ھجڻ جو پرم نہ پاليو آھي.

ھڪ ساڏارڻ شخص جيان ڪُٽن ۾ اَوڳُٽن جو مجموعو ئي رھيو آھيان.

دنيا جي ڪنهن ۾ تخليق يا ڪلاتمڪ رچنا تائين رسائي ممڪن ٿي سگهي آهي تہ انهيءَ کي اول ۽ آخر تخليقيت جي ڪسوٽيءَ تي ئي پرکيو ائٽم.

علم جي آبشارن ۽ ادب جي چشمن جو Transparent پاٽي ڪوهستان جي قديم پهاڙن 'هوٽياٽو'، 'سُنبڪ' ۽ 'سورجاڙ' جي سِرهَ (Ibex) وانگر وقت جي نٿهڻ اُس ۾ ڊُڪي ڊوڙي واپرايو ائٽم.

شاعري! مان توکي پنهنجو لباسُ نہ، پر پنهنجي بُت جي چمڙي سمجهان ٿو. لاهيان، لاهي نٿو سگهان.

شاعري! تو مون کي جيڪي ڪجهہ ڏنو آهي، ان کي پنهنجو موروثي حق سمجهڻ مون لاءِ ڏاڍو ڏکيو آهي. ان کي فقط قدرت جي نوازش سمجهي قبول ڪيان ٿو. تنهنجو سڱُ نہ هجي ها تہ شايد ڪڏهڪر زمين دوز هجان ها.

هر پيري توئي پنهنجو سڀاجهو هڻُ هڻَ ۾ ڏئي آفتن کان پناهہ ۾ رکيو آهي.

مون کي جيڪو ڪجهہ ڳالهائڻو/ چوڻو هو يا آهي، اُهو مان سڀ ڪجهہ تنهنجي ذريعي اظهاري چُڪو آهيان.

هي ڪتاب تنهنجي روپَ/اسلوبَ ۾ ضرور آهي، پر هي ڪتاب منهنجي وجود جي مهاپارت ۾ آهي تہ منهنجي اندر جي آتم ڪٿا پڻ.

هڪ يُگَ جي يُڌ جي مڪمل ڄاڻ انهيءَ کي ٿي سگهي ٿي، جنهن وٽ اشوڪا جهڙي پرمپرا هوندي آهي.

مان پاڻ پنهنجي اظهار منجهان سوڳوار ڏنن ۽ شادمانن جي شهناين جو آواز ٻُڌندو رهيو آهيان. مختلف ڪيفيتن ۽ الڳ الڳ حالتن جا جُهڙَ جِهمندي ڏٺا آهن. سيني سان مون کي هڪ جيترو لڳاءُ ۽ روحاني ويجهڙائي رهي آهي.

مان سُڪن ۽ دُکن جون مهربانيون ۽ انهن جا ٿورا مڃيندو رهيو آهيان ۽ انهن سيني جو احسانمندُ آهيان.

سور جو هر صفحو سُکَ جو سبق سمجهي ياد ڪيو ائٽم.

مون دوستن جا گل پنهنجي جهول ۾ ساندي رکيا آهن، ۽ دشمنن جي پٿرن کي گُل ڪرڻ جي قدرت منصور حلاج کان پرائي اٿم.

رشتن کي ڪڍهن بہ ڪائي، ڪچ سان پيٽَ نہ ڏني اٿم، پر شيشن کان بہ نازڪ رشتن جي ٽُٽڻ جو آواز ٻُڌي، انهن ٽُٽل شيشن تي پنهنجا اُگهاڙا پُنا رکي، ڏينهن جا تارا ضرور ڏٺا اٿم.

اکين مان اَکڻُ رتُ ڳاڙي، اکيلائي جي ويڪري ڇاتيءَ ۾ خودڪشيءَ جي خيال جو خنجر ضرور کوڙيو اٿم.

ڪاري پاٽيءَ جو اکيلو قيد ڪاتي Depression ۽ پاڳل پٽي جي احساس جي ويجهو وڃي محسوس ڪيو اٿم تہ زندگيءَ جو هڪ ٻيو پاسو بہ آهي، جيڪو عقليت ۽ اُميد ڏانهن وڻي وڃي ٿو.

هيڪلائيءَ جا ڪڙا ڳوڙها ٻِي، جُدائي جا ڪيترائي شوال ڪاٽيا اٿم.

پيار جي پٿراٽين مٽان وِرهہ جا وِهاٽا رکي ڪوڙيءَ ننڊ ۾ پنهنجون اکيون ضرور ڪاڙهيون اٿم.

دردُ، جيڪو سيني کي هڪ ٻئي سان جوڙيندو آهي. انهيءَ عظيم درد ئي 'بالزاڪ' ۽ 'ميلان ڪنڊيرا' جهڙن صدين جي سرجٹهارن سان سَنمُک ڪرايو آهي، جن پنهنجي تخليقن وسيلي انسان جي روشن آئيندي جو ڏَسُ ڏئي، ان کي خوف جي ڪاري ۽ منحوس رات مان ڪڍي سج ۔ ورنو صبح ڏيکاريو آهي.

هن ڪتاب جو انتظار منهنجي جيڏن ۽ دل گُهرين کي تہ هُئو، پر جيڏو هن ڪتاب جي ڇپجڻ جو اونو ۽ شدت سان انتظار منهنجي منيءَ ماءُ کي هئو، شايد دنيا جي ڪا بہ ڌيءَ اُن شدت کي ڳڻي نہ سگهي.

ساهتي پرڳٽي جي هجڻ جي ناتي مون دل جي ڏرتيءَ جي ورهاڳي واري هاڃي کي قبول نہ ڪيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جو (شايد) آخري نقاد لچمڻ ڪومل، اڄ بہ 'ڪنڊياري' ۾ ئي رهندو آهي. 'مورو' انهيءَ کان ڪجهہ فاصلي تي موجود آهي، مٿي ۽ جَرُ هڪ ئي آهن. لچمڻ ڪومل کي فن ۽ فڪر جي

حوالي ۾ مون سان اختلاف ٿي سگھي ٿو يا هُن جي ويچارن سان مان سهمت هوندي به آسهمتي ڏيکاري سگھان ٿو. پر منهنجي اندر جو آرٽسٽ لچمڻ ڪومل کي نظم ۽ نثر جو هڪ سُچيت پارکو سمجھڻ ۾ غلطي ڪري نه ٿو سگھي. چاڪاڻ ته هُو پنهنجي راءِ ڏيڻ ۾ ڪو به رک رکاءُ ڪرڻ وارو شخص / ليکڪ نه آهي.

هُن پنهنجي طبيعت جي ناچاڪيءَ جي باوجود، نوي ڏينهن جو طويل وقت ڪيڏي منهنجي مسودي کي باريڪيءَ سان پڙهيو ۽ ان تي جيڪو اظهار لکت ۾ ڪيو آهي، سندس ان احسان جو بار مان پنهنجي ڪلهن تي سدائين محسوس ڪندو رهندس ۽ سندس مون بابت ڪٿيل معيار تي لهڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو رهندس، جيڪڏهن ايئن ڪري سگھيس ته سمجھندس ته اُهو سَياڻُ قدرت طرفان منهنجي حصي ۾ ئي لکيو ويو هئو. ۽ هُو منهنجو دوست، رکيل مورائي جنهن منهنجا ڪيترائي جنم ڏٺا آهن ۽ انهن سيني کي ڪجھ صفحن ۾ سموهي مون کي پنهنجو پاڻ ايئن ڏيکاريو آهي، جيئن مان به پاڻ کي ڪڏهن نه ڏسي سگھيو آهيان. ان لاءِ ڪي رسمي لفظ لکي مان پنهنجو پاڻ کي ۽ هُن کي الڳ ڪرڻ نه چاهيندس.

**احمد سولنگي**

ڪراچي، سنڌ

خوابَ آوارا پکي،
بند اکڙين جي وڏي ڪنهن
جهنگَ ۾ آهن اُداس!

# مائيڪل اينجلو

ديس هر هڪ جي متي،
مون تہ ڏرتيءَ جي دونهاڻيل،
سُرخ گولي تان ڪٽي،
پنهنجي خوابن ۾ سنيالي آ رکي!

منهنجي اک جي دائري جي ويجهڙو،
زان ڪازاڪس، ٿو رهي؛
ڇ پکي پنهنجي پرن ۾،
جئن لڪائي ٿو رکي پنهنجا ٻچا،
سوچ منهنجيءَ ۾ ائين محمود جي ڏرتي رهي:
جا نُٽل ڪشڪول ۾ ڪنهن ماڻُ جي ڳوڙهن جيان،
يا نديءَ تي بُوند۔ بادل جو لڳي ٿو نقش ڪو؛
عشق مون لئہ ٿو اُٽي جڙ شبنمي ڪا شاعري؛
ساحلن تي، ريگزارن جي متان،
ڇ وطن جي جُهنڊ ۾،
آ خُدا جي جُستجوءَ بيگانگي مون لئہ لکي!

دُور آلندي، نرودا جي ڇِلي،
باک پنهنجي لاک برسائي جڏهن ٽي اُن متان،
سجَ ازل جي ديوتا سامهون سيئي،
صبح جا سورج مُکي ڪن ٿا سجودُ؛
ڇ جڏهن ٽي شام نارنگي لهي،
ڪنهن جي رَت جي ٽي متان ڪَڙ ڪَڙ وسي،

ڪو صليبن تان لهي ۽ ڪو صليبن تي چڙهي،
بدحواسيءَ جو نئون اتهاسُ ٿو لکبو رهي!

آءٌ آوارا پکي،
مون کي آهن ڇو مِٽيون،
پيار جون گهيريل گِهٽيون!
پٽ ڏٽي، ٽئگور، ميران ۽ ڪبير،
آتما جي اَئٽ تي ڏاڪو ڪَتي،
سُور جو سوگهو سڳو ڇو ٿا ٻڌن؟

۽ وري هُو ڪي گلابي ڇوڪريون اسپين جون،
مون لئ ڇو ٿيون خواب آوارا ڏسن!
۽ مصر جي چنڊ جي ڪائي ٽڏيري چاندني،
ڇو اکين جي ٿي سَرابن ۾ سُمهي؟

سڀ انڌيرا، چاندنيون مون تن اندر سانڍي رکيون،
ديس هر هڪ جون گهٽيون مون من اندر سانڍي رکيون،
پوءِ به منهنجي انت لئ،
ٿيون خدا تخليق ڪن،
اينجلو جون آگريون!

# پوپَ کي کھڙي خبر؟

هر چرچ کي هر روز ٿو پوچو لڳي،
جڙ فرش ٿو شيشو لڳي.
مريمَ، مسيحا جي اَڇوتي لڙڪ سان،
ڏوتي سڄي ڏرتي مگر،
جيڪي صليبن تان ڳڙي رَت جا قُڙا پَٽ تي پيا،
کنهن کان نہ سي ڏوپِي سگهيا!

سو ريجُ ريٽي رَتُ جو،
جنهن مان قُتي ٿو ڪٽڪ جو ڪو سنگُ_سونو،
ٿو پَري جڙ پيتُ جنهن مان ڪو بُکيو!
جنهن چرچ ۾ گهاريو گهڻو،
تنهن پوپَ کي کھڙي خبر؟
اهڙي مٽي آ هر ڪليسا کان مٽي!

# قلو پطره

ڪُشادي رات جي ٻيڙي،
رسيون، ساڪا، لنگر لوها،
نماڻن ميربحرن جا،
ڏڏا ڪي خوابَ جا پاڇا،
مٿان فانوسُ فطرت جو،
سمورا منتشر تارا،
حسين ڪنهن حادثي جي لئہ،
الئہ ڇو منتظر آهن؟

جواني قيمتي تنهنجي،
اکين ۾ چاندني پوکي،
هوا مضبوط تختن تي،
لهي ٿي اپسرا وانگي.
درياءِ نيل جو پاڻي،
ڏسي ٿو اک ڪٽي توکي،

قلو پطره!
چپن جا تو ڏئي ياقوتَ
ءِ الماس اکڙين جا،
هٿن جا ڏئي ڪنول اُجرا،

سَريکو سون جو سينو،
ڳلن جا تِرَ، بدن جون ڪئين ٻهارون ڏئي،
مڃون ٿا تو ٻچايا،
ملڪ پنهنجي جا،
سوين انمول هيرا ۽ هزارين بي ٻها موتي،
مٿي محبوبُ پنهنجِي،
آسماني ديوتائن جا سيئي اوتارَ،
ڏاهپ، ڪرشما، اهرام ۽ صحرا،

قلو پطره!
مٿان فانوس فطرت جو،
سمورا منتشر تارا،
حسين ڪنهن حادثي جي لئ،
الئ ڇو منتظر آهن؟
ملائم، ريشمي، ڪمخواب ٻستر ۾،
سُمهين ٿي روز سِيزر سان،
مگر خنجر ٻُڌل رَت ۾،
مٿي تو سُرخ سِيزر جي،
ڏٺي ڪنهن خواب ۾ ناهي!
رسيءَ کان مختصر، نازڪ،
سنهيءَ هِن چيلهه تنهنجيءَ کي،
سهارو ٻانهن جو آهي.
مٿان دستور موجب ئي،
چپن تي چَپَ رکيل آهن.
بدن جڻ ڌاڪ جي وَلِ جئن،
بدن تي ئي وريل آهي.
هٿن جون آگريون ويهه ئي وڃن ڳنڍجي
اِئين ڪنهن طلسماتي موهَ ۾ ٿيون، جو

پَتو ئي ڪونہ ٿو پئي ڪو،
هَوس ۽ عشق ۾ ڪهڙو،
ازل کان رابطو آهي؟

قلو پطره!
مجون ٿا تون هميشہ کان محبت جي اسيريءَ ۾،
اڪيلو ڪونہ سيرز کي رکين ٿِي، پر
ڪرين ٿي زلف ڪافر سان، سموري روم کي قابو،
ٻيو ڪهڙو ٻلا ڈَسُ، مصر جي آ چنڊ جو جادو!

تنها پالي پيارَ نہ سُمھ!
ايئن اڪيلي ڏارَ نہ سُمھ!

نند ۾ ويندءِ چنڊُ چُمي،
وِلَھ ۾ ويڑھي وارَ نہ سُمھ!

جَرَ تي بَرسِي ساري رات،
برَ ۾ ڪارونپارَ نہ سُمھ!

جيسين ٻُکيو پيٽُ ڀَري،
تيسين پالٹھارَ، نہ سُمھ!

ڪِڙيو چنڊُ، اُڏام چڪور!
ايئن قبولي ھارَ نہ سُمھ!

چوري! چوٽيءَ منجھ ڀَري،
موتئي جي ھڪارَ نہ سُمھ!

# کارو پاڻي

ڪجھ وٽي ۽ ڪجھ سُجھي ئي ڪين ٿو،
گھر جي ديوارن سان خالي گفتگو،
روز ُجو معمول آھي!

بيقراريءَ جو پکي ٿو روح کي چُڪندو وتي،
درد جو ڏاڳو ڪٽي دل سوَرَ ٿي سِبندي رھي،
روز اُپري سڄُ ٿو ۽ روز ٿو اُلھي وڃي،
شھر جي اوچن مڪانن کي وليون ويڙھي ويون،
اُس چانديءَ جون ڳليون، ناسي لڪيرون خواب جون،
گرم لڙڪن ساڻ اکين ۾ ويون ڏنڊ لائجي.
روز ھُو رُسوا ڪري، نئين کا نہ کا تھمت
گھڙيو وينا گھڙن،
روز شيشي جي گھرن مان پاڻ پٽر ٿا ھٽن،
پر نٽا ڇاڻن ٿ شيشي – گھرُ سندن،
ڪيترو ڪمزور آھي؟
نيٺ شيشو ئي ٿ آھي!

ڪنھن گلن تان آ چکيو نمڪين سُرھي ءَ ساڻ ڪي!
ڪنھن ڪيو محسوس منھنجي درد جي احساس کي!
ڪنھن چکيو پاڻي اکين جو، لڙڪ جي لُوٽاڻ کي!
ڪير ڳوڙھن کي ڳٽيندو؟
وقت جي ھيءَ ڏوڙ سيني جي مٽان وسندي رھي،
ڪير ٿيو بدنام آھي،
ڪير ٿو سوچي اھو،
ڪنھن خواريءَ جو ڪنيو ھي پاڻ تي الزام آھي!

شهر ۾ آ شور ڪيڏو، ڪيرُ ٿو ڪنهن جي ٻُڌي،
ڪيرُ آ ڪوڙو ٽيوءِ ڪير ٿو سچ ڪي سڏي،
ڪنهن ڏٺو هي يونئر ڪارو، ٿو ٻِري ڪنهن جي مٿان؟
ٿو پَيجي آرسُ ڪٽي ءِ لارَ ڪنهن جي ٿو لڳي.
ڪنهن ٻُڌي هيءَ ڪانهن- ڪاني،
رات ۾ ڪنهن لئہ رُني؟
چنبُ ڪنهن جي لئہ ڪِڙيو،
ءِ رات جي راڻي ٽِڙي،
ڪنهن ڪڏهن اپريل ۾،
گُل مهر جو آ رتوليءَ لاڪ ۾ جوپن ڏٺو؟
دور گرجا جي گهٽيءَ ۾،
ڪنهن جلادن جي هٿان مصلوب ٿيندي،
مُک مسيحا جو ڏٺو؟
ڪنهن ڏٺيون پاتال ۾ پاڙون پير جون،
ءِ هوا جو راڳُ پَنَ پَنَ مان ڏڪارو
ڪنهن ٻُڌو آڪاس ۾،
ءِ ابابيلن جي آڏو،
شهر جا مينار اوچا ڪنهن ڏٺا؟

شهر ۾ آ شور ڪيڏو، ڪير ٿو ڪنهن جي ٻُڌي؟
ڪير ٿو ڪنهن کي ڏسي،
زندگيءَ جو زهر قاتل،
ڪير پيو ڪنهن لئہ پِئي،
ڪير پيو ٿو
ڪاري پاڻيءَ جو، اڪيلو قيد ڪاٽي؟

ڪيڏو تيجُ، ٽِڪون-

وينگس ٽُنهنجي ويسَ ۾!

مھڪن پيئون ماڪ ۾،
ڪيئي رنگ-رُتون-

وينگس ٽُنهنجي ويسَ ۾!

رُوپ سُنهرا سِجَ جا،
رم جھم روشنيون-

وينگس ٽُنهنجي ويسَ ۾!

اُسَ نپايون گج ۾،
ڪرٽن جون ڪِرچيون-

وينگس ٽُنهنجي ويسَ ۾!

عشق کي سخت سزائن کاڏو،
لڙک جو لوڙ وفائن کاڏو.

وقت تي ڏوهه ڏيون ٿا ڪهڙو؟
آخري ديپُ هوائن کاڏو.

زهر ئي زرد ڪئي چانڊوڪي،
چنڊ کي رات بلائن کاڏو.

مان نہ منڪر نہ محبت ڪافر،
منهنجو ايمان دعائن کاڏو.

عشق آزاد ڪري ٿو ليکن،
عشق جو قيد خُدائن کاڏو.

خواهشن جسم پَٽِيو آ احمد!
سوچَ ويچارُ انائن کاڏو.

باکَ ڇُلڪايا گُلابن جا گلاس،
پوپٽن پيتا شرابن جا گلاس.

نند ۾ ڪيڏا تِکا شيشا لڳا،
ڪنهن ٻڌا هي رات خوابن جا گلاس.

اوت مون تي اوت جانم! اڻ مَيا،
رنگَ جوپن جا، شبابن جا گلاس.

مون گناهن جا رکيا ترتيب سان،
ڪنهن رکيا وچ ۾ ثوابن جا گلاس.

بُکَ ۽ افلاسُ ٽوڙي ٽا ڇڏن،
نظرين ۽ انقلابن جا گلاس.

اُجَ کي مون رُجَ ۾ اُڇلي ڇڏيو،
مون ڀري پيتا سرابن جا گلاس.

# رنگ رتي تنهائي

سنهڑيون سيرون، پير پکيءَ جا،
جن جي هيٺان سِپَ سمائي،
ٿڏڙي واريءَ تان ڪنهن نيرڱ،
نيل – ڳگن ڏي اک ٽمڪائي.

سِڑهه سڌري تي بڑڇي پهتي،
يا، سُرخ شفق جي لالائي،
پڳهه، لنگر ۽ جهنڊيون رڳيل،
گهاٽي لهرن تي گهرائي.

لال ٽيا سپ جارَ وڇايل،
ساحل تي ٽي پَرتَ پرائِي،
سمنڊُ سڃو آ سونو پيالو،
سُرڪ پِيئي جو، سو سودائِي.

لاکي جاجيءَ جي ڄڃ اُپ مان،
سج کي موڙَ ٻڌي آ آئي.
لائون لهندي سمنڊ ڪناري،
گهونگهٽُ شام ڪٽي شرمائِي.

ٻيڑيءَ ۾ ٻئِي پاڻ اسکيلا،
پنهنجي ٻُٽ تي لِيڑَ نه ڪائي،
ڄاڻئِي آهي پاڻ ٻنهي تي،
ڪيڏي رنگَ رَتِي تنهائي!

# وقت جو وان گوگ

ڪنهن ڪلا جي اصيل ڪاريهر،
نيٺَ فنڪار جا ڪَڪيا آهن،
مان ڪيڏي نہ گهٽلريءَ ۾ آ،
بُرشَ بيجان سيُ رکيا آهن!

وقت جو وانُ گوگ گُم آهي،
ڪير چا لئہ ڇِڪي لکيرن کي،
ڪيرُ ٿو آگريون گَهڙي پنهنجون،
رتَ ڦُڙا ڪينواسَ کي ارپي!

ڪو پڪاسو ب ڪو نہ آهي اڄ،
فڪر، فن کي فريم تي چاڙهي،
سونهن ليکي جديد پئرس جي،
تن بدن کي فريم تي چاڙهي!

آ مڪمل نہ نقش ڪنهن جو ئي،
پنهنجي تصوير ڪنهن نہ گُهوري آ،
خواب ۾ ڪنهن خيال ۾ رهندي،
نند پُوري نہ ڪا اڌوري آ.

رنگَ آوازَ کان سوا پٽڪن،
ڇٽ تہ خاموش هيءَ خُدائي آ،
ڪو ب سُڌڪو نہ ڇِترڪاريءَ جو،
درد جي دانهن ڪنهن لِکائي آ؟

جلادَ! اَڏي مُرڪي: ڪنهن نيهن نظاري ڇڏ!
سِرُ ڏارَ ڪري ڏڙَ ڪان، سرمد کي سُمهاري ڇڏ!

تخليقَ ۽ خالقَ ۾ تفريقَ نہ آ ڪائي،
هي پاندُ پناهُن جو جسمن تان اُتاري ڇڏ!

هر خيال ڪبوتر جيئن، آڪاشُ تلاشي ٿو،
تون نيٺ ڪري نغما، تارن ڏي اُڏاري ڇڏ!

آوازُ سمندر جو ڪنهن ڪوڏ ۾ گونجي ٿو،
ڇڏ دُور جزيري تي، يا ڪنهن ته ڪناري ڇڏ!

مجذوبَ جي پيرن جي پازيب ٽيان آئون،
درويشَ! نگاهن سان هڪ وار نهاري ڇڏ!

متيءَ جي بِنوڙي ۾ هي ساهُ سُتل آهي،
سجدي ۾ وڃي احمد! انسان اُتاري ڇڏ!

# خُدا جا خليفا

ونِي ٿا سگھون سپ،
وٽن ۾ پناھون،
وٽن تي نگاھون رکي ٿا سگھون پر،
وٽن سان مخاطب رھيو ڪيرُ آھي؟
ڪڏھن ڪنھن پڙھيو آ،
وٽن ۾ رسالت جا آثارَ آھن،
وٽن منجھ جوڙُون ۽ جنسارَ آھن.

ڪٽن ساھ وڻ ٿا،
وٽن کي ملي ڪا عجب دلکشي آ،
نئين نغمگي آ.

وٽن تي لٽا رنگَ ملھارَ جا ڪئين،
وٽن سان ھوا جي رھي گفتگو ٿي،
وٽن جي مٿان چاندني چندُ اوتي،
وٽن سان تکي اُسَ رھي روبرو ٿي،
وٽن منجھ ڪوئل پُڪاري، سنياري،
پُراٽين گھڙين ۾ رکي اڪ نھاري!
وٽن کي ٽُکي ڪاڪ ڪُنڙو،
ڪٽي مينھن جي ۽ تکي تِروري کان،
صبح شام محفوظ گھر جو ھُو پھريون تصّور،
ٿو دنيا کي ارپي.

وٽن منجھ ڳيريون،
اُٽن خواب جا ٽيون گھروندا ککاوان.
ٽکل کي مسافر وٽن هيٺ ويهي،
صدين جي سفر جي رکن ڳنڍُ کولي،
اکيون، پيرَ ويڑهي،
سُمھن ننڍ جي ٿا ٽڏي ڇانوَ ڳولي.

مقدس محبت جا خاموش پاڇا،
وٽن جي ٽُڙن تي لکي نانوَ پنھنجا،
رسيلن چپن سان،
چُمن چاھتون ٿا،
رکن دل جون دل تي،
سِڏيون آرسيون ٿا.

وٽن ڏي جُڳن جا خريدارَ نڪتا،
کي نِرواڻ خاطر طلبگارَ نڪتا،
وٽن تي لٽِي زندگيءَ جي بِشارت،
پکي هي خُدا جا خليفا،
امن آشتيءَ جي علامت!

جنوريءَ جي هوا ۾ هُن جو گهر،
برف جا پيڇرا ۾ هُن جو گهر.

رات، خاموش شهر جا رستا،
آءٌ تنها، خدا ۾ هُن جو گهر.

دل جو درياهُ اوچتو اُٿليو،
اک ٻم سپنا ٻُڌا ۾ هُن جو گهر.

چنڊُ پيلو، اُداسُ چاندوڪي،
اولڙا اولڙا ۾ هُن جو گهر.

زندگيءَ جي گهٽي ڪيئَن اُڪران؟
موت جا دائرا ۾ هُن جو گهر.

ٻُکَ ويڑهي سُمهي پيا آهن،
ڏِسُ ننديا ٻارڙا ۾ هُن جو گهر!

هن سفر ٻم اجا گهٽا احمد!
وقت جا وهڪرا ۾ هُن جو گهر.

زندگي، محترم آهي.
عاشقي، محترم آهي.

اک پَري هن ڌَنو توکي،
هيءَ ندي، محترم آهي.

چوڪرين ۾ سين کان هوءَ،
چوڪري محترم آهي.

هُن جي ڪعبي، ڪليسا کان،
هيءَ گهٽي، محترم آهي.

دل جي تارن کي ڇيڙي ٿي،
راڳٽي، محترم آهي.

هُن لِڦُن کي وڪيو ناهي،
آدمي، محترم آهي.

مانَ سان جا، ملي مانيي،
سا، رُکي، محترم آهي.

دوست! تُنهنجي جوانيءَ جي،
خُودڪشي، محترم آهي.

واءَ ۾ ٽي ٻَري، تڏهين،
هيءَ ٻِتي، محترم آهي.

جلي سانجھ- سَتِي-
اُيُ سڃو ئي آڳ آ.
لَکن راسيون رَتيون،
سورج ساڻ رَڃِي-
اُيُ سڃو ئي آڳ آ.
هيءَ جا لهر درياهَ جي،
ڳاڙهي رنگ رَتِي-
اُيُ سڃو ئي آڳ آ.
تارن اکيون اُپٽيون،
بٽيو چندُ بتِي-
اُيِ سڃو ئي آڳ آ!

# آشائن جو آڳنڊُ

هي جو پونئري جهڙو منُ:

ڪين قبولي هڪڙو هنڊُ،
مُڪڙيءَ مُڪڙيءَ جو سوڳنڊُ!

هر گل کي آ روپُ اَنوپُ،
ڪومل نرمل، سونهن سروپُ،
سُرهو سُرهو واسُ وَرنُ:

سپ ڏي پيرو، سپ ڏي پنڊُ،
مڪڙيءَ مڪڙيءَ جو سوڳنڊُ!

ڪنهن جو ڪنهن جو سوريان ساهُ،
ڪنهن جو چورايان مان چاهُ،
ڪنهن جي ڪايا جو ڪنچنُ:
ڪنهن جو موهُ تہ ڪنهن جو منڊُ،
مُڪڙيءَ مڪڙيءَ جو سوڳنڊُ!

منهنجو پنهنجو پاڳُ – اَپاڳُ،
پنهنجي منزل، پنهنجو ماڳُ،
پنهنجي دنيا، پنهنجو ڏَنُ:

ءِ آشائن جو آڇنڏُ،
مُکڙيءَ مُکڙيءَ جو سوڇنڏُ!

ٽاري ٽاري لوڏي واءُ،
پَل پَل کي پنهنجو پڙلاءُ،
گهڙيءَ گهڙيءَ کي روپُ رتنُ:
وقت وقت کي پنهنجو انڊُ،
مُکڙيءَ مُکڙيءَ جو سوڇنڏُ!

بدن تنهنجو جواني آ، نديءَ جي،
جواني جاوداني آ، نديءَ جي.

ڪنارا خواب جا ٻوڙي وڃي ٽي،
اکين ۾ ئي رواني آ، نديءَ جي.

ڪو منظر بي لباسيءَ جو رکي ٽي،
ڪهاڻي بي زباني آ، نديءَ جي.

وڻن ۾ ٽيون وڃن وکري هوائون،
ٽڏي سانجهي سُهاني آ، نديءَ جي.

مڑهي ٽي پيرَ، پَکَ، دلڪش اُڏارون،
پکيءَ تي مهرباني آ، نديءَ جي.

پُراڻو هاڪڙو ٽو ڏوڙ ڇاڻي،
مڪاني لامڪاني آ، نديءَ جي.

ٻُڏو پاتال ۾ احمد ڪٽي آ،
نديءَ ۾ بدگماني آ، نديءَ جي.

# اُتر قُطب

اُتر قُطب،
پربت پربت،
ساندھ برف وسي ٽي.
جبل جبل جي،
هر کا چوٽي،
ململ پوتي،
اوپر، اولھ، اُبتو قيرو،
سِجُ اُپري ٽو،
سال ۾ ھڪڙو ڀيرو.

آريا۔ ست جي ھڪڙي ناري،
روپ – رُپھرو،
ٻانھن ڪرائيءَ اُس ۾ وِگھري،
چوڙيگر جو چوڙو،
ٽڪريءَ ٽڪريءَ پگھري پاٽي،
شور ڪري ٽو جھرٽو،
پکيءَ پکيءَ جو پاڇو پرکي،
نديءَ نديءَ ويڳاٽو.
رات 'رشي' ڪو ڏٺي ويو جنھن کي،
ڳوڙھا، ڳل۔ ڳاراٽو.

هاءِ هماليہ جيڏا ماڻهو،
ڇَپر چاڻون،
جن جون واڻون،
هندوڪش مان نڪتيون.
پنڪ پنڪ جيئن پيرَ اُڏامي،
فرش، عرش مان نِڪتيون،
باڪون، لاڻون.
پويان آهن اپ ۾ اڪيون،
سورج ونسيءَ جون،
پربت پربت،
اتر قطب.
۾ هوءَ وينگس،
سورجُ پوڄي،
برف پگهاري ڏينهن ڳڻي ٽِي،
ساندھ برف وسي ٽِي.

# راڻا سَرُ

رات راڻا سَرَ مٿان ڪو چنڊ جو شيشو ڇَڳو،
خواب مان ڇرڪِي جڏهن هو جَرَ ڪي جاڳي مون ڏٺو،
منهنجي دل جي بيقراريءَ ۾ِتَ ڪي ڀاڪر ڀَريو،
درد الغوزي جيان جڙ روح ۾ وڃندو رهيو،

مون پُڪاريو: "تون ڪٿي آن"؟
تو چيو: "چيلهارَ ۾!"
هن سَمي جي ساهه ۾ ۽ سارَ ۾!

چانديءَ سان ڀاڪُرين آوارگي مهڪي پئي،
سُرت ساري 'سارسن' جي ٻولَ ٻاجهاري ٻَڪِي،
ريت جي آڪاس ۾ ڪئن ننڊ سپنن جي ٽُٽِي،
هن گهڙيءَ، هن سانت ۾ ڪٿ ڏَتَ جي ڏاڻي سُتِي،

مون پُڪاريو: "تون ڪٿي آن"؟
تو چيو: "چيلهارَ ۾!"
مندرن ۾، گهنڊَ جي گونجارَ ۾.

ڪنهن ٻُڌو سُرَ، سازَ جي آواز جو نغمو مِنو؟
ڪنهن ڏٺو آ گيتَ ۽ سنگيتَ کي گهائي گهُٽو؟
نغمگيءَ جي جهول ۾ آ ڪنهن مٿو پنهنجو رکيو؟
ڇو سدائين آ هوائن جي ڪُلهي ۾ ڪِينرو!

مون پُڪاريو: "تون ڪٿي آن"؟
تو چيو: "چيلهارَ ۾!"
هر صدا جي سوزَ ۾، سُرَ تارَ ۾!

پاندَ منهنجي کي رنگيني جاگِرين ٻيرين ڏَني،
ٿوهرن جي ڏارين تي چيٽَ- برکا چاندنِي،
کُونيٽن جون ٽاريون ٽيون دل تي ڇاڻن شاعري،
ڏُنڊلن کن درختن ڏي جڙ سڏي پئي زندگي!

مون پُڪاريو: "تون ڪٿي آن"؟
تو چيو: "چيلهارَ ۽!"
منظرن جي موهَ ۽، مهڪارَ ۽!

وقت جي ويراني سان ڪنهن تَنَ کي توري رکيو،
'ساڏوهين' کي ساهَ ساري، ڏَهر کي ڏوري رکيو،
سونهن جي ساجاهَ کي آ درد جي ٿوري رکيو،
چاهتن جو چنگُ آهي چارڻن چوري رکيو،

مون پُڪاريو: "تون ڪٿي آن"؟
تو چيو: "چيلهارَ ۽!"
پيرَ جي هر چيرِ جي چمڪارَ ۽!

مان اڪيلو ڪينَ آهيان، پڌَ-پروانا اُڏَن،
ڪوڙ راڻا سَر مٿان ٿا خيال ديوانا اُڏَن،
مورَ جهڙا پَنکَ پَهري، نينهن نذرانا اُڏَن،
رِند ٻَهکن، مَدُ چمکي ۽ ٿا مئخانا اُڏَن،

مون پُڪاريو: "تون ڪٿي آن"؟
تو چيو: "چيلهارَ ۽!"
اڇ مسافر مَدُ جي ملهارَ ۽!

مِهر ٹوري، مهربانو!
اي زمينو! آسمانو!

شيش- گهر ۾ چانوَ ڪهڙي،
شهر جا او سائبانو!

هڪڙي پاسي پاڻ آهيون،
هڪڙي پاسي آ زمانو!

پاڻ ئي ڏهندا وڃو ٿا،
اي مڪينو! اي مڪانو!

ڪنهن نديءَ جي پار آهي،
چنڊ! تنهنجو آستانو!

رقص ۾ ڏرتي رهي جئن،
گيت ڳايو نوجوانو!

# همير و ڪولهي

وقت هميري ڪولهيءَ جو
ڪيئن گذريو آ، ڪيئن گذري ٿو؟

ڪيڙيءَ ۾ آ خوابُ انهيءَ جو،
اوڙَ اوڙَ ۾ آس انهيءَ جي،
ناڙيءَ تي آ جاڳ انهيءَ جي،
پارڪِري هُو پوڙهو ڪڙمي،
جوڳ انهيءَ وت، جاتَ انهيءَ جي،
پير اگهاڙا واتَ انهيءَ جي،
گهاتُ انهيءَ جو گاجاهم موري،
پرٽو اُن جو مرٽي جهڙو،
ڪهڙا گهوٽيتا ۽ ساڏي،
ڪهڙا ڄاجي، ڪهڙا ڪانڊي؟
زالون اُن جون موت مري ويون،
پٽ، نہ نُهرون، اگڻ اڪيلو،
ڪهڙو اُن جو ڪُڙم قبيلو؟
گهر- لوڙهي ۾ هڪڙو پوٽو.

ٻُڪ ۾ پاڻي پيئندڙ پوڙهو،
رنگ جو ڪارو، ڪن ۾ واڱِي.
اڪ سُفيد پکيءَ جي پَر جيئن،
هيءَ حياتي ڪيئن اُن جاڱِي؟
موڪ ۾ ريت – لُڙاٽيل پاڻي،
سارين سائي چادر تاڻي،
ٻنيءَ ٻنيءَ ۾ ديرو اُن جو
پٽيءَ پٽيءَ تي پيرو اُن جو،
هر پلُ آهي تابع اُن جي،
سانجهي، رات، سويرو اُن جو،
هيءَ ڌرتي آ ماءُ انهيءَ جي،
وڻ وڻ آهي ٻاءُ انهيءَ جو،
پن پن، ڪلَ، ڪنگور ۽ نڙَ سان،
ماڻيلو آ سڳُ انهيءَ جو،
سڄُ ۽ ٻڄُ ٿو ٻهڪي اُن لئہ،
هر ٻارو آ دنگُ انهيءَ جو.

هر ماڻهو ڇا ڄاڻي سگهندو،
اُن جي ڳالهين جي مالها ۾،
آهي معنيٰ جو هر ڏاڪو،
وقت هميري ڪولهيءَ جو،
ڪيئن گذريو آ، ڪيئن گذري ٿو!؟

# اُگھاڑا چور

ڏينھن ويڑھيل بادلن ۾ ھو ھتي،
پٽُ پھريل شام جا پاڇا ھُئا،
اندلٽ جا رنگ ھا، يا اُپَ کي،
ڪنھن ٻَڌا رنگين جٽ ڏاڇا ھئا!

سِجُ صليبن جو لھي ويو ھاڻ آھِ،
شھرَ جو سورج مُکي ڪو ٽئي نہ ٽو،
ھُو ھُئو پاڳل چڑھي ويو دارَ تي،
ڪير آھي ڪو ٻيو سِرُ ڏئي نہ ٽو.

گُگھُ اوندھ سان اکيون، ٻانھون ٻَڌي،
چندَ کي اغوا ڪيو آھي ويو،
رات جو منحوس ڇِڙن کي ڏسي،
ديسَ کي چنڊو ڇيو آھي ويو.

ديس! تُنھنجي دانھن مان ڪنھن کي ڏيان،
ڪنھن نہ مرندي آ پڪاريو ۽ سڏيو،
پنڊ ۾ ويو نانگُ سيني کي ڪکي،
ڪنھن مُڙي ڪنھن کي نہ پويان آ ڏٺو.

درد جو دارون ڏئِي هُو ديسَ کي،
ڇڻ پسارين جا جهلي وينا دُکان،
خواب هر ڪنهن جي تريءَ تي هُو رکي،
ويا اڏيندا سونَ، چانديءَ جا مڪان.

ڪُوڙ جو ٿِي ڏنُ ڪنيائون ڏوڙِ مان،
سچَ جا ساکي نہ ها، پرور نہ ها،
ديسَ جون چتيون اُڀيڙي ويا ڪٽي،
ڇڻ اگهاڙا چورَ ها، رهبر نہ ها!

بي خوف صليبن تي، آ وقت جي چريائي،
منصورُ قبولي ڪيئن، هِن دؤر جي دانائي.

هن دل جي ٽُٽڻ تي آ، شيشن ۾ ڪيو ماتم،
پٿر جي خدائن وٽ، آ مُرڪ جي مهنگائي.

جلادَ سِسي ۽ ڏڙُ، هَٿَ، پيرَ ڪَپيا هُن جا،
هن رسمِ شهادت تي، تاريخ ۾ شرمائي.

رومي‌ءَ جي رقاصا جو، ڪنهن پيرُ ڪَچيو آهي؟
هي رقص عبادت آ ۽ روح جي اُجرائي.

هن چندَ چڪوري جو، ڪو انت نہ اچڻو آ،
چانڊاڻ ۽ چاهت کي، آ مات ڪڏهن آئي؟

منصورُ ڪري پردو، جڳَ ۾ ٿو جيئي تنها،
شِبلي‌ءَ کي سزا گل جي، پوڳائي اڪيلائي.

# دامنِ کوھ

سرد موسم جي ڏھاڙن ۾ ملي،
اُسَ جي آثار جھڙي ڇوکري،
وئي نظر جي نانگَ سان مون کي ڏنگي،
زھر جي ڪنھن ڏار جھڙي ڇوکري.

پھچندي ئي روح جي پاتالَ ۾،
کا ٻَڌِي وئي ڳنڍ سوگھي ساھ جي،
ديد جا وئي در اورانگھي ھانوَ ۾،
کا سيالٹ ھير، وارث شاھ جي.

آرزوءَ جو ڪو لڳي ٽي سلسلو،
يا ايامن جي اندر جِي اُڃَ ھئي،
ڪنھن سمندر جو تہ جٹ عُنوان ھئي،
يا نگاھُن جي اڳيان کا رُڃَ ھُئي.

ڪوھِ دامن جي رھاڪو نينگري،
آبشارن جِئن حواسن تي لٽي،
ھُن نديءَ جھڙين نھارن سان ڏٺو،
پيا اِرم جا بند دروازا کُلي.

اڪِڙين جي آلاڙ۔
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي.
تنهائيءَ جي اونداهيءَ ۾،
يادن جي چانداڙ۔
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي.
موتئي جهڙن ماڪ ڦڙن ۾،
هيءَ جا آ سرهاڙ۔
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي.
آڏيءَ اُٻَ ۾ هيءَ تارن جي،
جڳ مڳ روح رهاڙ۔
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي.
پرهه پَريءَ جي پاند ڪٽڙ سان،
اوپر ۾ لالاڙ۔
تنهنجي ڳالهه ڪري پئي.

لهرون، پکي، ڪنارا، وسڪارَ سارَ ۾ ڏِسُ!
نِيرا اٿاهه ساگر، پنهنجي نهارَ ۾ ڏِسُ!

ڪي زلف سرڪشيءَ ۾، زنجير ٿي پون ٿا،
گهرا سنگينِ گهيرا، ٻانهن جي هارَ ۾ ڏِسُ!

موسم جون مهربانيون، هُرندیون رهن هوا ۾،
گهر جون ڳليون اوهان لئہ، مهڪيون بهارَ ۾ ڏِسُ!

ڏي جهول ۾ گلابي، جوپن جا ڦول مون ڪي،
تو ئي گلاب پوکيا، پنهنجي خمارَ ۾ ڏِسُ!

ڪنهن چنڊ جي تمنا، پاڳل ڪيو اسان ڪي،
ڪي رات جا ستارا، پنهنجيءَ پچارَ ۾ ڏِسُ!

# هڪڙي مالها سوري

ڏور پُراڻي هُن مندر ۾،
سوچون، سندر سپنا گهوري،
هڪڙي مورت پوجي پڳلي،

هڪڙي مالها سوري.

سِجَ جي ڪرڻن تي هُن گل جي، اک رهي هرجائي،
هڪڙيءَ منڙيءَ ٻُوند ابر لئہ ، سِپَ سدا سودائي،
هڪڙي چندرما جي پويان، آندو انتُ چڪوري،

هڪڙي مالها سوري!

هڪڙي من – موهن لئہ هُن جا، ڇُلڪن نيٺ ڪٽورا،
ڪنهن پل هُن کي چينُ نہ آهي، هر پل هورا کورا،
ريجهائي ٽي جاڻي پوءِ ٻہ، هينئڙو هوري هوري،

هڪڙي مالها سوري!

ڪهڙي گيانيءَ ۽ اگيانيءَ، ماڻيو من جو موتي،
هڪ پل آهي جيون۔ مايا، هڪ پل جيون جوتي،

هڪڙي پل ۾ ڪير ڪٽي ٽو، سُک ۽ دُک کي توري،
هڪڙي مالها سوري!

رنگ محل ۾ چوڏس چهرو، روشن هڪڙو آهي،
هي جڳُ ان جا روپَ سَوين پر، درشن هڪڙو آهي،
هڪڙو ڪرشن هڪ بنسيءَ سان، آيو جهنگ کي جهوري،
هڪڙي مالها سوري!

تو سوا وڃان ڪاڏي!
زندگي ڪيان ڪاڏي!

اک ڪڇي نٽي توتان،
اک ڪٽي ڏسان ڪاڏي!

چندَ رات، تنهائي،
درد کان پَڃان ڪاڏي!

آءُ تون لڪائي رکُ،
لوڪ کان لڪان ڪاڏي!

هر ڏِسا عقابي آ،
اي هوا، اُڏان ڪاڏي!

# قرة العين طاهره

قرت العين،
ڪالھ خوشبوءَ جي مدفن ۾ جيئن ئي سُتي،
اڄ بہ اُن جي متي،
جڙ گلابن ۾ آهي رکي،
ڳ گُل لالہ وانگر سندس چهرو ٻهکي پيو.
طاهره جو بدن باغ ۾،
کوڙ سارن گلن جي آهيئان رکيو،
وارَ جڙ ياسمِن ساڻ مهکن پيا،
ڳ اکيون جڙ تہ نرگس ۾ رهجي ويون،
چپ هر ڪنهن ڪليءَ ۾ ٿا مُرکن پيا.
ڪنهن بہ پوشاڪ، پردي ۾ ڇاهي رکيو،
حسن جو هر حوالو آ وکريو پيو!
سبزُ سُرهي هوا ٿي گلن مان لنگهي،
جاڳ جلاد جي،
ننڊ منصور جي،
موت آڏو الڳ ٿي ڪا معنيٰ رکي!
ڪالھ جيئن ڊيل جي چال سان،

سونهن – ساگر ڪٽي،
رنگ پوپٽ جا پَهري هوءَ نڪتي گهران،
ماڪ شيشا جهليا جڙ تہ اُن جي اڳيان،
نُور وسندو رهيو صبح – تاري منجهان،
ءِ اکين خواب جا ڪنپ ڪولي ڇڏيا،
ڪنهن پکيءَ جي پَرن جي اُڏارن جيان؛
عشق پنهنجون جبينون جهڪائي رکيون.
ڪير آهي، ڏسي ڪائناتي حسن؟
جُهڙ جي جهالر منجهان، چنڊُ جهاتيون وجهي،
سمنڊ کي ڪيئن ندي پَوَ ۾ پاڪيون وجهي!
آبشارن پهاڙن، زمينن اُپن،
ريگزارن سان ڪنهن جو رهي ربط ٿو!
ڪنهن بہ آهي ڏنو؟
سِجُ، صد برگ، جو گُل ٿو نِوڙي چُمي،
وقت، تاريخ جي جڙ تہ تسبيح ۾،
ملڪ موتيءَ جيان ٿو هٿن ۾ گُهمي،
طاهره جي ڳچيءَ ۾ چُنيءَ کي وجهي جن ڇِڪيو،
نَنهن نِڙيءَ تي ڏئي ءِ گُهٽو جيئن ڏنو،
وقت گهوگهو ڏنو جڙ تہ ايران کي!!

هي دؤر سوچ لوچ جو، پيڪر نہ ٿي سگھيو،
فنڪار جي تراشَ جو پٿر نہ ٿي سگھيو.

ڪڏھين گلاب پوک مان، گوليون ڦُٽي سگھيون؟
ڪنھن گل جي پنکڙيءَ منجھان، خنجر نہ ٿي سگھيو.

ڪو ديوتا رھيو نہ پرستش جي واسطي،
ايمانُ ڪفر جي اڳيان، ڪافر نہ ٿي سگھيو.

دل مان جھانَ جي نہ تمنا ڪُٽِي ڪڏھن،
منھنجي اندر جو شخص، قلندر نہ ٿي سگھيو.

ڪيڏي نہ اُجَ اُساڻَ رھِي روح جي اندر،
درياھ ڪنھن بہ ريت، سمندر نہ ٿي سگھيو.

ھُو تخت، بَخت پير جي ھينان رکي ھليو،
پر سنڌُ کي منظور، سڪندر نہ ٿي سگھيو.

احمد حساس دل آ رھيو دوستو سدا،
ارپي شعورِ زندگي، شاعر نہ ٿي سگھيو.

# مڪمل جسم

مٽي تون مَن و سلويٰ ڪان،
مقدس ديوتائن ڪان،
نهايت خوبصورت تون،
خيالن جي خُدائن ڪان!

رکين ٽي دل جي ڏڙڪن ۾،
رهي خاموش پٿر جان،
ڪرين ٽي پيار تون مون سان،
ڊڄين ٽي پر زماني کان!

بنائڻ مون کي چاهين ٽي،
امر ڪو لوڪُ قِصو تون،
ءِ پنهنجي جسم جو مون کي،
مڃين ٽِي اڏُ حصّو تون!

مڪمل مون سَوا ناهين،
مڪمل ڪو نہ ٽِي سگهندينءَ،
بدن ڏاران بدن ڪهڙو،
اڪيلي ڪونہ جِي سگهندينءَ!

محبت جي مٽي ڳوهيون،
رکون ويساهُ جنمن تي،
سَمايون ساهَ ساهن سان،
رهي پردو نہ جسمن تي!

جوڳٽ – بين وڄي-

نانگ ندورا آئيا.

چڙهي رات چڪيا مٽي،
مُنهنجي ڀيٽ سڳي،
جوڳٽ – بين وڄي-

نانگ ندورا آئيا.

جُونا جوڀن هيئن تون،
مون سان ڪر نہ ٺڳي!
جوڳٽ – بين وڄي-

نانگ ندورا آئيا.

ها، هيءَ مُنهنجي جندڙي،
تنهنجي توهَ تڳي،
جوڳٽ – بين وڄي-

نانگ ندورا آئيا.

تو بن ڏاڍا ڏاکڙا،
آيا لار لڳي،
جوڳٽ – بين وڄي-

نانگ ندورا آئيا.

ٿر تي برسِي سنهڙي ٻُوند،
اک مان ٽپڪِي رَتَ جي ٻُوند.

بَر سڃي جي پياسي نند،
جاڳائي وئي هڪڙي ٻُوند.

ڪَڇِي مٽي مهڪِي جيئن،
مان ٽيان ڏرتي، تون ٽي ٻُوند.

ڪُوڙيون ڪريون، ڪُوڙي سانجهَ،
کوٽيون ڪِنوٽيون، کوٽِي ٻُوند.

کارو ساگر اُپڙِي روز،
سِپَ جهٽي ٽي مڻڙي ٻُوند.

ڪرين پاتا جڙ پازيب،
رڻ تي ڇم ڇم ڇمڪِي ٻُوند.

# سُفيد ڊسمبر

هي برفباري سُفيد دريا،
ڪَنارَ تي ڪا سُفيد ٽَڪري،
ٺڌي هي موسم ۽ سردُ ساحل،
اَڇن تهن تي اُداس ڪڪري.

زمينَ ويڙهيل ڪفن ۾ آهي،
ڪئي وئي آ سفيد پوشي،
۽ برف ۾ريل بدن ۾ آهي،
دلين ۾ وِلهَ ۽ ڪُلِي خموشي!

ڪپاهَ جهڙيون وٽن جون ٽاريون،
پگهاريل جڙ پنن تي چاندي،
هي برف ۾ ڏِسُ حساس ٻُوٽا،
۽ سرد رستو، هوا پيادي!

پکي ڊسمبر اُٽن پيا ٽاڻ،
مفاصلن جي گهٽاءِ موسم!
اڇِي برانڊي بدن کي تون ڏي،
وسارِ ويچا، نياءِ موسم!

# سپ کي پنهنجو گوتم آ

سپ کي پنهنجي پنهنجي ريت،
پنهنجي پنهنجي ڏرتي آ،
پنهنجا پنهنجا پيغمبر،
پنهنجي پنهنجي جاگرتا.
پنهنجو پنهنجو ڏرم ڪرم،
پنهنجي پنهنجي آ پوڄا،
پنهنجي دنيا ۽ عقبيٰ،
پنهنجي پنهنجي محبوبا،
ساڀيا ساڀيا جا موتي،
سپني سپني جي مالها!

پنهنجون پنهنجون سِيمائون،
پنهنجا پنهنجا حصا ۽ _
پنهنجون ڏنڊڪٽائون ڪئين،
پنهنجا پنهنجا قصا ۽ _
پنهنجي پنهنجي حرم سراءِ،
پنهنجا پنهنجا ديرا ۽ _
پنهنجا پياسا پياسا پَٽ،
تاسا تاسا صحرا ۽ _
پنهنجا جَهر جَهر جهرٽا ڪئين،

پنهنجا جهلمل تارا ۽ـ

پنهنجن پنهنجن پيرن ۾،
پنهنجي پنهنجي دلدل آ،
پنهنجو پنهنجو رستو ۽
پنهنجي پنهنجي منزل آ،
سبز جزيرا پنهنجا ۽ـ
پنهنجو پنهنجو ساحل آ،
سپ کي پنهنجي ميگها رُت،
پنهنجو پنهنجو بادل آ،
پنهنجي پنهنجي عصمت ۽ـ
پنهنجو پنهنجو آنچل آ.

سپ کي پنهنجو پوربُ ۽ـ
پنهنجو پنهنجو پچم آ،
سپ کي پير رقاصا جا،
پنهنجي جيرِ ۽ جَم جَم آ،
سپ کي پنهنجا ساز ۽ سُرَ،
سپ کي پنهنجو سرگم آ،
سپ کي پنهنجا پنهنجا گهاءَ،
پنهنجو پنهنجو مرهم آ،
سپ کي پنهنجو گوتم آ،
سُرَوم دُکمُ دُکمُ آ.

نيٺ آلا، اُگهي ته به چگو،
ٿورو مرڪِي، ڪلي ته به چگو.

دردُ ٻيلي جيان ٿو ٻَري،
ٿورو ٿورو، دُکي ته به چگو.

پيار، نفرت منجهان ئي سهي،
ڪنهن نظر سان، ڏسي ته به چگو.

روز چهرا نوان ٿِي رکي،
هڪڙو چهرو، رکي ته به چگو.

برف جهڙي ٺڏي ڇوڪري،
باهه وانگر، بکي ته به چگو.

سيٽيءَ جو آواز-
آڏيءَ ويل گهٽيءَ ۾!
چور ۽ چوڪيدار کان،
ڪيئن لڪائن راز-
آڏيءَ ويل گهٽيءَ ۾!
چانڊوڪيءَ ۾ واءَ جو،
جهيڙو جهيڙو ساز-
آڏيءَ ويل گهٽيءَ ۾!
تارا، ڇاجي اُٻَ جا،
چنڊُ ڪري ٿو ناز-
آڏيءَ ويل گهٽيءَ ۾!

# مستقبل جي نالي

هوائن جي آنچل تي ڪنڊڙو پرن ٿيون،
هي فطرت جون همراز فنڪار ڪريون،
شفق رنگَ جو دنگ ڏرتي نہ، سورجُ،
اکيون آدميءَ جون وجن پاڻ ڳهريون!

نئون سج ڳيريءَ جي ڪنڍاڻين سان،
ڏکڻ ايشيا تي نوان رنگ اُٽندو،
سين سرحدن تان هوائون مٽيندیون،
دلين مان محبت جو درياهه ڦُٽندو!

ٽڏو جنوريءَ جو سمورو مهينو،
ٽڏي رات اُن جي ڇميل برفَ جهڙي،
ٽڏي پنهنجي سرحد ڪڏهن دوست ٽيندي،
ٽڏي ملڪ جي ڪنهن ٽڏي طرفَ جهڙي!

ڪڏهن ڀهڪندا خواب جڳ جي اکين ۾،
ڪڏهن خوف، بيداد جا قيدَ ٽُٽندا؟
ڪڏهن مات جهنگل جو قانونُ ٽيندو،
ءِ جهرٽا محبت جا ڏرتيءَ مان ڦُٽندا!

اداس روح ازل کان پناهَ ۾ آهي،
حسين خوابَ جي جنت جي چاهَ ۾ آهي.

جڏهن خُدا ئي رهي ٿو يقين کان ٻاهر،
فرار فرد جو اڪثر گناهَ ۾ آهي.

ڪَکي ٿي نند وجي روز ڪامَ! ڪَجراري،
نہ سگهہ سريرَ، نڪِي ساهُ ساهَ ۾ آهي.

هوا سنگيت ٿي ڇيڙي ملاح ڪشتيءَ سان،
سمونڊُ سانجهہ سان ڪهڙيءَ صلاحَ ۾ آهي.

صليبُ سوچ جو عيسيٰ ڪٽي جتان گُذريو،
اسان جو عشق انهيءَ رسم راهَ ۾ آهي.

نقابُ پوشُ اجل آ سوار گهوڙي تي،
ازل کان ابد جي ارڏيءَ نگاهَ ۾ آهي.

# سَتِي جَتِي

سونَ سريکي پنهنجي ڏرتي،
گهايل گهوڙا، آرڙ- اَرتِي،
جنهن جنهن اُن کي لُنءَ لُنءَ لاتو،
تنهن تنهن سان آ پِڙَ ۾ پَرتِي:

سائڻ سرتي، سَتِي جَتِي!

ڏرتيءَ ڏوڻ نہ جهڻو ڏنُ آ،
ميرو جنهن جو مُور نہ منُ آ،
ٿر ۾ ٽڏڙيون، پِتَ پِتَ ولڙيون،
تِن ۾ ڪيڏو واسُ، ورنُ آ،
موتيءَ جهڙي، جوتيءَ جهڙي،
اُن جي اَن جي رَتِي رَتِي:

سائڻ سرتي، سَتِي جَتِي!

زيريون ۽ زنجيرَ نہ گھرجن،
اوچڙ ۽ عنبيرَ نہ گھرجن،
پنھنجي قاتل سانڀ لوئي،
ٻانڊوٽا پَٽ چيرَ نہ گھرجن،
بخمل جي پوشاڪان آڳَري،
پنھنجي چولي چَتِي چَتِيا

سانئڙ سرتي، سَتِي جَتِيا

پنھنجي متي پنھنجي آھي،
چندئون چِتِي پنھنجي آھي،
ٻيٽِ ٻلي تون دنيا ساري،
پنھنجي گھٽي پنھنجي آھي،
واڙي واڙي، ٻاڙي ٻاڙي،
سپ کي پنھنجي پَتِي پَتِي:

سانئڙ سرتي، سَتِي جَتِيا

چند تارن سوا، رات اهڙي لڻِي،
بلبُ ٻرندو رهيو، پر نہ اوندھ گھٽِي.

هُو گلابن کي پوکي، سُتو صحن ۾،
رُت اپريل ۾، ريجُ رَت جو ڏئي!

هوءَ سُڏَکِي، لُڇِي، رات ڪشتو ڀَڄِي،
فٽ پاٽن مٿان، بُکَ ويڑهي سُتي.

زرد پاڇا نہ توتي پون ڇوڪري،
بيهُ شيشي اڳيان تون نہ تنھا اچي!

شهرَ پنھنجا، ستم ڪيڏو، جو ٿا لڳون،
اوپرا اوپرا، اجنبي اجنبي!

# دانهن

سورج مُکيءَ،
ڪنڌ لاڙي چيو:
"سِجُ
ڪنهن جلاد جيان،
رات جي ڦاهيءَ
چاڙهي ٿو!"

# تهذيبَ جو نئون جنم

بُکن ۾ ڪڙهن ڪنهن جا آندا جڏهن ٿا،
سڃي رات فطرت جي تخليق روئي،
ڏکن جون ٽي شبنم سان مالهائون پوئي،
عُمر کان اڳي ٿا ٽين ٻارَ بالغ،
وتو هي جنم آهه تهذيب کهڙو؟
انڌو دؤر ڪنهن جي ڪري پالنا ٿو!

سڃو ڏينهن ڇمني ٻَري مِل جي ٽي،
ڀُکن نانگ دونهين جا آکاسَ ۾ ٿا،
پناهون ونڻ لُڙڪ احساسَ ۾ ٿا،
جڏهن سانجهه سوني اگهڻ تي لهي ٽي،
ٽکل ساڻو ساڻو ٽو مزدور موٽي،
هٿين، پيٽ خالي ۽ مجبور موٽي!

لٽو شهر جي آ اکين منجهه موتيو،
ڪنن منجهه ڪوسو پَريو وقت شِيهو،
رهي شهر گونگو ۽ خاموش ڪيڏو!
ڪٽي ساز آواز جا گيت پوکيون؟
اکيون آرسيءَ تي رکِي ناز ڪريون،
ڪٽان گفتگوءَ جو ته آغاز ڪريون؟

هڪڙي گوليءَ سان ڪِڙيو،
هڪڙو ڇاتيءَ تي گلابُ_
ڪهڙو خوابُ؟
ڪهڙي ساڃيا خواب جي؟
ڪنهن ڪيو اتهاس ۾،
اهنسا جو انتخابُ_
ڪهڙو خوابُ،
ڪهڙي ساڃيا خوابَ جي؟
وقتُ گرهڻ ۾ وتو،
ڇوڏَسا اوندهه عذابُ_
ڪهڙو خوابُ،
ڪهڙي ساڃيا خوابَ جي؟
ايندو ايندو اوچتو،
آشتيءَ جو انقلابُ_
ڪهڙو خوابُ،
ڪهڙي ساڃيا خوابَ جي؟

# سُپاٽي جو سڏارٿ

انهيءَ لئہ منتظر آهيان،
جنم جيڪو ونڊي پنهنجو چُڪو آهي،
مڪمل پر ٿيو ناهي،
ايا هو دائرو رت جو،
ڪچو آلوٽڙو ڪوئي،
بدن جي جستجو ۾ آ،
انهيءَ جا نيڻَ ٻُوٽيل ۽
ايا هُو گريبَ ۾ آهي!'
وڏي ٿو روزُ جيڪو جسم جي اندر،
حرارت ٿي ملي اُن کي،
الڳ سنسارَ جي رستي،
انهيءَ جي دل پئي ڏڙڪي.

انهيءَ جي لوچَ پنهنجي آ،
انهيءَ جي نندَ پنهنجي آ،
انهيءَ جي جاڳَ،
ان جي ڊوڙَ پنهنجي آ،
انهيءَ جو سجُ پنهنجو آ،
انهيءَ جو چندُ پنهنجو آ،
انهيءَ جو دؤر پنهنجو آ،

انهيءَ جي سِرشٽي پنهنجي،
انهيءَ جي زندگي پنهنجي!

ڦُٽي ٽي واتَ ان جي لئہ،
اکين جي خشڪ صحرا مان،
ندي ڪنهن خوابَ مان جاڳِي،
لهي ٽي پئي سمندر ۾،
سُڪل وڻ جي صليبن تي،
ڪِڙن ٽا گُل،
مسيحا جي آڇوتيءَ مرڪ جهڙا ڪئين،
انهيءَ جي راهَ جا ڪندا،
گلابن وانگيان،
ٽِڙندا رهن ٽا ماڳَ مهڪيل ۾،
صبح جي ويل،
مانارن منجهان وِگهري،
ڳڙي ٽي لارَ ماکيءَ جي.
ڇَمر ٽا ڇانوَ ڪن هُن تي،
سِپن جا قيمتي موتي،
اُڪنديا ٽا رهن هُن لئہ!
هُما هُن لئہ مسلسل آسمانن ۾ اُڏامي پيو،
سُنهرو سج پهاڙن تي،
ٽئي ٽو سر بسجدا ۾،
زمينون ٽيون صدائون ڏين،
رهن بي چينُ ساحل ٽا،
هوائون گيت ڳائن ٽيون.

اُهو جيڪو،
ايا آيو به ناهي ۽،
ايا موجود دنيا ۾،
ڪَڇِي اک آ نہ ڪولي، اُن،
سُياڻي جي سدارت جي،
نئين نِرواڻ جي نغمي
پُڌڻ لئہ منتظر آهيان.

شرابَ ۾ جڏهن لهي ٿو چنڊُ آسمانَ جو،
گلاس ۾ پري پيئون ٿا دردُ هِن جهانَ جو.

رهي ٿي دل جي دوبدو، ڪا آئينن جي گفتگو،
هلي ٿو ڪاروبارُ ڏِسُ فريب جي دڪانَ جو!

زمين مختصر اڳيان سموند جي وشالتا،
ڏسان ڏسان ۾ خوابُ ڪيئن زمينَ تي مڪانَ جو!

انيڪ آدمي رهن ٿا مُنفرد ۽ مختلف،
نہ شهر جون شناختون، نہ ڪو پَتو نشانَ جو!

خيال، خواب ۾ متان اچي وجين تون اوچتو،
ڪُليل دُنڊار دل جو آ ۽ در ڪليل ڏيانَ جو.

اکين جي برف پوشُ هيءَ ندي جمائي خوابَ ٿي،
پگهاري نيڻَ جو نہ ٿو ڪو گرم سِجُ گمانَ جو!

بيوطن بيقرارن جو سفر،
دربدر درد وارن جو سفر.

دوستو! پيار آهي ئي فقط،
واعدن، اعتبارن جو سفر.

تنهنجي ئي تير سان روکيو ويو،
تنهنجي ئي شهسوارن جو سفر.

اي اکيون لڙڪ روکيو مان ٿيو،
طئ ڪريو رازدارن جو سفر.

فاصلن ۾ مسلسل ٿو رهي،
حادثن، انتظارن جو سفر.

جئن لڳا واٽ تي پٿر، ٿيو_
باوضو گنهگارن جو سفر.

# مريم جي مٽي

چنڊُ هو رڻ ۾ ٻَريو،
رات جنهن تي هئي نَرِي،
تون پئينءَ چو پاڪرين،
چاهَ منهنجي ٽي چَرِي!

تو نہ ڄاتو هي ڪڏهن،
مان وڏو سيّاحُ هان،
ساحلن جي تڙ هان،
مان وڏو اوڙاهُ هان.

مون ۾ عربي سمنڊ جون،
ڇيڪ ڇوليون ٽيون ڇُلن،
ڪي جزيرا جان ۾،
ڇوڙ، ڇاڙهون ٽيون ڇُلن!

اڄ ٻہ ساڳيا سڙهه سنوان،
من جي ٻيڙيءَ ۾ لُڏن،
بيرڪون ڪي بحر جون،
مون ڪي ڏورانهون ڇِڪن.

اڄ بہ پوئي هار ڪي،
هُو هوائون ٽيون هُلن،
جابلو جَرَ ساڻ هُو،
پير منهنجا ٽيون ڏوئن.

ايئن نہ مون کي روڪ تون،
لُڙڪ جي زنجيرَ سان،
پيار منهنجو پيار ناهي،
راهہ جي رهگيرَ سان.

منهنجي دنيا اُپَ کان،
ءِ زمينن کان وڏي،
روح جي ڪن راحتن،
بيقرارين کان وڏي.

هي جُهڙالو نينهن جو،
چند گهڙين جي چوٽ آ،
مينهن جو آ معجزو،
پَلر جي پالوٽَ آ.

پوءِ بہ ٽي مون لئہ لِکين،
ڇو صحيفا سارَ جا؟
تاسَ جا تمثيل ءِ،
ڪي ديباچا دارَ جا.

مون ۾ جاڳي روز ٽِي،
کارونجهر جي ڪورَ کا،
گوڙڏروءَ جي گونج ۽،
ڪي ٺهوکا مور جا.

۽ پريان ڪي ريت تي،
هُو پکين جا پيرڙا،
ٽا اُٽن آوارگيون،
جڙ سکين جا پيرڙا.

سُجَ جي هر شام ۾،
ويا نگاهن ۾ لهي،
تون نہ سي سمجهي سگهين،
پيار منهنجي جا پَهي.

مان نہ ڪو تبريز هان،
۽ نہ روميءَ جو ربابُ،
مان نہ هان شيراز جي،
ڪنهن بہ متيءَ جو گلابُ.

مان نہ عيسيٰ جو صليبُ،
تون نہ مريم جي متي،
مان نہ ڪرسمس جو قصو،
تون نہ گِرجا جي گهٽي.

سِجُ صوفيءَ جي مُندي،
جنهن تي منهنجو آ جَڙاءُ،
آءٌ ڪرٽو سانجھ جو،
منهنجو پاڻيءَ تي پَڙاءُ.

تون وڃائي ڇا ڪندينءَ،
مون ۾ پيانو موهَ جو؟
آسَ پائي ڇا ڪندينءَ،
آءٌ نہ جھرٽو روهَ جو.

پيار جي پياس جي، آس ڪاڻي پَلِي،
دل اڪيلي بنا ماڪ، چمپا ڪَلِي.

سج جي ڇِڪَ ۾، گول ڏرتي گُھمي،
ڳالھ سچ جي، سموري گِليلي سَلِي.

روح ۾ تيز بارش، اُٽي موسمون،
رنگ پوئي ھوا ۾، شھر جي ڳَلِي.

رات سُنسان، ويران ڪيڏي ھئي،
راھ ۾ مختصر روشنائي رَلِي.

# سورٹ نيٹ نگينا

چارڻ!
تنهنجو چنگ نہ اهڙو،
جهڙي سورٹ سونهن!
تو وٹ اهڙي تند ڪٽي آ؟
جهڙا هُن جا وار.
چريا! تو وٹ چاهه نہ اهڙا،
جهڙا هُن جا پيار.
تو وٹ اهڙو ساز ڪٽي آ؟
جهڙي هُن جي ڇير.
سورٹ ڪجري،
من جي اُجري،
تنهنجي من ۾ ميرُ!
تنهنجي مُٹ ۾ ماڻڪ موتي،
هيرا، لعل هزار.
هُن جا نيٹ، نگينا نوري،

حيرت ۾ وينجهار!
تو وٽ سُر جو مانُ ڪٿي آ؟
توکي سِرَ جي لوڙ.
هُن جي چوڙين ۾ سَو سرگم،
جُھوناڳڙھ جي جوڙ.
تون پينارُ ڳلين ۾ ڳائين،
تنھنجو ڪھڙو مُلھُ؟
سورٺ سون-سريکي ساري،
آھي پاڻ اَملھُ!

رات بہ ڪاري رات۔
مون وٽ، وَٽِ نہ ڏِيئڙو!

جنھن جي ھٿ ۾ روشني،
اُن کي ڪھڙي مات۔
مون وٽ، وَٽِ نہ ڏِيئڙو!

سِرُ مٿانھون سنڌ ڪان،
ڪيڏي اوچي بات!
مون وٽ، وَٽِ نہ ڏِيئڙو!

ھِن اونداھي ڏيھ ۾،
جرڪي منھنجي ڏات۔
مون وٽ، وَٽِ نہ ڏِيئڙو!

رانول تنھنجي رتَ مان،
جاڙ ڦٽي پريات۔
مون وٽ، وَٽِ نہ ڏِيئڙو!

جڏهن ٻي پاڻ ۾ وکري ڏسان ٿو،
سمندر جي اڪيلائي ڏسان ٿو.

پلي وڇڙي وڃو مون کان سفر ۾،
اڪيلو ئي سهي مان جِي ڏسان ٿو.

نهارن ۾ نئون ٻيجو لڳايو،
محبت جي مٽيءَ جو ٿِي ڏسان ٿو.

پکيءَ جي اک منجهان نڪري اڪيلو،
هزارين روز آهيڙِي ڏسان ٿو.

لباسن ۾ رکيو ڇاهي، ٻُڌايو؟
مزاجن ۾ ئي عُرياني ڏسان ٿو.

ڪُلي ٿي، خواب ۾ ئي تِشنگي کا،
لهي ٿي ننڊ، مئي نوشي ڏسان ٿو.

# کارو بَن

سپنن جو سودائي بَن مان گذري ٿو.

کاري بَن جون راتيون کاريون، ڏينهن بہ کارا،
برسن گهور۔ انڌيرن تي ٽا، مينهن بہ کارا،
وقت پکيءَ جيئن آوارا ٿي اُڏري ٿو۔

سپنن جو سودائي بن مان گذري ٿو.

بن ۾ کارا نانگَ، بَلائون، شينهن، گِداڑيون،
چيتا، باندر، لومڙ، سوئر، رِڇ، بَگهاڙيون،
پَنُ پَنُ ڏڙِکِي آوازن تي وکري ٿو۔

سپنن جو سودائي بن مان گذري ٿو.

بَن ۾ هر پاسي آ ڀيانڪ اوندهه ڇائي،
بَن ۾ آهي سانجهه، صبح جي مهل نہ کائي،

ڪير ڪنڌن ۽ زرد پنن تان اُڪري ٿو۔

سپنن جو سودائي بَن مان گذري ٿو.

سپنن کي ٻي روز سفر ڪو ڪرڻو پئي ٿو،
دؤر پُراڻي پٽر جي ۾ رهڻو پئي ٿو،
ساڻيائن جو سِجُ ڪڏهن ايئن اُڀري ٿو۔

سپنن جو سودائي بَن مان گذري ٿو.

درد جي آرسي، ٽي ڏٺي روح کي،
خودفريبي خوشي، ٽي ڏٺي روح کي.

اڇ سرءُ جي وٽن مان ڇٽي چاندني،
کا ڦِکي روشني، ٽي ڏٺي روح کي.

نيٺ لهرن جي پينگهن ۾ لُڏندا رهن،
ننڍ گهَرِي ندي، ٽي ڏٺي روح کي.

ڊاک جي ول جيان، تنهنجي چوٽي لُڏِي،
ڇانوَ ڪٽڙي منِي، ٽي ڏٺي روح کي.

لُڙڪ ۽ زرد سپنا، ارپنا منجهان،
کا ٻُکي جُهوپڙي، ٽي ڏٺي روح کي.

شهر ڪنهن اجنبيءَ جا مسافر اسين،
هر گهٽي ڇڻ چُمي، ٽي ڏٺي روح کي!

تون جي ناهين تہ هيءَ، سانجهه ميرانجهڙي،
روز وِهَ جي وٽي، ٽي ڏٺي روح کي.

# سوڳ

درد جا بادل اکين ۾ اڇ لٽا،
بانسُريءَ جا دُور سُرَ ٻُڌجن پيا.
اُيَ جي خالي ٿُنڀل ڪشڪول ۾،
ڪنهن ستارن جون رکيون هي پاؤليون؟
ڇ نظر جي دائرن ۾ ڪِٽ نہ ڪو،
روشنيءَ جو ڪوہ جاڳيو تِرورو،
ڇو الائي تون تہ اوجهل ٿي رهين؟
سوڳَ جي سُنسان ڪاريءَ رات ۾.
ڪونہ آيو نُور جو ڪو شهسوارُ!
روح جي خانہ بدوشي هيءَ پرين،
ڇ نظر ۾ آهہ تُنهنجو انتظارُ!
هيءَ هوا هوشيار ڇ چالاڪ آ،
جاڳَ جي هر گهاٽ تي اُلري پئي.
ڳهرَ جي هر خواب سان ٽڪرائجي،
ديد جي پئي دلبريءَ کي دادُ ڏِئي،
لُڙڪ جي ڪنهن سُرخ ڳاڙهيءَ لهر سان،
هيئَن هلڪو بار دل جو ٿو ٿئي!

# پيارَ جي ڏورِ

تنهنجي اکڑين سان ڏسڻ سپنا گُهران ٿو،
هر سياڪو سڄُ منهنجو، تنهنجي نيٽن مان قُٽي،
تنهنجي اکڑين ۾ سُمهان ۽ تنهنجي اکڑين مان اُٽان،
مان هجان نمڪين موتي، تنهنجي پنبڻين ۾ ڇُلان
تون رهين نزديڪ، تنهنجي
روز اکڑين ۾ ٻُڏان، اُپڙان، تران،
يا ته مان تنهنجي پرن جي پر ۾ ڪوئي تِرُ هجان،
روز تون مون کي سنيارين!
جي نهارين چاهَ مان مون کي نِکارين-
يا ڪتابي تنهنجي چهري تي ڇِٽو،
حسن جي جڙ نُونَ جو نُقطو هجان!
يا ته مان تنهنجي لبن جو رنگُ ياقوتي هجان!
تنهنجي چپڙن ۾ رچان ۽ تنهنجي مُرڪن کي رگيان،
تنهنجي ٿهڪن ۾ ڪڪوريو مان وجان-
يا ته تنهنجي نڪَ جو ڪوڪو هجان،
تنهنجي سڱندي ساهَ ۾ جيڪا بہ آهي،
باغ جي رابيل جي خوشبو، ولين-
سُرهاڻ، سرڪنڊ ۽ چنبيلي جو ڦُليل،
مان انهيءَ ۾ تنهنجي ساهن جي سهاري،
شامَ جي تاري جيان ٻرندو رهان.
يا ته مان جُهومڪ هجان،

صبح سانجھيءَ رات جو تنھنجي ڪنن ۾ پيو لُڏان،
تنھنجي ڳلن سان پيو گسان،
رخسار تنھنجا پيو چُمان!
تون ٽڪي ليٽي وھاڻي تي پوين،
ڀ ڳھرجي مان ڳلن سان ڳل ملائي ،
خوابَ جي ماحول کي اُٽندو رھان،
يا ت تنھنجي ڪونج جھڙيءَ مان ڳچيءَ ۾،
ست سري دھريءَ جيان،
ھن سونھن سان سنوري پوان،
تنھنجي سيني جي سچي ھن سونَ کي،
يا خريدي پيارَ جا انمول موتي پيو مڙھيان،
ساڪ تنھنجي تن بدن ۾ واسَ وَن جي مان کٽان.
وڻ جڏھن ڦُولارجن ۾ ٻيرَ جڏھين ڇاڻجن،
مان ب تنھنجي جھول ۾ ڪو ٻيرُ ڳاڙھو ٽِي ڇٽان۔
يا ت تنھنجي پير جي پازيب جي چاندي ھجان،
تنھنجي پيرن ۾ رھان ۽ تنھنجي پيرن ۾ سُنھان،
تون ھلين جي ڊيل وانگي، تنھنجي پيرن ۾ وڃان!
تون رڳي منھنجي ت ٽي ڏِسُ!
ڏور پنھنجي پيار جي مون سان ٻَڌي ڏِسُ!
تنھنجي تَنَ کان تنھنجي من تائين رڳو،
مان نرم ڪي روح جا رستا گُھران ٿو،
تنھنجي اکڙين سان ڏسڻ سپنا گُھران ٿو!

ڏينهن کي رات، رات کيئن چئجي؟
جيت تنهنجيءَ کي، مات کيئن چئجي؟

جنهن جو پاڻي، نہ آهہ رتَ ورنو،
تنهن نديءَ کي فرات کيئن چئجي؟

قيدَ کيڏا ضمير لئہ آهن!
آدميءَ جي نجات، کيئن چئجي؟

هُوءَ کنهن موڙَ تي ملي ويندي،
اهڙي کا ممکنات، کيئن چئجي؟

رسم سقراط جي نيايون پيا،
زهرُ احمد حيات، کيئن چئجي!؟

# منهنجو پُٽ

منهنجي پڙڏاڏي جي پيڙهي،
مون کان پوءِ!
منهنجي پُٽ تائين آ پُهتي.
هُن جو منهنجو جرُ بہ ساڳيو،
ٻانهون ساڳيون، ٻرُ بہ ساڳيو،
منهن، مهانڊو قد ۽ هاڻي،
چال بناوت ساڳي آهي،
منهنجي ۽ منهنجي پُٽَ جي
نک، اکين جي جوڙَ جڙاوت ساڳي آهي.
سپ ڪجهہ هي هڪ جهڙو هوندي،
هُن جي خوابن جي پر سرحد پنهنجي آهي!

مان ڳوناٽو،
منهنجو دريا پرتي ڀاٽو،
منهنجو اُپرڙ، اُلهڙ پنهنجو،

منهنجو نڪرڻ، سنبرڻ پنهنجو،
منهنجو هر پل پنهنجي ترَ سان،
لڳ لاڳاپو پنهنجو آهي!
منهنجي رهڻي ڪهڻي پنهنجي،
سڳ سياپو پنهنجو آهي!

منهنجي پٽ جي پيرن هيٺان،
شاهي رستو شهر ولايت وارو آهي.
وينزويلا يا آمريڪا،
ميڪسيڪو يا ڪئناڊا،
هُن جي اڪ جي آڏو آهن،
هُن وٽُ پنهنجا زاويا آهن
پنهنجا نقشا، خاڪا آهن!
سوچَ بہ پنهنجي رُخ جي آهي،
هُن جي خواهش جو هر پاسو پنهنجو آهي،
هِن دنيا ۾ هُن جو حصو پنهنجو آهي!

وئي وئي رات وئي۔
آيو آيو سوجھرو.

پنھنجا ساڳيا پيچرا،
نہ ڪا ٻول ٻئي۔
آيو آيو سوجھرو.

اوندھ انڌوڪار جي،
ناھي ڳالھ نئي۔
آيو آيو سوجھرو،

تو جو ھُو اوڳاڇيو،
ٻڙڪي سنڌ ٻئي۔
آيو آيو سوجھرو.

# راڌا!

پگلي راڌا!
تنهنجي شوپا،
سانجهيءَ ويلا،
ڏيئي وٽِ جان،
لاٽون لاٽون،
روز ٻَري ٽي!
مندر چُپ چُپ،
گِهنڊَ ننڊاکا،
سانجهه سهيڙي،
پازيبن جي،
سُرَ جي ورکا۔
گوپيون ڳائن،
بندرا بنَ ۾۔
شيام ڪنهيا!
تو لئہ دوها،
خاموشين جا!

ڪنهن اڳيان شخص هُو جُهڪي نڻو ،
بُڪَ ۾ هوڏ تان لهي نڻو.

روز ڪيڏا ڪتاب ڏو پڙهي،
سڄ جي زهر کي چَکي نڻو.

هُن اُڏارا وتا ۾ پيرَ، پکَ،
وقت سان گڏ ڀُڪي، اُڏي نڻو!

آس جو آسمانُ آگميو،
پر ڪِنوي ۽ گجي، وَسي نڻو.

نانگُ، جو پيندَ تي پڇي لِکو،
هاڻ لٺ کان ڊڄي، لکي نڻو.

هي سفر آ سفر عجيب ڪو،
زندگيءَ جو سفر لڳي نڻو!

سج نئين سان آپگهات_
آڳ شعلا اُٻَ ۽.

ڏِسُ! بدن بارود سان،
زخمي زخمي ڪائنات_
آڳ شعلا اُٻَ ۽،

ڪهڙي ڇايا خوابَ جي،
چاندني ۽ چپ چپات_
آڳ شعلا اُٻَ ۽.

بند پيڙي ۽ ڇڪورُ،
آ اڪيلو چند، رات_
آڳ شعلا اُٻَ ۽.

# عشق جي تڪميل

مقتل جي بهارن ۾ سدا خون جي گردش،
۽ دار و رسن جو به رهيو رنگُ حِنائي،
دلدل ۾ ڪِريا ديس لئہ منصورَ ڏڙا ڏڙ،
مقتول وطن جي نہ ڪهين دانهن ڪَنائي!

هر جيءَ ۾ جلاد لئہ ڇِڪيا تہ جلي پر،
هر روز جي ماتام تي ڳوڙهو نہ ڳَڙيو ڪو،
۽ ڏينهن جي هر ڏَنب تي ڏمريون تہ ڏِنگايون،
پر ماڻ جي ماحول ۾ دلبر نہ ڪُڇيو ڪو!

هر آسَ جي قنديل ۾ ها جوت جا جادو،
۽ رات جي اونداهه ۾ تارو نہ لُڇيو ڪو،
مفرور هوائون گهُليون جانان جي جنت ۾،
۽ ڏوڙ جو جُهڙ پي تہ اسان وٽ نہ جِهميو ڪو!

۽ ديد جي درياهه ۾ گهاتو تہ سوين ها،
پر خواب جي ٻيڙيءَ سندو قرهو نہ لڏو ڪو،
مضبوط ملاحن جا سيئي رَڄَ ڇِڄي پيا،
ڇولين جو ڏسي ڇوهُ نہ ڪنهن جهول جهليو ڪو!

ڇڙ ناخدا سان وئي ٻُڌي ڪا منزلِ مقصود،
ڇڙ هو خدا جي خلق کي ٻيو ڪونہ سَهارو،
سپ ارت، رسا، ونجهه هئا سيرَ ۾ سوگها،
ڀ سبز جزيري جو هئو دورُ ڪنارو!

خنجر جي رهيو نوڪَ تي معصوم تبّسم،
مصلوبُ جوانيءَ جو رهيو ٽهڪ ڪو چنچل،
ڀ دردَ ۾ هئي غرق سڄي زندگي پنهنجي،
بيڪار جدوجهد نہ ڪاوش نہ ڪا هلچل!

بي نُور ڳلين ۾ ئي رُليون پنهنجون صدائون،
ڀ سڏ پڙاڏو بہ ڪو گونجيو نہ گگن ۾،
ڪنهن روشنيءَ جي آرزوءَ ۾ راهه ۾ مون سان،
ڪو اجنبي ساڻي نہ هو صحرا جي صحن ۾!

نمرودُ خدائيءَ جي ڪري روز ٽو دعويٰ،
معبودَ جي پر ماڻ ۾ محشر ڪو لڪل آ،
هر جاڳ جي آ آڳ کي روڪڻ جي تمنا،
هر دؤر جي پاتال ۾ آڙاهه ٻَريل آ!

الزام جا پٿر ٽا وسن روز پيا مون تي،
منهنجي ئي مٽان وقت جون موجود ميارون،
منهنجي ئي جگر منجهه ٻُڌڻ لاءِ پياسِيون،
ٽيون روز رهن مياڻ ۾ رُوپوش ترارون.

مون کان نہ مُھاندو رھيو اڻجاڻ ۽ اوجھل،
دلدار جي صورت، نہ ڪي اغيار جو چھرو،
محبوب ڪا مورت نہ رھيو پيار ۾ پردو،
۽ سِينڊ جي سُرھاڻ نہ ڪي تِر سندو تمغو:

ڄڻ سونھن جي ڪنھن خواب جي تمثيل ۾ پُورو،
ھي ديسُ لڏو عشق جي تڪميل ۾ پُورو!

# نيم عرياني

اجنبي عورت!
ڪچي ڄڻ سونَ جي آ مورتي.
قيمتي هُن جو بدن،
انگُ نازڪُ،
رنگُ آ انمول اُن جو!
چيلهه ڪشتيءَ جي رسيءَ کان مختصر،
اُرهه اُپريل چندَ چوڏهينءَ جي مثال،
نيٺ هُن جا لال ياقوتي مشعال،
عاج جهڙي ٻانهن هُن جي،
ويڪري هُن جي ڳَرائي جي تراشَ!
قدُ ڪليسا جو صليبُ،
وارَ ڪارا ڄڻ ته ڪعبي جو غلافُ!
پيرَ جي پازيبَ اهڙي،
ڄڻ نديءَ جي سارنگيءَ جي نمغگي!
تِرُ انهيءَ جي سونهن جو آ استعارو.

شهر جي بازار جي شوڪيسَ ۾،
ڪنهن سجايل خوبصورت بُتَ جيان،

هُن جو بدن،
ڪنهن سَنهيءَ پوشاڪ پويان ٿو لڳي،
ڦيٽ هيٺاڻ ڇڻ ته ڪيرُ!
اجنبيءَ عورت ڪيو،
نيم عرياني‌ءَ سان منهنجي،
اک لڄاريءَ کي اسيرُ!

اوهان جون اکيون ٿي اوهان کي ڏسون ٿا،
محبت جي منزل جي ڇولا ڪيون ٿا.

بدن جي ٻِشارت بدن تي لهي ٿي،
دلين تي مگر ڪينَ پُورا لهون ٿا.

اُتم هر خزاني کان ڪشڪول دل جو،
اَميريءَ کي اُڇلي فقيري رکون ٿا.

رهي تِشنگي ٿي الائي ته ڪهڙي،
اُجارا، اُجارا، اُجارا رهون ٿا.

اسين ساهه پنهنجو سُئيءَ ساڻ ٽوپي،
سيئي سور سانڍڻ سڄي تي سِکون ٿا.

ڳُتي من جا موتي جوانيون جَڙيون ٿا،
هينئون هُنر هيري ورهَ ڏي وڃون ٿا!

پکيءَ وانگي آزاد پنهنجون اُڏارون،
ڪٽي سرحدن جي حدن ۾ رهون ٿا!

سفر جي اُڏي ڏوڙ ادراڪ آندو،
مسافر ڇُمڻ پيرَ تنهنجا اچون ٿا!

ڏسي چنڊَ جو مڌُ پيالي ۾ پاڇو،
جهُڪي حُسن جي ڪنهن خُدا سان ملون ٿا!

هر نديءَ جو وهڪرو، نندڙو لڳي،
تنهنجي اک کان سمندُ ٿو، نندڙو لڳي.

لانچ جي آ پنڌ ۾ پاڻي وڌو،
ساحلن جو ٿو رَسو، نندڙو لڳي.

شهر جي سوداگرن جي ٽاڪ جو،
جو پُڇي مون کان پَتو، نندڙو لڳي.

تنهنجو اڌ چهرو ڪڙي اک ۾ جڏهن،
چندُ هر تاريخ جو نندڙو لڳي.

موت کي ڏئي ڪيترا ڏانوڻ ڏيون،
زندگيءَ جو ٿو سڳو، نندڙو لڳي.

برف جو ناهي خُدا هُو ٿا رکن،
جيئن ڳري اُس ۾ ڦڙو، نندڙو لڳي.

ڪيتري اک جي ڪشادي آ زمين،
خواب جو ٽو ڳونڙو، نندڙو لڳي.

سانجھ ۾ مَدُ ۾ سج کي ٻُوڙي جڏھن،
مئي فروشن جو ڏنڏو، نندڙو لڳي.

پاڻ کي احمد ڪپي آتش ڪدو،
چٽنگَ، ٽاندو يا اُلو، نندڙو لڳي.

# علامت

وڃين ٿي دور جي مون کان،
يقينيءَ بي يقينيءَ ۾،
ڇٽن ٿا ڏينهن پَنُ پَنُ ٿي.
محبت آ الڳ موسم،
انهيءَ جو ٻُور ۽ ميوو،
مڃون ٿا مختلف آهي.
رهين ٿي ويڃهڻو جي تون،
پَڇي ٿو پيارُ ائن من ۾،
ڏِئي جيئن انبُ ٿو شاخون!
قسم اي ڇوڪري تنهنجين،
الهڙ معصوم اکڙين جو!
گلابن جي رهي هينان،
متي مهڪي پوي ٿي جيئن،
ٽڙي منهنجي مٿان تو ايئن،
بدن پنهنجي جي ڏئي خوشبو
جواني منهنجي مهڪائي!
اها توکي خبر ڪهڙي!

رهن خاموش آئينا،
اهي سڀ بي زبان آهن،
انهن کي ڇو رهي کا آرزو تُنهنجي!
پُڏائي ڪيرُ هي توکي ،
رياضي دانُ تِرَ تنهنجا،
ڳڻيندي ٿو پوي هرکي،
ڪٽي گل فلسفي هٿ ۾،
انهيءَ سان سونهن بابت ئي،
ڪري ٿو گفتگو تنهنجي!
اڙانگي عشق جو توتي،
چڑهيو آ رنگ نارنگي!
قسم اي ڇوڪري تنهنجين،
الهڙ معصوم اکڙين جو،
محبت جي علامت جو،
وجين شهڪار ٿيندي تِي!

پل پل پريت امر،
نوري ۽ ڪينجهر،
ٻيئي پرتيون پاڻ ۾!

چمڪي گندريءَ پيرَ ۾،
لهرن جي جهانجهر،
نوري ۽ ڪينجهر،
ٻيئي پرتيون پاڻ ۾!

نڪت نِوائي نينهن ۾،
نام ڪني نينگر!
نوري ۽ ڪينجهر،
ٻيئي پرتيون پاڻ ۾!

مڪڙو مڇيءَ ڪِکَ کان،
متي ڪيئن ماگر؟
نوري ۽ ڪينجهر،
ٻيئي پرتيون پاڻ ۾!

سدا رهي ساهَ ۾،
سَمي جي سانير،
نوري ۽ ڪينجهر،
ٻيئي پرتيون پاڻ ۾!

جلادن ڏنو آ اِهو ناهُ ناهي،
چڑهي پاڻ سورج مکي رات ڦاهي.

پٽيءَ سمنڊ جي تان پکي ٽو اُڏامي،
اِها ڇاڑهه نيري، اِهو لاڙُ آهي!

ڏِسو نڙَ تي ناسي ڪو سانوڻ وسي ٽو،
تلاون مٿي پئي هوا پيرَ ساهي.

ڏهاڙي رڳو ٽا ڇِلر ڇڇ نڪرن،
پَکن ۾ مُهاٽيءَ سوا سونهن ڇاهي!

هٽي چندُ ٻيڙيون، وجهن طوق تارا،
سڄي رات احمد کي آرام ناهي!

# هڪ شهر جو المیو

هر دؤر ۾، هر حال رهيو سچ جي خاطر،
سوريءَ جو سزاوار عقلمندُ اڪيلو.
تاريخ، تفڪر جو رهيو اوج تي تارو،
مؤرخ ٿو رهي ذات ۾ پابندُ اڪيلو.
شاعر به تصّور ۾ ٿو تنها ئي گذاري،
موجود رهي جيئن ٿو خداوندُ اڪيلو!

ابھامُ کو اِلھام ۾ کڏھين نہ رھيو آ،
ھن صورتِ يزدانَ کي کڏھين تہ ٻُڏڻ ڏيو،
قرآن جي عرفانَ کي کڏھين تہ ٻُڏڻ ڏيو،
انجيل جي اعلانَ کي کڏھين تہ ٻُڏڻ ڏيو،
جبريل مخاطب تہ مسلسل ئي رھي ٿو،
انسان جي فرمانَ کي کڏھين تہ ٻُڏڻ ڏيو!

مذھب ٿو ڪري بند جڏھن پنھنجي اکين کي؛
تعصب جي ٻَري باھ ٿي تنھن وقت ذھن ۾،
ٿي خلق وسوڙيل رھي ويچارَ کان وانجھيل؛
ايمان، ڪُفر جي ٿي مري روز تھن ۾،
حاڪم يا حڪومت جو انھيءَ منجھ وجي ڇا،
مندر ۾ سڙي لاش يا مسجد جي صحن ۾؟!

وحشي پٽي جي دؤر ۾ اڄ پي تہ رھون ٿا؛
احساس سندو چندُ نہ ڪنھن رات ٻَريو آ،
جڙ موت ٿو بارود جي گونجار ۾ ڪيڏي؛
سپنن جو؛ گھڙي ھڪ بہ نہ ھي شھر ڏريو آ،
جڙ ملڪ ھي پنھنجيءَ عُمر تي آ رسي ويو،
پنھنجو ئي ڪفن پاڻ خريدي تہ رھيو آ!

# من جي مالها

رنگَ رسيلو سانوڻ آيو،
ڪنوڻ ڪِنوي چؤماسي،
ڇايا بادل ناسي!

ڏوڙ اکين ۾ رڄ نہ رهندي،
ڪاري واري سڄ نہ رهندي،
سانوڻ – ٽيڄ سکيءَ سان سونهي،
اُس، اُڪس ۽ اڄ نہ رهندي،
تاسِي تاسِي هاڻ نہ رهندي۔
پنهنجي ڏرتي پياسي،
ڇايا بادل ناسي.

تون مُهراڻي ڪڏهين ملندينءَ؟
اڄ سياڻي، ڪڏهين ملندينءَ؟
من تي ميگهه ملهارون ٻڌجي،
ڇاڻون ڇاڻي ڪڏهين ملندينءَ؟
مورَ، پَپيها ٻوليون ٻولن-
سَرها سارا ساسي،
ڇايا بادل ناسي!

من جي مالها جو تون ڏاڳو،
منهنجي ننڊ ۾ آ اوجاڳو،
اکڙيون اُپٽيان يا ڪي ٻُوٽيان،
ساڃيا سپني ۾ تون ساڳو،
تنهنجي روپَ سَروپَ سوا ڏِسُ-
اکڙين منجهه اُداسي،
ڇايا بادل ناسي!

شهر ۽ سمنڊ جهڙو ڪر، ڪپي ويندا!
ڪراچيءَ ۾ اسان جا گهر، ڪپي ويندا!

گُهري ديوار جو پاڇو، حصي ۾ ٿو،
سيئي دالان، دريون، در، ڪپي ويندا!

لهي ٿو سڄُ شاعر جي پيالي ۾،
جوانيءَ جا سُبو، ساغر، ڪپي ويندا!

خريدڻ خوابَ نڪتا هُو وڏي واڪي،
سُندر سپنا سنپاليو يرا! ڪپي ويندا!

شهر ڪان شهرُ ٿو بدلو ونڻ چاهي،
سيئي خنجر، سيئي پٿر، ڪپي ويندا!

اکيون کوليو، نہ ٿئي جئن سنڌ جو سودو،
وڏي ناٽي وڏا رهبر، ڪپي ويندا!

**ڪنهن کان وَرتئِي وندُ الا!**
**داڻا داڻا دردَ جا.**

**سُرهو ساهه، سرير ۾،**
**سپنن جو سرڪندُ الا!**
**ڪنهن کان وَرتئِي وندُ الا!**
**داڻا داڻا دردَ جا.**

**ڪنهن لئہ آڏيءَ جو اُٿي،**
**جيڏي جوٽئي جندُ الا!**
**ڪنهن کان وَرتئِي وندُ الا!**
**داڻا داڻا دردَ جا.**

**پنهنجي ريت پريت ائين،**
**جيئن چڪورو چندُ الا!**
**ڪنهن کان وَرتئِي وندُ الا!**
**داڻا داڻا دردَ جا.**

**سور ستارن سان سَلي،**
**سُڏڪيو رات سمندُ الا!**
**ڪنهن کان وَرتئِي وندُ الا!**
**داڻا داڻا دردَ جا.**

# ڪام ديو

ڪنهن صبح جهڙي گُلن جي شهر ۾،
سون ورني سِجَ جي رَتَ تي چڙهِي،
نيري ساڙهيءَ سان سَنورجي چوڪري،
ساڀيائن کي سَجائين چو نہ ٿي؟

چو نہ ٿي ساعت اسان جي سنورجي،
چو پري ڪو ايئن جلوَن کان جيئي!
چو صُراحِي حُسن جي ايئن هارجي،
چو نہ تون لبڙن- سبوءَ مان سُرڪ ڏين!
چو نہ ٿي تون پيار ۾ پاڻوهَ مان،
موهجي، مون کي مِٺي ڪا مُرڪ ڏين!

چو نہ ٿي تون سونهن کي بخشين دوامُ،
چو نہ ٿو تو ۾ نچي ڪو ديو- ڪامُ!

# امن جي تاريخ

پِٽ جي شاهہ،
بُلهي، باهوءَ،
رحمان بابا،
مست توڪليءَ جي ،
اڪين جي آرسين منجهان،
قديم حُسن،
محبت، شادابيءَ،
امنءِ آزادگيءَ جا

اُجرا عڪس ڦُٽي رهيا آهن،
ءِ اڄ جا آقا،
ڪلاشڪوف جي قلم سان،
امن جي تاريخ لِکي رهيا آهن.

# هڪ بُوندَ جي وِشالتا

هڪ بُوندَ مان مصّورَ!
جوڙيا سَوين سمندرَ!
چو ساحلن مٿان آ
هر وقت پيار تنها
جيڏو اٿاهُ ساگر
ايڏي وڏي تمّنا
لهرون ڪٽي وجن ٿيون
اوجل اکين جا سپنا
ڪي دلفريب لمحا
مصروفُ عاشقن جا
سيني نصيب پنهنجا
پنهنجا لِکيا مقدرَ
هڪ بُوندَ مان مصّورَ!
جوڙيا سَوين سمندرَ!

ميرا طويل رستا
ٿا ڏوڙ منجهه ڏوپن

هن ڪينواس تي ڳَئين
چهرا حسين چمڪن
هر هڪ بدن ڏيئو آ
ٻَهَ ٻَهَ ٻَري ٿا ٻَهڪن
صحرا سرابَ سَهڪن
اکڙيون انيڪ جاڳن
هر رنگ جون لڪيرون
هر سوچ جا تصّورَ
هڪ ٻُوند مان مصّورَ!
جوڙيا سَوين سمندرَ!

ڪنهن ڏينڌَ مان ڪُنواري
وهنجي جڏهن ڪِلي ٿي
مُکڙي ڪنول جي گل جي
پاڻيءَ مٿان ٽِڙي ٿي
ڪا جل-پري ڪناري
پٽرائجي وڃي ٿي
سڀ سِرشٽي ڏسي ٿي
اوگهڙ سڃي ڏَڪي ٿي
ءِ خوبصورتيءَ جا
مُرڪي پون ٿا منظرَ
هڪ ٻُوند مان مصّور!
جوڙيا سَوين سمندرَ!

دل جي اداس اُڀَ تي
تارا نہ، ڪو بہ بادل

گھِميل هوا گھُلي ٽي
هر سانجھَ سانت گھايل
هر ڏينهن ساهُ ساڻو
هر رات روح پاڳل
هڪ سُور سُور سُمهيل
هڪ درد درد جاڳيل
جيون سفر سفر ۾
جڙ پيرَ پيرَ پٽرَ!
هڪ بُوند مان مصّورَ!
جوڙيا سَوين سمندرَ!

دل ۾ ويهي ڏِسُ هتان، هڪ آسمان،
آسمانن جي مٿان، هڪ آسمان.

تون پکيءَ وانگي اُڏين نيراڻ ۾،
چاهتن جو مان هجان، هڪ آسمان.

چنڊُ، تارو، ڪا ڪَتي اُپري ته آهه!
سوچ جو جاڳيو ڪٿان، هڪ آسمان.

منهنجي اکڙين منجهه تون ويهي رهين،
تنهنجي اکڙين سان ڏسان، هڪ آسمان.

# عشق جا رنگ

عشقُ پنهنجي تَنَ ڏکڻ لئہ، پيو ٿو ڪشميرو ڪَتي،
جيئَن ِليڑن کي ِلکائي، پنهنجي اوگهڙ کي ڏکي.

عشقُ ڏوهيءَ گهاٽ تي، من کي سَتي صابڻ سوا،
ءِ بدن کي سڄ جي هينان سُکائي ٿي هوا.

عشقُ ٻارڻ ٿي ٻَري ءِ رنگ ريٽو ٿي رچي،
عشقُ رنگريزڻ جيان ٿو، دل پراٽيءَ کي رگي!

عشق جو آ ڏار ڏاڳو، ٻرتُ ٿو اهڙو ٻَري،
هر ستارو جڙ سڳِي ۾، چنڊ چوڏهينءَ جو ٻَري!

عشقَ جو آ سونُ پنهنجو، سَچَ پنهنجي ۾ سُهاڻُ،
عشقَ جي آ گهاڙَ پنهنجي، جوڙَ پنهنجي ۾ جڙاءُ!

عشقُ ڪارِيو، آڳ ٻارِيو ۾ پگهارِيو ٿو رکي،
عاشقن جا سِرَ ستِي، سانداڻِ تي وينو ڏکي!

عشقَ جو آ ڏينُهن پنهنجو، رات پنهنجي، پنهنجي تات،
عشقَ جي آ ريت پنهنجي، جيت پنهنجي، پنهنجي مات.

عشقُ آويءَ ۾ رسائي، ٿو رَچائي خيال کي،
عشقُ جڙ چيکي متيءَ جئن، ٿو پَچائي خيال کي!

متيءَ جا راندیکا ميڙي،
اکڙين ۾ کو سپنا ميڙي.

سُکَ سين سان هر کو وڑچي،
ڏُکَ ماڻهو ٿو تنها ميڙي.

بُکَ جو رنگُ ڏٺو کنهن آهي؟
فٽ پاڻن تان فاقا ميڙي.

هر کو پنهنجو جهول پَري ٿو،
گل ميڙي، کو کنڊا ميڙي!

شيش محل ۾ هڪڙو چهرو،
ڪيڏا پنهنجا چهرا ميڙي!

تنهنجي پير پٽيءَ تي رکبا،
پنهنجا سارا سجدا ميڙي.

رات ٻَڌي مون تنهنجي سڃيءَ سان،
عُمر سڃيءَ جي تقويٰ ميڙي!

شاعر ڪوتا مالها جوڙي،
چند ڪتين جا قافيا ميڙي.

جُوءِ ٻڌائيءَ جاڳائي آ،
صدين جا اوجاڳا ميڙي!

# هڪڙي يهودي ڇوڪري

محبت ئي پياري ٿي،
جواني ۽ جي پريل رَسُ جا،
ڪٿورا لال ياقوتي،
رهي ٿو پوءِ به مَنُ پياسو،
رهي ٿي آرزو ساڳي.
اندر ۾ اڄ ايڏي آ،
پيئڻ کان پوءِ به اي ساقي!
اکيون وائن_ گلاسن جيئن،
هميشہ ٿيون رهن خالي.
بدن بيت المقدس کي،
چُمڻ ڪيڏو به چاهي ڪو،
تڏهن پي تانگھ ۾ تَنَ جي
رهي ٿي تشنگي ساڳي!
يهودي ۽ ڇوڪري ۽ سوچيو:
بدن جي آ متي ساڳي،

پناھ گاھون مُحبت جون،
قديمي عشق ڪافر جي، گھٽي ساڳي،
نہ عبراني، نہ عربيءَ ۾ الڳ آ پيار جو نغمو،
ٻنھي جي سازَ، سُرَ، لئي جي رھي ٿي نغمگي ساڳي!
سڃي آ روشني، تابندگي ساڳي،
رَسُولن جي خُدا سان دوستي ساڳي!
مگر پوءِ بہ انڊو ٿي فلسفي ڏاھو،
ڇئي ٿو سڄ جھڙي سچ کي اوندھ،
ائين مذھب اندر ھر دور جو مُفتي،
رھي نابين ٿو ھر آرسيءَ آڏو.
محبت جي نہ سرحد ڪابہ ٽيندي آ،
محبت جي اُڏامي شاعري دل تي،
لھي ٿي ڪنھن وحيءَ وانگر،
رکي ٿي زخم تي آگر!
چيو شيراز جي حافظ:
"اگر آن ترکِ شيرازي، بدست آرد دلِ مارا،
بخالِ ھند وش بخشم، سمرقند و بُخارا را"
يھوديءَ چوکريءَ سوچيو:
محبت ملڪ آ منھنجو،
سُجاٽپ منھنجي محبوبي،
پنھنجي محبوبَ جي تِرَ جي،
ڇئو بخشش ڏيان ڪھڙي؟!

# روپُ انوپُ

تنهنجون مون ۾ جَڙيل اکڙيون،
ٻيا کهڙا الماس او سورٺ!
تو لئہ کيڏا خواب اُٽيا مون،
۾ اُجرا احساس او سورٺ!

تون ئي مون لئہ سمنڊُ سراپا،
تنهنجا مون ۾ ساحل آهن،
تون ئي رڻ جي ريڀارڻ آن،
تنهنجا مون ۾ بادل آهن!

تون تہ گهٽي آن منهنجي من جي،
تون ئي منزل ۾ مانجهاندو،
تون ئي مومل جي ماڙي آن،
تو ئي کاک ۾ مون کي آندو!

آرهڙ جو مان ڇڻ تہ ٻِيهرو،
تون آن ٽڏڙي ڇانو نِمُن جي،
تو ۾ نند نمازون واجب،
تون ئي سجدي جاءِ اکين جي!

ڇا تون منهنجي ليلان ٽيندينءَ!
تنهنجو آنءُ چنيسر ٽيندس؟
مون کي مٽئي موهَ متيندينءَ،
اهڙو نانءُ چنيسر ٽيندس؟

سانجهه شفق جي شهزادي آن،
يا تہ وهائو تارو آهين،
يا تون مون لئہ پورنماسي،
يا تہ اُماس انڌارو آهين!

اڳُ مان اهڙو کين ٽيو هُئس،
کنهن جي آڏو سربسجود،
تون ئي منهنجي محبوبا آن،
تون ئي مون لئہ آن معبود!

هيئن اکين ۾ نند نہ اُڀ تون،
مون کي کيفُ ۽ آرسُ گهرجي،
تون آن سون-سريکي سورٺ!
مون کي کوبہ نہ پارسُ گهرجي.

آءُ هوا ٿي آءُ!
درد ! دوا ٿي آءُ!

سازن ۾ پئي ساهُ،
ڪا تہ ڳالا ٿي آءُ!

ٿئي ڪندُ قبول،
دار، دُعا ٿي آءُ!

آنءُ ٿيان منصورُ،
وقت، قضا ٿي آءُ!

اندلٽ بٽجي روحُ،
گهاءِ گهٽا ٿي آءُ!

دل جا ڏوئان دردَ،
غارِ حِرا ٿي آءُ!

دل ڪعبي ۾ پاڻ،
آءُ خدا ٿي آءُ!

تون ئي منهنجو پيارُ۔
تون ئي منهنجي آرسي!

تنهنجو روپُ سروپُ ٿو،
موهي هي سنسارُ۔
تون ئي منهنجو پيارُ!

ڪيڏيون نيڻَ نهارَ ۾،
ويرُون ويروتارُ۔
تون ئي منهنجو پيارُ!

گُجري پنهنجي گَجَ مان،
اُجرو سِجُ اپارُ۔
تون ئي منهنجو پيارُ!

پنهنجي ريت پريت آ،
جنم جنم اسرارُ۔
تون ئي منهنجو پيارُ!
تون ئي منهنجي آرسي!

روز فٽ پاٽ تي بُکي روئي،
اک آڪاس جي رُکي روئي.

دردُ غارِ حِرا جيان آهي،
منهنجي دل ٽي لِکي لِکي روئي!

وقت کھڙو اچي ويو آهي،
ٽِي انڌيرن ۾ روشني روئي!

ماڪ پيغامُ چا کٽي آئي!
باک سان ٽي ڳَلي ڪِلي روئي.

موتُ آڪاس تي ڪِلي وينو،
هيٺ ڏرتيءَ تي زندگي روئي.

# چَم چَم برسن بوندون

تنهنجون منهنجي، منهنجون تنهنجي من ۾ ميخون،
سپني ۾ هڪئي جي ٻانهن ۾ ٿا جُهومون،
چم چم برسن بُوندون!

ميگها رُت ۾ ڪُوڪِي ڪويل، جيئن ٽي وئي خاموشُ،
اُپَ کي ڪارن ڪڪرن گهيريو، سِجُ ٽيو روپوشُ،
آگم آگم آسُون،
چم چم برسن بُوندون!

ٻپهريءَ جو بادل برسيا، ڏوپي ويو پَنُ پَنُ،
سارنگَ ۾ سنجوڳ ٽيو آ، چا ت نريو تنُ منُ،
رنگَ پريا تو ۽ مون،
چم چم برسن بُوندون!

من جي سُندر بَنَ ۾ بَرسِي، مينهن ڪري ٿو ناچُ،
پيرن ۾ پازيب بَڌي جڻ، نينهن ڪري ٿو ناچُ،
مور مچائن موجون،
چم چم برسن بُوندون!

رستا مُرکي پيا۔
سونيءَ سانجهيءَ ۾!
راهون روشن ٿيون،
تو جو پير ڏريا۔
سونيءَ سانجهيءَ ۾.
ککرين چوليءَ تي،
کيڏا پرت پريا۔
سونيءَ سانجهيءَ ۾!
نک جي ڦُلڙيءَ مان،
پائي چنبڙ ليئا۔
سونيءَ سانجهيءَ ۾.
اُيَ جي کوندبيءَ ۾،
تارن قول ڏڙيا۔
سونيءَ سانجهيءَ ۾!

وِلھ ۾ وارَ واري سُتي،
موھٽي موھَ ماري سُتي.

نيٺ نيرا رکي جاڳ ۾،
ننڊ کي آ نِکاري سُتي.

رات راڻيءَ رگيس روح کي،
سار سُرھيءَ سھاري سُتي.

ھُوءَ سيئي در، دريون ٻيکڙي،
درد جي آ دُٹاري سُتي.

سِجُ نديءَ جي چُنيءَ تي سُتو،
سانجھ پٽر پناري سُتي.

ريشمي ويس احساس جا،
آرسيءَ ۾ اُتاري سُتي.

سمنڊُ جاڳيو جڏھن سانت مان،
لھر ڏوڙي ڪناري سُتي.

# سنڌ سَرير ۾ ساهُ

واٽ۔
وکيري واءُ،
مٽان ٽوسِجُ تکو ڏئي تاءُ.

ريت۔
اُلا ۾ آڳ،
وري ڪوويرُ ورائي واڳ.

ڏينهن۔
تِکيري تِکَ،
ڪٽي ٽوڪير وڏي هروڪَ.

گهاءَ۔
سُهڻِ ٽا گهوٽ،
اٽئي هي رڙ راهي اٽموٽ.

ديسَ۔
سنياريو سَتُ،
گُهري ٽو ڳچيءَ ڳچيءَ جو رتُ.

سنڌ۔
سرير ۾ ساهُ،
انهيءَ ۾ وهندو پيو درياهُ.

# پتايا بيچ تي

رنگُ بيئر مينهن ۾ پيئندي رَتو،
جھاڳ آڏو ڇوڪريون جُھڙ ۾ ڏسو!
سمنڊ جي ويجھو اچو اي عاشقو!

ڪنهن سکيءَ جو نانءُ واريءَ تي لِکو،
ساحلن تي مُحبتن کي موکيو،
سمنڊ سان ڪو عشق جو تعلق رکو!

پاڻُ ارپڻ لاءِ لھرن ۾ لھو،
سمنڊ هي بيچينُ آهي ڪيترو،
سِپَ ڪٽي ڇا ٿا پري کان سوچيو!

ھڪي چنبيلي۔
دل جي دروازي اڳيان!

سنجھا ٽاڻي ڪير ھيءَ،

آئي اڪيلي۔
دل جي دروازي اڳيان.

ڪنھن جا پيرا ڏُنڌ ۾،

ڳولي ڳھيلي۔
دل جي دروازي اڳيان.

آڻي سارنگ پاڻ سان،

سھسين سھيلي۔
دل جي دروازي اڳيان.

ڪو بہ اکڙين جي اڳيان، آهي ڪٿي؟
جنهن کي مان پنهنجو چوان، آهي ڪٿي؟

زندگيءَ کي مون تلاشيو آ گهٽو!
تنهنجي نيٽن سان ڏسان، آهي ڪٿي؟

ميڙ سان ڏاڳا ٻَرن ٿا واءَ ۾،
اهڙو ڪوئي امتحان آهي ڪٿي؟

سج هينان روز ٿي ڪيڏو سڙين!
سنڌ، تنهنجو سائبان آهي ڪٿي؟

ڏوڙ ٿي سهڪي هوا جي ساهه ۾،
ڏنڌ ۾ گم ڪاروان، آهي ڪٿي؟

ڏار اوندهه ۾ وجهن ٿا ترورا،
روشني ڪا رائگان، آهي ڪٿي؟

# لبرا چوڪريءَ جي ڳولا

نڪ جي ڦُلڙي، جَرَ تي تارو،
پاڻي تنهنجو چهرو آهي،
رات سندءِ زلفن ۾ سوگهي،
ڪيڏو سخت انڌيرو آهي!

تنهنجو قدُ صنوبر جو وڻُ،
پَنَ پَنَ ۾ تون پاڻ پَسين ٿي،
تون ڪنهن بادل جهڙي آهين،
اوهيڑا ٿي روز وسين ٿي!

تون کا خوشبو ڦُلواڙيءَ جي،
گُل گُل تنهنجي گهٽي آهي،
تون جا ياڪر منجهه پُرين ٽي،
تنهنجي ڪهڙي متي آهي؟

تون کا پوپٽ رنگي پياري،
ڳاڙهي، پيلي گُلڪاري آن،
تون کا سپ سمندر جي ۽،
ٽڏڙي ساحل جي واري آن.

ڪنهن ونجهليءَ جووهُ تون آهين،
يا تہ پرولي پيالن جي آن،
مان ئي تخت هزاري جو هان،
چا تون هير سيالن جي آن؟

تنهنجو ڪهڙو گهر ۽ در آ،
ڪهڙي مان چؤياري ڳوليان؟
ڪهڙي گُل جي پردي ۾ آن،
ڪهڙي ٽاري ٽاري ڳوليان؟

# ٹُٹل گل

ننڊ جي چنچل چڪوري،
چنڊ ڏي ڊوڙي پئي،
جيءَ منهنجي کي مگر،
اوندهہ وکوڙي ٽي پئي.

تون ٽِئين ٽي جيترو مُنهنجي قريب،
فاصلا وڌندا رهن ٿا اوترا.
هڪڙي بستر تي سُمهون ٿا پاڻ ٻئي،
پنهنجي وچ ۾ پر وهاٽي جو رهي ٽو،
رات پر ويچو اٽل،

دور تنها واءَ ۾ پيو ٽو لُڏي،
هڪڙو ٽُٹل،
ڪوئي گُل،
شبنم ۾ نل!

متان ڪا رات رُلائي، قضا جي رستي ۾،
ڇڏياسين ديپ جلائي، هوا جي رستي ۾.

رکيو آ روح تي پٿر ۽ گل نگاهن ۾،
وقار دل جو وڏي ويو، وفا جي رستي ۾.

نيون ڪي ڏَند۔ڪٿائون پيون جُڙن ڪيڏيون،
لٽا خدا جا مخالف، خدا جي رستي ۾.

ضعيفُ ديسَ جو جوڳي لباس گيڙوءَ ۾،
هٽي پيو سينَ سِرن جي، صدا جي رستي ۾.

نہ ڏوڙ ڪا بہ رهي آ پياس کان خالي،
ڏُکي ٽي زندگي تنها، صفا جي رستي ۾.

قديم درد جا وارث صليب تي احمد!
يروشلم آ صدين کان، فنا جي رستي ۾.

# چنڊ جاڳي پيو

پَنَ پيلا پيا ڇٽي،
ءِ اُداسي وئي هلي،
ميڙ جان پگھِري وئي،
شهر پٿر جي ڪَلي!

سانجهم سُرمئيءَ سان ويو،
درد جو گهرو غبارُ،
تو اُجاريا آئينا،
چاندني ٿي بيڪنارُ.

ٿيا منور ميرڙا،
ڪي گهروندا روح جا،
منهنجي من جي ماٽڪين،
خواب چهرن جا ڏٺا!

سِپَ ساحل جي مٿان،
سمنڊ کي سوگهو ڪيو،
ريت جي ذرڙن منجهان،
چنڊُ ڪو جاڳي پيو!

چارن ۾ پنهنجي چاهه جون چُميون رکي ڇڏيان،
تنهنجي اڳڙ ۾ آس جون اکيون رکي ڇڏيان.

هفتا قرار جا ۽ مهينا وصال جا،
سختين جا سال، يا وري صديون رکي ڇڏيان.

يادون رکان سنپاري يا تنهنجو مِٺي بدن!
دل ۾ چوين ته درد جون ڪِرچيون رکي ڇڏيان.

ڪيئي جهاز جاڳ جا، جنهن ۾ ٻُڌي ويا،
ساگر ۾ ڪيئن ننڍ جون ٻيڙيون رکي ڇڏيان!

هُن چوڪريءَ جي خيال ۾ ڪيڏو نه ڪَربُ آ،
منُ ٿو چوي ته باهه ۾ برفون رکي ڇڏيان.

ٻَر سردُ رنگ ننڍ ۾ اي شبنمي هوا!
سپنن ۾ ساڀيا جون ڪي بوندون رکي ڇڏيان!

تنهنجا سپنا مون۔
پويا پنبڻين پاندَ ۾!
اُڏري سَرَ تان هنجڙا،
ڪهڙي پيٽيءَ پون۔
تنهنجا سپنا مون۔
پويا پنبڻين پاند ۾!
تنهنجون سارون ساهه ۾،
جيون جوپن تون۔
تنهنجا سپنا مون۔
پويا پنبڻين پاند ۾!
تون جي ناهين ويجهڙي،
ڪائي ساهُ ستون۔
تنهنجا سپنا مون۔
پويا پنبڻين پاند ۾!

# چپرن چايا

پياسا پياسا پنهنجا پَلَ،
تاسا تاسا ڏرتيءَ ڳلَ:

سڄُ ڦُلا ٽي ڦهليو آهم،
ڏرتتيءَ جي جوڳ نہ جاڻَ،
اک ڪانوَ جي نِڪري پيئي،
وڻ وڻ ڪائي ڄانوَ نہ ڄاڻَ،
ڪاري واريءَ ويڑهيل واڻَ،
سُڄَ ۾ تَل، نہ رُڄَ ۾ جهلَ:
تاسا تاسا ڏرتيءَ ڳلَ!

پنڌ اسُونهان پنڪَ نہ پيرَ،
ريت تتل، لُوسانڀيل ٻُوهَ،
بوندَ نہ برسِي، جَر جَر ڄاريون،
ڪارا سپ سانِيڪا ڪوهہ،
ڏَرَ ٻاڀيهن جهڙا روح،
سپ جي اٽِيِي سينڌ سُڪلَ:
تاسا تاسا ڏرتيءَ ڳلَ!

تنهنجون اکڙيون، ٻيرن رَتڙيون،
تون ڇو ڏٺ ڏَري وئين ڏولا!
تنهنجي ڇپرن ڇايا گُهرجي،
جيون واتَ جَهڪُون ۽ جهولا،
تنهنجي ڇٽتي تنهنجي ڳولا،
تون ٻڌجي آ مُندـ بدلَ!
تاسا تاسا ڏرتيءَ ڳلَ!

تو لئ ٻڌِکي ٻڌِکي ووڙيم،
ولهارن جي وستي ووءِ!
'روحل واءُ وڻي وئي رانول!
هيج ڀَري جت هستي ووءِ!
ماڻهو مڏ جي مستي ووءِ!
دل جي مون ٻ ڀري اُٽ ڏَلَ:
تاسا تاسا ڏرتيءَ ڳلَ!

# طوائف

هميشہ نوٽ نيري جي،
رهي ٿي حوض ۾ ننگي،
سموري شهر جي آڏو،
کليل بازار جي عورت.
اها عورت:
چنل اهڙي چٽي، جنهن مان،
چٽن ٽيون اُس ۽ برسات جون بوندون!
مجون ٽا پيٽ قاتل آ
قبوليون ٽا غريبي گار آهي،
اي فقيهِ شهر ٽورو ٻُڌ!
پلي سِرَ تي سجائي رکُ تون دستارِ فضيلت، پر
ڪڙي هيءَ هڪ حقيقت آ،
مقرر جاءِ ڪانهي ڪا طوائف لئ،
شهر جي گند، غربت ۽ غلاظت کان،
پري هُن صاف ۽ مهنگي علائقي جي،
مڪانن ۾ ٽئي چا ٽو!
اکين ۾ تي اُگهاڙي ٽئي،
طوائف روپ ڪا عورت!
زناڪاريءَ جي ان احساس جي پاڇي،
رکيو ڪنهن جو پرم آهي!

# کيمي کولهڙ

هر کو توکي!
تن من ارپي،
هَسُ، ڳچيءَ جو
هار ڪري ٿو،
هر کو توسان
پيار ڪري ٿو.
او ڪجاري!
وينگس تنهنجا!
پير سفيد
پکيءَ کان اُجرا!
نيڙ نڪورا،
نيلم جهڙا،
هٿ سراپا،
چانديءَ ورنا،
سونيون راسيون،
تنهنجون چاتيون،
ڪارا ٻنيا وار ڪُلهن تي،
موتئي جي مهڪار چپن تي،
راڏوڙيءَ جي کيمي کولهڙ،
تون بُلڙيءَ ۾ مُلهه مهانگي!

شدتن آ شهر کي، ڏوئي ڇڏيو،
زهر آهي زهر کي، ڏوئي ڇڏيو.

رتُ پٽرن تي هئو منصور جو،
وقت پنهنجي قهر کي، ڏوئي ڇڏيو.

رُجَ جي ڪاري سمندر جي سفر،
هر گهڙيءَ، هر پهر کي، ڏوئي ڇڏيو.

نانگ ڇڙڪائي پکيءَ جي نند ۽،
هر ڳهيليءَ ڳهر کي، ڏوئي ڇڏيو.

# سمنڊُ، هوا ۽ هوءَ

گُل گُل جي تون ڪچي مُکڙي، ول ول جو مهڪاءُ،
ناريلن جي جُهنڊ مان نڪري، سمنڊ هوا ٿي آءٌ!

# چانڊوڪين جو چورُ

تون ئي من جو مور، الا ڙي!
چانڊوڪين جو چور، الا ڙي!

پاندَ پکي جا ڇَم ڇَم برسن،
جُھڙ ۾ جھانجھر شور، الا ڙي!

ڪنھن اڙ ڄاتيءَ ڇاھت پويان،
اُڏري روز چڪور، الا ڙي!

سانگَ سَکِيءَ جا پُتليءَ جھڙا،
ساجن ھٿ ۾ ڏور، الا ڙي!

# بگھڙ جون اکيون

ڏينھن جا سوجھرا،
منھن لڪائي سُمھي پيا آھن،
۽ ڀَوائتيون راتيون،
بگھڙ جي اکين ۾،
جاڳي رھيون آھن.

# بي خواب هوا آئي

جنهن وقت کِلي مون تي، آ رات جي تنهائي،
اکڙيون نہ اُگهيون کنهن پي، دل کنهن بہ نہ پرچائي۔
بي خواب هوا آئي،
بي خواب هوا آئي.

معصوم محبت جا، لمحا هي سَڙن ڇو ٿا؟
ءِ دل جي قبيلي جا، خيما هي سَڙن ڇو ٿا؟
کنهن ڇو نہ ڪئي دل جي، دل ساڻ مسيحائي۔
بي خواب هوا آئي،
بي خواب هوا آئي.

جَهتَ اک نہ لڳي رڻ جي، رولاڪ پکين جي آ،
جڙ سانت سِبي سوڙهي، پوشاڪ پکين جي آ،
کنهن طرف ڪڏهن گُونجي، ڪا گُونجَ نہ صحرائي۔
بي خواب هوا آئي،
بي خواب هوا آئي.

آواز ويا وسري، نغما بہ ويا وسري،
واڪا نہ وڻن ۾ ۽ جھوڻڪا بہ ويا وسري،
ماحول ڪيو ڪيڏو، سُرَ، سازَ کي سودائي۔
بي خواب هوا آئي،
بي خواب هوا آئي.

چُپ چاپ سڃو صحرا، چُپ چاپ سمندر آ،
چُپ چاپ ڏمالون ۽ چُپ چاپ قلندر آ،
چُپ چاپ ڏُٽن تارا، چُپ چاپ اڪيلائي۔
بي خواب هوا آئي،
بي خواب هوا آئي.

ڪو پَرُ بہ نہ خوابن کي، اُڏرڻ جي رکان خواهش،
آڪاش، منڊل سارا، اڪرڻ جي رکان خواهش،
رفتار اُتم اهڙي، مان اُن جو تمّنائي۔
بي خواب هوا آئي،
بي خواب هوا آئي.

# پوپٽن جو طواف!

گل ڪيئي غلافَ ۾ آهن،
ڪوڙ پوپٽ طوافَ ۾ آهن!
نيٽ بينل گناهَ جي دڳَ ۾،
آسرا اعتڪافَ ۾ آهن!

# اياز جي نانءِ

ڪُوڪَ ڪوئل جي سُٹي، ڪو سُر سُتل آ جاڳيو،
ڪنڌَ تنهنجي ۾ ڪوي، گيڙو غزل آ جاڳيو!

لاڙَتان لالڻ لهي ويو، سڄُ تلاون کي رڳي،
لاهيارين جي اکين ۾، جل ڪجل آ جاڳيو!

واءَ واڌايون ڏَنيون ۽ سانجهه سرگوشيون ڪيون،
ڪَپَ تنهنجي تي ڪراڙ اَڄ نئون ڪنول آ جاڳيو!

رات ڪوهستان جي، پنهنجا پلوَ ويڙهي پئي،
نند مان ڪرچات ۾ شاعر سُتل آ جاڳيو.

رات مھڪيو، تن ۾ من اتفاق سان،
مون چُميو تنھنجو بدن، اتفاق سان.

ڇوڪريءَ جو برف جھڙو خواب ھو،
عشق جي ٽِي ويو اگن ،اتفاق سان.

ياڪرن ۾ رنگَ ويا وکري سيئي،
انبلڻي ٽيو واسُ ون، اتفاق سان.

ھيٺ آيو چندُ، ڇوڪريءَ ڏي لھي،
ٽي وئي ڏرتي گگن، اتفاق سان.

زندگيءَ تي خودڪشي سوچي رُني،
خيال کھڙا ٽا اچن، اتفاق سان.

نِرتکيءَ جا پيرَ پيا نند ۾ سُمھي،
پر پيا گھنگھرو وڃن، اتفاق سان.

رت ڪٽورن ۾ پَري ھو دل رکيو،
سُرخ ٽيو تنھنجو صحن، اتفاق سان.

مون لڄائي کينَ ھئي پنھنجي متي،
ٽي پيو ميرو ڪفن، اتفاق سان.

برکارت جي،سانجھ جي ھڪڙي گھڙي،
ويو ڪري احمد رتن، اتفاق سان.

# منهنجو ديسُ

هتان ريشمي بادلن جو گُذر ٿيو،
هتان ئي شروع ٿيون هوا جون ڪٽائون،
هتان بيد مُشڪن مٿان ڪي چڪوريون،
ڪٽي خواب چندَ ڪي چمڙ جا اڏاٽيون.
هتي لاکَ جهڙين چُنين لاءِ آرون،
گگن جي ڪڪوريل ڪنارن تان آيون،
اِهي ئي ته قصا سَکيءَ جي شهر جا،
اِهي ئي پِرينءَ جي پٽن جون پچارون.
اِها ئي ته نيري وفائن جي ڪينجهر،
جتي روز ساجهرُ،
جڏهن سجُ رَچَ ۾ لڳي ٿو،
تڏهن ئي مياڻي بِکي سون ٻڌجي.
صبح ويرَ نُوريون اُٿن نيڻ مهٽي،
چَڄن، ڪِڪ، کارين،
اڏين، مَڏ، مڪڙين،

اجهل ڇيڪ ڇولين، منجهان ٽيون نهارن.

اِهي شاهه بندر مٿي پدمٽيون،
سمندر سنديون سون – ڇڙيون،
هنيليون اُڏامڪ، پرهَ جون پَريون،
انهن ساڻ سونهي سڄو ديس پنهنجو!

اِهي ڪير ٽر جون نہ ڪُتندڙ قطارون،
سڄي ديس جون جڙ ٽہ مضبوط ميخون!
لهي شام جڏهين پهاڙن جي پويان،
چُمن چوٽيون رنگ ءِ نُور جا دُور ڪرٽا،
ڦُٽن جڙ ٽہ جِهرٽا،
پکي ڪوبہ پنهنجي پَرن سان اُڏامي،
انهن پربتن کي نہ ماپي سگهي ٽو!

اِها ئي رتولي حقيقت اسان جي،
اِهي ئي ٽہ دامن ۾ انمول موتي،
اِهو ٽر، وڇولو، سِرو ، لاڙ، ڪاڇو،
نرالا رکي رنگَ، ڏاڳا، ٽِڪون پر،
پَريل گَجُ هڪڙو سڄيءَ سنڌڙيءَ جو،
اُنهيءَ کي ٽہ دلدار ديوانگيءَ جيئن،
اسان ساهه پنهنجي ۾ آهي سمايو!

# دائرا

درد جا ڪارا ڪڪر ڇانيا جڏهن،
دل جي ويراني‌ءَ منجهان نِڪتيون رڙيون،
سڏ پڙاڏا، ساهَ سڏڪا، ويڑَ ڇڙ،
لڙڪ بڻجي پيا ڇٽي نيڻن منجهان،
ڀ پيا جاڳي ڪئين آواز،
ڪر موڙي ازل جي ننڊ مان!
هوريان هوريان جاڳ جا آواز ڇا گونجي اُٽيا،
ڇڙ وڇن کي وَرَ پيا!
پولار ۾ پڙلاءُ ٿيو، اپُ ڏريو،
ڀ فرشتن جي دلين ۾ ڇرڪ پيا،
عرش تي پهتي گنهگارِ محبت جي پُڪار،
ڪائناتي ڪا ستار،
پر رڳو توکي ٻُڌڻ ۾ ڪانہ آئي!

تارَ ڪا تلوار بڻجي دل اندر ڪيئن ٿي لهي،
ڪيئن ڦُٽي مضراب مان ٿي نغمگي،
آگرين جي هن هُنر کان بي خبر، اڻڄاڻ ٿي،
زندگي‌ءَ ۾ تو فقط ويڇا رکيا!

جئن شڪاري باز جون اکيون اکياڙي ٿا رکن،
ايئن اکيون مون لاءِ پنهنجون توسدا پُوري رکيون،
ءِ رکيا ڪجهه دائرا،
درد جا ڪارا ڪڪر ڇانيا جڏهن!
ڪونہ جاڳيا،
ڪنهن بہ پاسي، ڪنهن بہ ريت،
روشنيءَ جا تروڙا....!

درد کي پڑهي ويندي،
روح ۾ لهي ويندي.

گفتگو ۾ آهستي،
هوءَ قريب ٿي ويندي!

رات سمنڊ سان گهاري،
گهر، ۾ڇي ۾ڇي ويندي.

رُتِ خزان جيان تو بن،
چاندني ڇٽِي ويندي.

پير ٻوڙ پاڻيءَ ۾،
نہ تہ ندي سُڪِي ويندي.

هرگناهہ جي تو تان،
ڏوڙ ڏوپڇِي ويندي.

اڳڪٿي فقيرن جي،
اڄ بہ ٿي سَڇِي ويندي.

هُوءَ ونهَ ۾ وينِي آ،
ڪونجڙي ڇڇي ويندي!

پاريون، پيجارا۔

پوکيا ڪنهن پاڻهَ مان؟

ڪيتي ڪيڙي اُڀَ جي،
سيئي ستارا ۔

پوکيا ڪنهن پاڻهَ مان؟

اوڙون اڪڙين کي ڏٺي،
سپنا هي سارا۔

پوکيا ڪنهن پاڻهَ مان؟

آسون اَڇُ انگوريون،
اوسيئڙي تارا۔

پوکيا ڪنهن پاڻهَ مان؟

# تِرشنا

ڏيون تنهنجي چُنريءَ جون پرڇايون پياري!
هي دل جي نرڳَ تي سَرڳ جي ڪا ڇايا.
هي تارا، ڪتيون، هي نڪٽ ۾ نگاهون،
اڇ لاءِ تنهنجي، پلا ڪنهن وڃايون.
هي ميران جي من ۾ جا سانجهي سمايل،
هي ڪرشن جي بنسيءَ ۾ گُلرنگ گوپيون،
برندا جي بَنَ ۾ هي تُلسيءَ وڃاٽا،
۾ چوڏس چٽاٽن جون بنواس راتيون،
جهروڪن اندر آرتيءَ جي ڏيئن ۾،
وسوڙل وسوڙل لڳن ٿا ٽڪاٽا،
عنبر، مشڪ جي هيءَ ڪٽان مهڪ اُڏري،
هوائن کان تنهنجا ڪيا ڪنهن پُڇاٽا؟
پرين! تنهنجي پاران ڪو ڪانڪي نہ آيو،

اسان جي هٿن جا ڪبوتر اُڏاٽا.
وِڪي دل مون ناهي ٻئي در تي سجني!
سدائين محبت جو سنگ – ميل ٻڌجي،
پرين آهه تنهنجي رهي رهگذر ۾.
جُڳن جون اڪارت ٿيون تپسيائون،
اسان جي اندر ۾ جليون ڪي ڇِتائون،
ٿِي دونهي جا بادل وفائون اڏاٽيون،
اوهان جا الائي ڪٽي ٿاڪ ٽاٽا؟
اوهان جون الائي ڪٽي خواب گاهون؟
فقط يادگيرين ۾ محفوظ آهن،
ٿڌيون تنهنجي چُنريءَ جون پرڇايون پياري!

# مدهوش راتين جي جنت

ڪنهن نئين عشق جي آرزوءَ ۾ وري،
زندگيءَ جي مُنديءَ ۾ ٿو پُورو پوان.
ڪوبہ تنهنجو تصور جڏهن ٿو جُڙي،
باک گهري گگن ۾ ٿي وکري وڃي،
سُرخ، زرتار، باريک پوشاک مان،
تنهنجو چاندي بدن ايئن ٿو ڏيکار جي،
جڙ ته ڪا، جل پَري نِڪتي سنڈوءَ منجهان.
تنهنجي چوٽيءَ جي خوشبوءَ ۾ خاموش جڙ،
ڪائي مدهوش راتين جي جنت هئي،
تنهنجي شمشاد قد جي مٿان پَر هٽِن،
هُئي عقابن کي اهڙي نہ ڪا ئي مجال!
تنهنجي ڳلَ تي، ڳچيءَ تي تِرنِ جا ٻُڙا،
جڙ خُدا سونهن جا توکي تمغا ڏنا!
تنهنجي اکڑين جون ڇُڙواڳ ڇوليون گرمُ،
سرد رُتِ ۾ محبت جو ساحل هُيون!
وقت گُذري ويو،
اک ۾ تنهنجو تصور ئي رهجي ويو،
ڪنهن نئين عشق جي آرزوءَ ۾ وري،
زندگيءَ ۾ نئون رنگُ پَرٽو پيو!

پيارُ، دل جو قرارُ، تون آهين!
ماڪ، خوشبو، بهارُ، تون آهين!

روح تون، جان تون، تمّنا تون،
آرزو، انتظارُ، تون آهين!

چنڊ تارن جي چاهنا ڪهڙي؟
روشنين جو شمارُ، تون آهين!

وقت تنهنجو ئي آ تمنائي
هر گهڙيءَ جو وقارُ، تون آهين!

بيقرار گُذري ٿي،
اشکبار گُذري ٿي.

هجر جي هوا دل تان،
بار بار گُذري ٿي.

جسم جي اڪيلائي،
ڏار ڏار گُذري ٿي.

بُکَ ۾ جُهڪيا ناهيون،
باوقار گُذري ٿي.

ڪنهن چيو: "سوا تنهنجي،
خوشگوار گُذري ٿي!"

تنهنجي ياد جي ٻيڙي،
چنڊ پار گُذري ٿي.

# دل جي ڏرتي

دُور هوندي بہ ڪيڏو تون آهين قريب،
فاصلا هي مسلسل پلا ڇا ڪندا؟

سمنڊ روڪي هي سگهندو نہ مون کي سَکي!
تانگهم تنهنجي هوا سان اچي ٿي گُهلي،
جهاڳ، لهرون لُٽائيون، ڪنارا پُڇن،
چنڊ – ٻيڙيءَ ۾ ويندس مان توسان ملي،
ساحلن جي مٿان ناخدا ڇا ڪندا؟
فاصلا هي مسلسل پلا ڇا ڪندا؟

هيءُ مُکڙيون گُلن جون، ٽڙڻ کان اڳي،
دل جي ٽاريءَ مٿان ڪئن لُڏن ٿيون پيون،
رنگَ ڪرٽا ۽ سُرهاٽيل روشنيون،
نيل – ڏارا ۾ تو لئہ پُڏن ٿيون پيون،
هي جُدائيءَ جا لمحا ڪَڙا ڇا ڪندا؟
فاصلا هي مسلسل پلا ڇا ڪندا؟

آءُ نڪري هلون! ڪنهن اڃاتي نگر،
ڪو سڃاڻي نہ وڃ، اجنبي ٿي رهون!
سَوَ ستارا اُٽون، آس جي ايَ تي،
دل جي ڏرتي ٽئي، روشنيون روشنيون!
هي انڌيرن سندا، سلسلا ڇا ڪندا؟
فاصلا هي مسلسل پلا ڇا ڪندا؟

ڪناري لائين!
ڪاهي ڪاري سمنڊ مان!

ڪڙيون ماپن ٽيون ڪڏهن،
سِپن ۾ سائين!
ڪناري لائين-
ڪاهي ڪاري سمنڊ مان!

ساري هن سنسار جو،
پيار پُکي پائين-
ڪناري لائين-
ڪاهي ڪاري سمنڊ مان!

آڳاهون اوڙاهُ ٽو،
سڏي سدائين-
ڪناري لائين-
ڪاهي ڪاري سمنڊ مان!

ننڊ نهوڙيا ناکئا!
لنگر لڳائين-
ڪناري لائين-
ڪاهي ڪاري سمنڊ مان!

چندُ اڇ رات مختصر آهي،
دل جو آڪاشُ منتشر آهي.

ڪنهن ۾ خانہ بدوش سپني جو،
در نہ ديوار ۽ نہ گهر آهي.

لڙڪُ اک ۾ سُڪي ٽيو پٽر،
ڇا تہ آ ضبط، ڇا جگر آهي.

عشق آوارگي ڏني اهڙي،
درد دل جو ۾ دربدر آهي.

زندگي پيڇرو ڏکيو ڪيڏو،
موت سولو سِڌو سفر آهي.

دل مسافر! ڇڪي ٽي پيرن کي،
روح رستن کان بي خبر آهي.

اجنبي ۽ اڃاڻ احمد جو،
شهر ڇالاڪ مان گُذر آهي.

# جھنگل جو ماحول

ڏيھُ ڏسي پيو نَکَ جي هينان جھنگل جو ماحول!

پنکَ رَتاوان، چُھنبون ڇاڙھيون- شِڪرا خون پياڪَ،
رَت جي بانس هوا ۾ پکڙيل، چٽڪن سپ جا چاڪَ.

ڪنڊو جن جو زهر پَريو آ، سَپَ سُجھن ٽا جامَ،
پوءِ بہ پير اسان جا اڇتي، ڇاٽون ٽا انجامَ.

ڪير ڪنڊن کان پاند ڇڏائي، جھنگ سڄي ۾ شورُ،
هر پاسي کان گھيرو، گل جي نِڙيءَ نِڙيءَ تي زورُ.

پاڇا، پاڇا رَت جا پياسا، وحشي وحشي رات،
چنڊُ نہ ڇاٽي جيت آ ڪنھن جي ۽ ڪنھن جي آ مات!

ڏيھُ ڏسي پيو نَکَ جي هينان، رتَ پَريو ڪشڪولُ،
جھنگل جو ماحولُ!

# روايت

قصو صرف تازيءَ قبر جو ئي ناهي،
روايت جي پويان کا تاريخ آهي.

روايت ۾ تاريخ جي چيخ آهي،
روايت منجهان رت جي سنڌو وهي ٿي،
روايت ۾ سُورج کو مصلوبُ ٿئي ٿو،
روايت اندر چنڊُ نيزي چڙهي ٿو،
روايت ۾ تارا اُجهايا وڃن ٿا،
سويرا انڌيرن تان واريا وڃن ٿا.

روايت منجهان رتَ جون بوندون چٽن ٿيون،
روايت ۾ گهڙيون کي گهاٽي گُهمن ٿيون،
روايت مان قاتل لکيرون لنگهن ٿيون،
روايت جي ڪنڌ تي ڪَٽارون هلن ٿيون.

ڪٿي سونهن–ڏرتيءَ جي کا ڏيءَ ڪُني آ،
"لهوءَ جون پُڪارون هوا پي وئي آ"
روايت ۾ آهن لکل هٿ پڏرا،

روايت جو موجود راوي بہ آهي،
رڳو فرد هڪڙي جو هي موت ناهي،
سڄي ايشيا جو هي ڄڻ انت آهي.

سيئي ڪندَ، پرڪندَ، ڪيا بَکُ گولي ءَ،
سيئي خواب جا گهر، ڪيا ڪَکُ گولي ءَ.
لڳي ڪالهه گولي، لڳي اڄ بہ گولي،
لڳي ڪينيڊي ءَ، ڪِنگ لوٿر ڪي گولي،
۽ گانڌي ءَ ڪي گولي، لُممبا ڪي گولي،
لڳي آليندي ڪي ۽ اندرا ڪي گولي،
لڳي آسرن، انتظارن ڪي گولي،
ڪچن نيٺ، نيرن، نهارن ڪي گولي،
لڳي ديسَ جي ڄڻ ڀهارن ڪي گولي.

ڪروڙين اکيون اشڪباري ءَ ۾ آهن،
ڪروڙين دليون بيقراري ءَ ۾ آهن،
سيئي هٿ سينہ زني ءَ منجهه آهن،
سيئي پير ماتم ڪدي منجهه آهن،
اڳٽ عُذر خُواهين سان آباد پنهنجا،
سيئي سَچَ آتش ڪدي منجهه آهن.

دفن ڪائناتن جو محور ڪيو ويو،
خطِ استوا ۽ سمندر ڪيو ويو،
دفن ديس! پنهنجو مقدر ڪيو ويو،
دفن ڪالهه هڪ ٻيو قلندر ڪيو ويو!

گُلن کان ٽِڙڻ جي آ فطرت کسي وئي،
ءِ سورج مُکين کان حرارت کسي وئي،
وٽن کان کسيا ويا، سندن ڇانورا سڀ،
ندين کان قديمي رواني کسي وئي،
سڀن موسمن جي جواني کسي وئي!

ڪيو قيد جذبن جوانين کي ويو ءِ،
ضميرن کي زنجير پاتا ويا ءِ،
اُميدن کي آڙاهَ ۾ ويو جلايو،
تڏهن وقت کي هُن، هي انداز بخشيو،
جو سوچن صليبن کي اعزاز بخشيو،
مٿيءَ تي ٽڙيل هُن جي رت جي لڪيرن،
صدين جي خموشيءَ کي آواز بخشيو!

زماني جي تاريخ ۾ هيءَ شهادت،
امر بڻجي رهندي نئين هڪ روايت!

تو وڏايون نرم، رات ٻانهون ڪٽي!
چنڊ پنهنجون ڏنيون، تو پناهون ڪٽي!

دردَ توکي حصن ۾ ورهائي ڇڏيو،
جسم تنهنجو ڪٽي ۽ نگاهون ڪٽي!

ڪالهه پنهنجا قدم، جت رکيا رهبرن،
وقت اتهاس ۾، اڄ سي راهون ڪٽي؟

# تارو تارو ، تنها تنها

مايا چايا موھ،
پھرين پارس پاڻ ھئاسين،
ھاڻي پٽر، لوھ.
خالي سکٽا خواب اکين جا،
ڳوڙھن سان ئي ڳوھ،
ڪنھن جو ڪونھي ڏوھ.

جيون بي ترتيب،
اڳڙيون اڳڙيون ڪنھن جو ٿي ويو،
جوپن بي ترتيب،
پل پل جي رسوائيءَ پويان،
تن من بي ترتيب،
درپن بي ترتيب!

ڏَرءِ روھيءَ وانگ،
ساھَ سرير سمايا ڪيڏا،
سُور اُڏوھيءَ وانگ.
وقت صليبن تي ٽو چاڙھي،
ڪنھن بي ڏوھيءَ وانگ،
سِڪَ ستوھيءَ وانگ.

سپنا سانديا تو نہ!

پکيءَ پکيءَ کي سانجهيءَ ويلي،
آکيري جي اونَ.
گهر جو وکريل ڪَڪُ پَنُ توکي!
ياد اچي ٿو ڪونہ!
تون سارين ٿي چونہ؟

گُهلي گُهلي ڪاڇيلُ،
ڏينهن سڄوئي واءُ ٽڏيرو،
خواب خواب جو ڪيلُ.
سُتي سُتي سوَ سُور انگوريا،
مانَ ٽئي ڪو ميلُ،
ڪهڙو تيلُ ڦُليلُ!

دل اونداهو ڪنڊ،
تارو تارو تنها تنها،
ٽيڑو، ڪتيون، چنڊ.
رات اڌو اڌ، ياگا ياگا،
ويهي مون سان وندر،
هيءُ مانڊي جو منڊ!

اُڏر يا خواب، خيال،
روحُ رَمل سان، نينهن نظم سان،
تن من ۾ مشعال.
پير پدمڙا، چانديءَ هٿڙا،
چهرا جوت جمال،
سِڪَ سِجهايا سال!

دَريون، در ٻُوٽيل۔
پرينءَ جي شهر جا!

بارُودن جي ٻُوءِ سان،
رستا دونهاٽيل۔
پرينءَ جي شهر جا!

ماڻهو ڳليءَ موڙ تي،
گهاون سان گهايل۔
پرينءَ جي شهر جا!

ڏُنڊلو چندُ آڪاسَ ۾،
چهرا مُرجهايل۔
پرينءَ جي شهر جا!

رنگت اُجڙيل راتيون،
ڏينهن بہ ڏکايل۔
پرينءَ جي شهر جا!

# زندگي!

هزارين خيال ساحل تي، اچن ٿا انت جا مون کي،
سڏي ٿي خودڪشي مون کي، پري کان زندگيءَ وانگي.

وَڏِي وڏّي ٽي، نندِي تقاضا،
خموش دل ٽي، ٻُڌي تقاضا.

وساءِ نندڑي نہ بوند بادل،
پياسي رڻ جي، وڏّي تقاضا.

نہ اُڃَ جا چپ ڪُليا ڪڏهن پي،
نہ بُکَ جي اک مان، بَکِي تقاضا.

نہ دل ۾ تنهنجي اُميد خواهش،
نڪي تمنا، نڪي تقاضا.

سموند تي چند رات اُپري،
هوا تي ڪهڑي لِکي تقاضا.

ضعيف عورت رليءَ رنگن تي،
غريب دل جي رَکِي تقاضا.

وڃڙين وڏا ونگَ۔
ککر ۾.

آءُ تہ سرتا سونهن اُجاريون،
سَرهايون سارنگَ۔
ککر ۾!

تنهائيءَ ۾ بکجي وئي آ،
آڏيءَ آس اُمنگَ!
ککر ۾!

توبن ڏُنڊلا ڏُنڊلا آهن،
سارا رنگ ترنگَ۔
ککر ۾.

# بي ترتيب زندگيءَ جو الميو

ڪا شام وڃائي رستن ۾ ،
جنهن وقت اويرو موٽيس مان،
تو ڇو نہ سُمهاريو سپنن ۾،
ڀ دل جي رنگ رتولن ۾.

تو ڇو نہ ٻُهاريو ٻوٽن مان،
جنهن وقت ڇٽيس مان پَنُ پَنُ ٽي،
جنهن وقت ڪِڙيس مان تاري جان،
تو ڇو نہ نهاريو پيار منجهان؟

جنهن وقت اکين کي ڏُوڙِ لَٽيو،
تو ڇو نہ چنڊي سي خواب ڪنيا،
تو پاند سان پنهنجي ڇو نہ اُگهيو،
هر سپنو منهنجي اکڙين جو؟

تو درد نہ ڪو محسوس ڪيو،
ڪنهن وقت نہ تنهنجا نيٹ پنا،
ڪنهن سُور – سڃي ۾ مون لئہ تو،
ڪو لُڙڪ نہ موتيءَ جان پويو!

ڪو چهرو واقفڪار نہ هو،
ٿي پاڇن پويان ڊوڙيس مان،
ڪو آواز جو جهنگُ هُئو،
تو ڪونہ پُڪاريو، ٿِي پنهنجو!

هر سِٽ ۾ ڏُک جو ڏيکُ هئو،
تو لفظ پڙهيا احساس بنا،
هن بي ترتيب جوانيءَ جو،
تو ڇونہ پڙهيو دل ساڻ پَنو!

هي پيار ڇڪورن جهڙو هو!
ٻئي پنهنجي پَر ۾ اُڏرياسين،
جنهن وقت هوا سان چنڊُ گَنو،
تنهن وقت نہ اُن تي ڪو ٻہ لٿو!

# اکين جو جهنگ

مُنهنجي سيني جو سدا،
سمندُ آئينو رهيو.
رُت – بسنتيءَ بوند جون،
هي اکيون تمثيل آهن!
مان بدن پنهنجي منجهاران،
روح کي ٿو ڳوليان.
منهنجي هر احساس آڏو
هڪ وڏو آهي سَرابُ،
جنهن ۾ منهنجي آس جا،
آهن هِراسيا ڪئين هرڻ!

خوابَ آوارا پکي،
بند اکڙين جي وڏي ڪنهن
جهنگَ ۾ آهن اُداس!

پيارُ جيون پر ڪجي،
دردَ کي دلبر ڪجي!

نيٺ تُنهنجا پُوڄجن،
توکي پوڄا گهر ڪجي!

مرتبي ۽ مانَ لئہ،
پيٽ کي پٿر ڪجي!

جو سِسي نيزي رکي،
پنهنجو سو رهبر ڪجي!

هار لئہ ڇو سوچجي،
سوچ کي ساگر ڪجي!

# ڪراچي

اي ڪراچي!
سنڌ جي تون نڪ جي آهين ڦُلي.
هسُ ڳچيءَ جو،
سينڌ جو سِندور، ماٿي جو ٽِڪو،
ءِ ڪرائيءَ جو ڪنگڻ!
باک بادامي جڏهن ٿي تنهنجي رستن تي لهي،
صبح تنهنجو سون ورنو ٿو لڳي،
ءِ جڏهن ٿي شام گهونگهٽ کي کٽي،
سانوري ڪا ڪنوار آرس ٿي پَچي!
رات پنهنجا پاند ڦهلائي جڏهن ٿي تو مٿان،
چندُ شرمائي وڃي ٿو تو اڳيان.
تنهنجون رم جهم روشنيون،
شاهراهن تي تکين ڪارن منجهان،
جنهن گهڙيءَ برسات وانگي ٽيون چٽن،
هر عمارت جون دريون آڪاسُ ڇُهندي ٽيون ڪُلن،
ڏُکَ توڙي سُکَ ۾ ٿا، تنهنجا رهواسي رهن!
تنهنجي ديوارن مٿان هي سُرمئي،
رنگ جا ٿا ڪيترا پاڇا لهن.

تون ڪياماڙيءَ، منهوڙي جي هوا،
تون ڪلاچي! شاهه جي آهين دعا،
يا لڳين ٿي سِپَ جي موتيءَ جيان،
يا اسان جي پاڳ وانگر،
ڪنهن مقدس ماڳ وانگر،
تون سمندر جي رهين ٿي جاڳ وانگر!

اي ڪراچي!
تون ته پالٽهار وانگي ٿي لڳين،
تون مِلين جي روز چمنين کي دُڪائي،
پيتَ بُکيا ٿي پرين!
زندگيءَ مصروف تنهنجيءَ ۾ رهيا،
بي انت ڪيئي حادثا،
روشنين جا سلسلا!

اي ڪراچي!
تون اسان جي آنهِ ڪرنگهي جي هڏِي،
عڪس، جلوو، آرسي،
۽ اکين جي روشني.
تون رهين ٿي ساهه ۾ سُرهاڻ ٻڌجي،
وقت ۽ تاريخ جو اُهجاڻ ٻڌجي،
تون اسان لئ نينهن جو آهين نياڻ،
تون اسان جو آهين چهرو ۽ صدين جي آن سچاڻ.

اي ڪراچي!
تون اسان لئ سورهن ئي سينگار آهين!

جهول موتين سان پريل ۾ موتئي مهڪار آهين!
تون اسان جي عيد آهين،
تون اسان جي ديد آهين!
تون اسان جي جيت آهين،
تون اسان جي هار آهين!

ڪُڙم جو ٽي ڪاٽيارو،
شال سو ويري مري،
جيڪو چوي،
پنهنجي هوندي،
سنڌ کان تون ڏار آهين!

دُونالي ءَ ٿا... ٿا_
پکي اُڏريا اُيَ ڏي!

ماري! پنهنجي ڏَبَ ۾،
ڳولين ٿو تون ڇا؟
پکي اُڏريا اُيَ ڏي!

تَر ۾ ڪاري تترَ جي،
ٻولي ناهي ڪا!
پکي اُڏريا اُيَ ڏي!

لڙيا پاڇا ڏِنديِ تي،
سرءُ سانجهي ءَ جا_
پکي اُڏريا اُيَ ڏي!

سانجهي اُداس پاڇا، ڪنهن کي سمونڊُ ڳولي؟
وکريل، وشالُ، تنها، ڪنهن کي سمونڊُ ڳولي؟

هيءَ سانت، رات، سوچون، هي خواب جا جزيرا،
چندَ ڪنڌ سنگ تارا، ڪنهن کي سمونڊُ ڳولي؟

سادو، سُفيد ساحل، ٻوليون انيڪ ٻولي،
لهرن جا لوڏي پينگها، ڪنهن کي سمونڊُ ڳولي؟

هر روز ڇوڙَ ويلي، ملندو رهيو مُسلسل،
سمجهيو نہ پوءِ بہ دريا، ڪنهن کي سمونڊُ ڳولي؟

ڪيئي جهاز جيءَ جا، هُن ٻارِ منجهہ ٻوڙيا،
ٻيڙيءَ ۾ ٻيڙياتا، ڪنهن کي سمونڊُ ڳولي؟

# ساحلي ڇوڪري

مھ جبين! مھ جبين! رات آھي ٻِني،
دل ڏَني دل ڏَني، توکي مون دل ڏَني!

رات راڻي ٽِڙي، آ اڳڙ تي ڪِڙي،
ساحلي ڇوڪري، آءُ ويجھو ته ٽِي!
چنڊُ توکي ڏَسِي، آھِ ککرين لِکو،
ٻُڪَ ۾ مُون جھلي، تنھجو ڇھرو چُميو.

پَنَ وانگي بدن، ڇا ته سَنھڙو اٽئي،
ھٿ تنھنجا ڪنول، چيچَ ڇلڙو اٽئي،
ٻُلبلين پوپٽن، تنھنجو ٻوڙن پُڇيو،
روز سورج مُکين، تنھنجو رستو تکيو!

مُنھنجو ساگر ٻہ تون، لھر، ساحل ٻہ تون،
آرزوءَ جو سفر، مُنھنجي منزل ٻہ تون،
تنھنجو 'احمد' ڪوي، تون ته اُن جي سَکِي،
روشني روشني، زندگي زندگي!

# ڪتا

هي مُرڪن جي مالها ۾ ٺهڪن جا موتي،
اوهان پاڻ جن کي آ پويو چپن سان،
چَڱُن جو چڪر ۽ اکيون نيم خوابي،
اوهان جي ۾رن جا هي رستا ڪشادا،
ڳلن تي موهيڙن جو ماندڀاڻ مندبل،
انهيءَ ۾ مصور جون ڪيئي ڪٽائون،
جڙيون جڻ صرافن کي سُندر جَڙائون!
اِهي چاڳ تنهنجا اِهي چلولايون،
خزان رتُ ۾ تنهنجي بدن جون بهارون،
اڙي روپ راڻي! هي تنهنجون نهارون،

خدا برف جا ڪئين پگهاري ڇڏين ٿي!
۽ ڏيئي وجين ٿي، ڪويءَ کي سنديسا،
نوان انسنا ۽ نوان کي انديشا.

پرهه جي هُو پلڪن ۾ پويل کي قطرا،
ڪٽي ڪيستائين ٻُڪن ۾ هلان ها!
تتيءَ اُسَ ۾ ڪيستائين جلان ها!

اوهان جي نہ پيرن جي آهٽ ٻُڌيسون،
اميدن جي ڪا ئي ڪِرن ڪانہ اُپري،
نہ چيرين جي ڪا ڇن ڇناهٽ ٻُڌيسون،
پٽن تي پشم، مخملي پير تنهنجا،
پَڌاريل ڏَناسون، ڪٽي ڪين جانان!
سگهياسين رِڙون ڪي، رِڙي ڪين جانان!

سدا عشق تنهنجي جي ڪاڙهي ڪڙهياسون،
اسان کان پُڻي ڪانہ ڪا بي وڙائي،
اجا آتما آ اوهان لئہ اُساڻيل،
اِها ئي حقيقت، اِها ئي ڪهاڻي
نہ الفت جي مفهوم جو انت ايندو،
نہ دنيا ۾ دردن جي ٽيندي پُڄاڻي!.

# تمنا جو انت

اُپ – شيشي کي اُگهان مان کيستائين؟
چنڊ جا ٽڪرا ڳنڊيان مان کيستائين؟
مان نہ شيشہ گر، نہ کوئي سنگتراش!

مان مجازي بت پرستيءَ ۾ مگن،
کو خدا آهي نہ توکان ٻيو حسين!
تو اڳيان ئي ٽي جُهڪي منهنجي جبين.
مون ڏٺا جو نيٺ تنهنجا اي سکي!
سڀ ستارا پيا کِري، منهنجي هٿن مان،
کو بہ زهرو، مشتري منهنجو نہ آ،
کوبہ سُرخو، کو بہ انبلک يا کُميت،
سنج ۽ جوهر سان جَڙيل منهنجو نہ آ.
نانگ کاريهر لکل آ ريت ۾،
پير واريءَ جي مٽان کنهن جو نہ آ.

عشق ڏيکاري اجل جو آئينو،
چو تمنا روز تنهنجي ٽوکري؟
تون پکيءَ جي پَر مٽان کا ٻوند آن،
تون پري، ڏاڍو پري، ڏاڍو پري!

مان کنارو سمنڊ جو کو نامُراد،
تون لُٽاڻي واءَ جو جُهوٽو مٺي!
مان اٽاسيءَ اُسَ جو کو تروروَ،
تون ٽڏو کو ڇانوَ جو ٻوٽو مٺي!

ڪي بادل پنبڻين ۾ پهتا، ڪو آگم دل کان ٻاهر آ،
هڪ موسم دل جي اندر آ، هڪ موسم دل کان ٻاهر آ.

ڪنهن ڪاريءَ رُجَ تي برسي پئي، ڪا ڪڪري اُجَ تي برسي پئي،
ڪو سارنگ ساهن ۾ سوگهو، ڪا ڇم ڇم دل کان ٻاهر آ.

ڪا رَڱَ رباب سان اُلجهي ٽي، ڪا تند طلب جي تڙپي ٽي،
ڪو راڳ رهي ٽو روح اندر، ڪو سرگم دل کان ٻاهر آ.

هر وقت صحيفا يادن جا، هر وار اکين تي نازل ٿيا،
هر محشر لڙڪن جو من ۾، هر ماتم دل کان ٻاهر آ.

هن دل ۾ هڪڙو گرجا گهر، ۽ ماءُ سان گڏ هڪ پيغمبر،
مريم ئي ٻاهر آهِ نہ ابنِ مريم دل کان ٻاهر آ.

سڀ سپنا پاڻ اُٽيا احمد تو رنگ برنگي ڏاڱن سان!
ڪا ڏوڙ تخيل ۾ تنهنجي، ڪو ريشم دل کان ٻاهر آ.

# خوابن جي خُودڪُشي

هوائن ۾ شُعاعن کي جڏهن ٿو سڄُ اُڇلائي،
تڏهن ماحول ساکن ٿئي،
سناٽن ڏي وجن آواز ٿا ڊوڙي،
اُڏامي ڏُوڙ ٿِي درياهه مان ڪيڏي!
وٽيو آ وقت اُن کي ايئن،
لڳي ٿو مُڄَ جي نوڙي!
وڃون جاڏي، انهيءَ پاسي!
رڳو خاموشين جا مقبرا آهن،
سياستدان نابالغ مجاور ٿي پيا آهن!
تپي ٿي لوهه وانگر سڄ جي هينان جنم پوميِ،
جتي اڇ پاڻ بينا هون،
اها ڏرتي وجي ٿي مختصر ٿيندي،
مٿان آڪاسُ هي نيرو ،
وجي ٿو دائرن ۾ جڙ نندو ٿيندو،
ڪپاهان ريشمي بادل،
وجن ٿا ڇڙوڇڙ ٿيندا،
پکي پنهنجي نگاهُن جا،
وجن روپوش ٿا ٿيندا!
مگر هوءَ بي خبر ڪافر حسينا چو چئي ٿي پئي:
جنم پنهنجو اکين ۾ ئي ٿيو آهي،
عمر جا سپ لٽا پنهنجي اکين آڏو لٽا آهن!
لڳو ڪلهه پيار جو پيوند،

جواني ٻُور تي پهتي،
وٽن جي ڇانوَ ڇو پنهنجي،
جڙن ۾ ٽي وڃي موٽي؟
سمورا خواب پنهنجا ڇو،
ڪرڻ ٿا خُودڪشي چاهن؟
اڙي او بي خبر ڪافر حسينا!
ڇا اِها توکي خبر آهي؟
هٽن ۾ هتَ آهن، پر
مٽي پيرن جي هيڻان پنهنجي حصي جي،
وڃي محدود ٽيندي ٽي،
قُٽن ٿا شهر مان جيڪي سمورا ڳوٺَ جا رستا،
انهن ۾ نانگَ پنهنجا ڪَرَ ،
ڪٽي هر روزُ بيهن ٿا،
سمورن جاگرافيءَ جي ڪتابن کي،
اُڏوهي ڪا لڳي وئي آ،
نئين تهذيبَ جي نالي اسان جي پيارَ جي ٻولي،
پُراڻن ڪندرن جو ڇڻ قديمي گيت ٽي پئي آ،
اسان پاران اسان جي ئي حصي جي زندگيءَ کي
ڪو،
گُذاري ٻيو رهيو آهي،
اسان ڇڻ زندگيءَ کي زهر وانگي، پِي رهيا آهيون،
اسان دنيا جي گولي تي اڪيلا جِي رهيا آهيون!

سرمدَ پيراندي ءَ،
سُتو ابوالڪلام آ!
ٽُٽل ننڍي ڪنڊ جي،
ننڍڙي آبادي ءَ۔
سُتو ابوالڪلام آ!
احمد نگر جيل چيو:
سُورن سيراندي ءَ۔
سُتو ابوالڪلام آ!
دهلي! توکي نيٺ ڏٺي،
هيٺ متي ءَ ماندي ءَ۔
سُتو ابوالڪلام آ!

سِڪَ سجدا وُجودَ ۾ آهن،
ڪعبا، ڪلما وُجودَ ۾ آهن.

ابنِ مريم نہ ٿو مري مون ۾،
ڇو تہ عيسيٰ وُجودَ ۾ آهن.

سِجُ صليبن مٿان اُپاريندا،
سُرخ جهنڊا وُجودَ ۾ آهن.

نيڻَ پٽر ۽ خوابَ آئينا،
ريزا ريزا، وُجودَ ۾ آهن.

ريت سان جَرُ بدن ۾ ڊوڙي ٿو،
سمندَ، صحرا وُجودَ ۾ آهن.

ڪا ندي ناوَ ۾ سَمائي آ،
نيڻَ نيرا وُجودَ ۾ آهن.

# چہرن جون اکيون

رات،
جنهن کي چہرن جون،
چمڪندڙ اکيون،
گُهوري رهيون آهن.
ديس جي باک جو،
اڇوتو بدن،
ڳجهن جي چنبن ۾ لُڇي رهيو آهي.
سليٽي شامون،
ڪانون جي بي سُري آواز سان،
گُونجي رهيون آهن،
۽ ندي!
ڏينهن ۽ رات جو سفر،
واريءَ جي پنڌ جيان،
جهاڳي رهي آهي.

# سمنبڙ شهر جي ڪٿا

سمنبُ هي شهر سان لُڇيو آهي:
لهر آوازَ جو پڙاڏو ٿِي،
هر ڪناري مٿان دُکِي، ڏوڙي،
شهر جي زهر کي چَکيو آهي-
سمنبُ هي شهر سان لُڇيو آهي!

سمنبُ فطرت جو معجزو آهي،
زمينن جو آئينو آهي؟
صُبح سانجهيءَ رنگين غاليچا،
سانگَ سِيرن مٿان سجائن ٿا،
رنگَ روشنيءَ جي ساحل تان،
جڙ هوا کي پکي اُڏائن ٿا!
پنکَ پر هانوَ هَلائن ٿا!
روح شاعر جو ڪنهن رگيو آهي؟
سمنبُ هي شهر سان لُڇيو آهي!

شهر نندڙو نِراسُ ڪيڏو آ،
دل جو گهرڙو اُداسُ ڪيڏو آ!
هن صديءَ جي ٽڪل مسافر جي،
سونُ- پيرن تي ڏوڙ چاندي آ،
پنڌ دل جو قديم تنهن ڪاڻي،
پيارَ جي ڪائنات آندي آ،
موهُ باندي نہ سونهن ماندي آ!
درد پر ڪنهن سندس ڪَڇيو آهي!
سمنڊُ هي شهر سان لُڇيو آهي!

سمنڊَ ۽ شهرَ جي صدا پنهنجي،
هرڪا تمثيل ۽ ڪٿا پنهنجي،
شهر چپُ آ زبانَ جي هوندي،
سمنڊُ گُونجي گَڏي ڪنارن کي،
شهر پُرهول، پُرخطر آهي!
سمنڊُ عاشق سڏي ستارن کي،
چينُ آڇي ٿو بيقرارن کي!
ريت تي رات پر رُليو آهي!
سمنڊُ هي شهر سان لُڇيو آهي!

رات اُپ تي ستارن جي سرواڻ ٿِي!
چندُ اُلهي وڃي، آءُ چاندراڻ ٿِي!

مُنهنجي ڳوڙهن سان ڪڏهين ملي ڏِسُ مِٺي!
آءٌ نندڙي ندي، تون تہ مهراڻ ٿِي!

تنهنجي آئي ملي، نُور تارن کي ٿو،
ءِ گلن کي ملي، ماڻَ سرهاڻ ٿِي!

اي سرءُ جي هوا! گُهل نہ منهنجي مٽان،
ساهَ مان ٿو ڇٽي، دردُ پيلاڻ ٿِي!

مان سدائين صليبن تي مُرڪان پيو،
بارگاهِ محبت جو اهجاڻ ٿِي.

# ٹُکرا ٹُکرا خواب

هاڻ تولئ مان نہ جيئندس،
۽ نہ مرندس مان ڪڏهن.
زندگيءَ ۾ جيڪڏهن ڪنهن موڙ تي ملندينءَ تون،
اک ڪٽي توڏي نہ ڏسندس مان ڪڏهن.
توکي ساري يا پچاري،
ڪنهن کان تنهنجو ڪونہ پُڇندس،
۽ نہ ڪڇندس، تنهنجي باري ۾ ڪڏهن!
ساهه ۾ سانديي نہ رکندس،
تنهنجي وارن جو هڇاءُ،
تنهنجي هٿڙن جو ڇهاءُ!
تنهنجي سِڪَ ۾ رات جا تارا تکي،
لڙڪ اکڙين جا اڇوتا ڪونہ رولیندس ڪڏهن،
ڪنهن بہ سپني منجهه توکي
ڪونہ ڳولیندس ڪڏهن!

جيئن سج لٿو ڏکن سان، راتيون ٻَکيون اسان جون!
سورج مکي سراپا، آهن اکيون اسان جون!

موسيٰ، ملي اسان کي، تجلي نہ طُورَ جي کا،
دل روز ٿي خدا سان، ڳالهيون رکيون اسان جون!

ور ور تو وِهُ نپوڙيو، هر نانگَ جي ڳچيءَ مان،
تنهنجي هٿان ڇو جوڳي، دليون ڪَکيون اسان جون؟

نيري سمونڊَ آڏو، ليکا هزار پائي،
واريءَ تي گهر اڏَنِ ٿيون، ساحل سَکيون اسان جون.

ويهي سگهيو ٿي پوپٽُ، هڪڙو ئي دل جي گُلَ تي،
نمڪين چاهتون ڇو، سيني چَکيون اسان جون؟

چنڊُ، تارو نہ هوءَ سکي آهي،
رات جي سونهن ڪنهن ڪَکي آهي.

تَنُ طنبوري جيان وڄي ٿو پيو،
عشق آگر جڏهن رکِي آهي.

مون تہ تنهنجي ٻُکن جي پاڻيءَ مان،
چنڊ جي چاندني چَکِي آهي.

رات چيري چڪور نڪتو آ،
پيار پاليو نہ چا پکِي آهي!

خودڪشي جي ئي خوابَ تي سوچي،
زندگي پاڪرين ٻَکِي آهي.

مان تہ سپني ۾ سمنڊُ ٿو ڳوليان،
رُڃَ اکڑين ۾ ڪنهن رکِي آهي.

آءٌ احمد ڏرم نہ زرتشتي،
باهہ ٻڌجي ڇو هوءَ ٻَکِي آهي؟!

# پيار اسان جي منزل

دل گَهِري کا دلدل آهي،
سامهون سِڪَ جو ساحل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

نيري اُيَ ۾ سردُ صدائون،
برف ٽيون سپ قربَ ڪٽائون،
خواب ۾ خُنڪي هر پل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

سُرهي سُرهي سُرڪَ اوهان جي،
اُسَ ۾ چاندي مُرڪَ اوهان جي،
ڇا ته اکين ۾ جِهلمل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

سانگَ سمورا موسم ڇاٽي،
وڻ وڻ ڏوٽي، پَنُ پَنُ ڇاٽي،
ڪا ته هوا ۾ هلچل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

محبوبا جو پيارُ سڏي ٿو،
اوجهڙ رستو، دارُ سڏي ٿو،
هاءِ جواني اڻ جهل آهي-
پيارُ اسان جي منزل آهي!

ٻاريو ڏياڻي-

اونداهيءَ اڌ رات ۾!

وک وک ويچاري کٽو،
ڏولیا، او ڏاڻي!

اونداهيءَ اڌ رات ۾!

هيءَ جا منهنجي جندڙي،
اُجن اُساڻي-

اونداهيءَ اڌ رات ۾.

پرهم ڏيندي پيار مان،
مڌ پَري ماڻي-
اونداهيءَ اڌ رات ۾!

# مون تہ سوچيو

مون تہ سوچيو ڪينَ هو مُنهنجي منيءَ،
پنهنجي جوپن جو تون بخشيندينءَ بهارُ!
رات جو جگنوءَ جيان ۽ ڏينهن جوءَ،
پوپٽن ۾ تون ڪندينءَ پنهنجو شمارُ!

رات ساري مُنهنجي سيني تي سُتينءَ،
ڪونجَ جهڙي تون ڇڇيءَ سان ڇَهَرجِي!
خواب جهڙي ڪنهن جزيري ۾ پُڄيءَ،
نند – پاڪر ۾ وئينءَ تون ويڙهجي!

سانوٽيءَ جو چاڙهُ، مستي مُند جيءَ،
جسم تنهنجي ۾ ندييءَ جهڙو اُپار،
تون بدن جي سون ٽڪريءَ تان سَڪِي!
پنهنجي ڇاتيءَ جي ڇڪورين کي اُڏار.

نغمگي پازيب تنهنجي جي ٻُريءَ،
روح جي تاريڪ ٿَهخاني مٿان،
تنهنجي پنبڻين جا ڇَپرَ ڪارا ڪڙَءَ،
رات ڇانيل ڇڙ تہ مٿخاني مٿان.

مون تہ سوچيو ڪين هو منهنجي مِنيءَ!
پاڻُ ارپي، پاڻ لاهيندينءَ لباسُ،
ڏينهن جو سوچي، رتوليءَ رات تيءَ،
تون اڪيلائيءَ ۾ ٿي ويندينءَ اداسُ!

ڪئي ب دل ڇا خودڪشي؟
نہ موت آ نہ زندگي!

ٻُڌون ٽا لُڙڪَ ۾ اسين،
يَري تِي ڇرڪ ڇو ندي!

ڊُکي ٽي روحَ ۾ اڃا،
قديم شهر جي گهٽي!

اکين جي آسمان ۾،
اُڏيو نہ خوابَ جو پکي!

هوا کي پنک ڪنهن ڏنا؟
۽ ڪنهن ڏني آ نغمگي؟

نگاهہ کان مٿي رهِي،
گداگري فقير جي.

# مشورو

وڏن وڏن ايوانن وارؤ!
کليل درين، دالانن وارؤ!
بند دلين جي گلين ۾ ڪو،
تيز هوا لئ ڪوليو رستو!
اک اک جاڳ مشعال ٻٽايو،
ڪوليو خيال جو روشن پردو،
ڏسو سمندر نيرو جاڳيل،
پکيءَ پکيءَ جي پويان اڏري،
حدِ نظر تي پهچو!

هيڏي گهري نيري دنيا،
اُن ۾ پاڻ سمايو،
لهر لهر جيئن ساحل پائي،
ان جيئن پاڻ وڃايو!
هر ساعت جو پنهنجو سودو
پنهنجي پاڻ مان ٻاهر نڪرو!
پاڻ نہ ائين اُلجهايو.
هٿ هٿ ڪوليو،
هر ڪنهن کي ورسايو،
رند، رڪيب ۽ رينون روڪي،
پير زمين تي لاهيو،
کليل درين، دالانن وارؤ،
وڏن وڏن ايوانن وارؤ!

دليلَ سوچي پناهَ ڳولي،
اجا بہ دل ٿي گناهَ ڳولي.

شعور سارو قديم ٿِي ويو،
نوان اُفق ٿي نگاهَ ڳولي.

بغير پيرن سفر ڪيو آ،
ملي نہ منزل ڪا راهَ ڳولي.

نہ چنڊُ پُورو اداس اُيَ جو،
چڪورُ ڪهڙا ٿو چاهَ ڳولي.

فحاش اک جو ئي ڪرشمو آ،
هُو جسم جا ٿو نِباهَ ڳولي.

عجيب خوابن جهانُ جوڙيو،
زمينَ جا سڀ گواهَ ڳولي.

خيال ۾ هُو ٻُڌي ۽ اُپڙي،
سموند احمد آَٽاهَ ڳولي.

# بسم الله خان جي نالي

فنڪار جي دل،
درد جا جيڪي ٻُرائي ٻول ٿي،
سي، ڪهڙي پُڙ ۾ ٿا نُرن؟
ڪا ساهمي شرناءِ جي آواز کي،
توري نہ ٿي ڪڍهين سگهي،

شرناءِ ٿي ڳاتي ڇڻي!
فنڪار جي اک ٿي وسي،
هر وقت اوهيڙا ڪري.
ڄڻ ڦوڪ هڪڙيءَ ساڻ بسم الله جي،
سُرهي چنبيليءَ ول ٿِي
سُر، ساز ۽ آواز جي ٽڙيو پوي،
۽ روح کي ويڙهيو وڃي!
ڄڻ ٻن چپن، ڦُوڪيل مٽن ۽ آگرين،
دنيا نئين تخليق ڪئي!
ڏرتي نئين، آڪاس نئون،

گنگا نئين،
باکون بنارس جون نيون،
سورج مُکين لئہ سِجُ نئون،
اوڙون نيون ۽ ہِجُ نئون.
کا چيٽ جي قولارَ نئين،
ويساکَ جون ويرون نيون،

هڪڙي بنارس جي اندر،
هڪ ٻئي بنارس جو هجڻ،
ايئن ٿو لڳي:
فنڪار جڻ جوڙون نيون،
جنسارَ جون جوڙيون هجن!

نوجواني، ڏوڙ پاڻي،
زندگاني، ڏوڙ پاڻي.

تُنهنجي آڏو، منهنجي دل جي،
ترجماني، ڏوڙ پاڻي.

پيار محبت کانسوا هر،
ميزباني، ڏوڙ پاڻي.

شهر هي برباد ٿي ويو،
هر نشاني، ڏوڙ پاڻي.

تنهنجي ڳَلَ جي تِر جي سامهون،
بي ڏياني، ڏوڙ پاڻي.

اڏ پيالو چندُ_

ڏِسُ سُفيدن جـي مٿـان!

تارا ڪتيون اُڀَ جاءِ،

آڇي عشق اڪندُ_

اڏ پيالو چندُ_

ڏِسُ سُفيدن جـي مٿـان!

جرڪي ڏرتيءَ آرسي،

اُجرو اُپسَمندُ_

اڏ پيالو چندُ_

ڏِسُ سُفيدن جـي مٿـان،

اوندهه ڳهندي ٽي وڃي،

خوابن جهڙو ڪندُ_

اڏ پيالو چندُ_

ڏِسُ سُفيدن جـي مٿـان!

# جُدائيءَ جا شوالَ

رنگ رنگ ڏاڪا رِڙي،
پورَ ۾ ڇاپا ڇُري،
پرتَ معنيٰ جا پَري،
جيئن ٻہ تو سوچيو هجي،
پنهنجي اکڙين سان سين کي،
تون ٿہ ڏيکاري سگهين ٿي!

صبح جا رنگين پاڇا،
۾ وٽن جي ٽارڙين ۾،
جهولندڙ ڪا نرم ٽڏڙي روشني،
آبشارن جو ٽڏو پاڻي سفيد،
جڙ پرينءَ جي پيرَ ۾ پازيب چانديءَ جا ٻَدل،
تون ٿہ ڏيکاري سگهين ٿي!

زرد پٽر،
قيمتي پکراج، نيلمَ،
سُرخ ڪي ياقوت ۽ مرجانَ،
فيروزا ڪئين،
۽ ڏندون ٽُٻڙار نيريون،
جڙ زميني آرسيون،
جن مٿان آڪاسُ،
ناسي بادلن جون،
ڪاغذي ٻيڙيون، مهاڙا ۽ پکي،
تون ته ڏيکاري سگهين ٿي!

هي ڪنول جا گل، هيرون صبح جون،
ڏينهن جو سورج مُکين جي جوان ڇهرن جا جمال،
اُسَ ۾ بادام جون ٽاريون ڪچيون ۽ قول ڳاڙها،
ڪُوڪَ ڪوئل جي ڪٽارَ،
۽ ڪبوتر جي اکين ۾ ڪا عقابن جي اُڏارَ،
زندگيءَ، تمثيل ۽ تشبيهه جي دنيا سڄي،
تون ته ڏيکاري سگهين ٿي!

بس رڳو تنهنجين نگاهن کان پري،
منهنجي دل جو ديس مُفلس ٿو رهي،
جنهن جي ڳلن تان تو ڪڏهن ڳوڙها اُگهيا،
۽ نه اُن ۾ تو ڪڏهن ڳولي لڌا،
سُورَ سپنن جا سراب!
دل جي زخمن جا ٽڙيل تازا گلاب،

چنڊ راتيون، آڳ عيدون،
ڀ جدائيءَ جا شوال!
ياد جا ڪي نانگ ڪاريهر اصيل،
ڀ وڇون سارا ورهه جا موتمار،
نيل ڪارا، بيقرارين جا نِشانَ،
چهڪ، ڇِيرا چاندنيءَ ۾ ،
رات جي راڻين سندا!
تو ڪڏهن ناهن ڏٺيون،
هي وڇوڙن جون وليون،
عشق اوڇڻ، پيار پٽراڻين مٿان
هي وڇاڻن تي وهاڻا ورهه جا،
ڀ اکين ۾ نند ڪُوڙي،
خوابَ، جنهن ۾ ڇڻ اَکن جي کير جهڙا،
پل سمورا،
هيڪلائيءَ ۾ جوانيءَ جا امُل ڳوڙها ڪَڙا!
بس رڳو تنهنجين نگاهن کان پري
منهنجي دل جو ديسُ مُفلس ٿو رهي،
تو ڪڏهن جيڪو مُڙي ناهي ڏٺو!

# مورڙِي!

چن چن چن چن چن پايل،
پيرن منجھ وڄي!
سکي! مورڙيءَ وانگ ٽِلين ٽي،
ڊوڙي سَڄي کَهي.
چيلھ سنھيءَ تي گھاگھر سُونھي،
گجرا پانھن منجھ،
تنھنجي اکڙين روز رُلايون،
ھرٽيون راھُن منجھ!

ھاءِ کَنن ۾ جُھومڪ جِھرمِر،
نَڪَ ۾ پَتَ جي ڏاڙي!
تنھنجو گھونگھٽ ۾ چھرو جڙي،
جُھڙ ۾ وِڄُ وراڙي!
ڳوٺَ لتاڙي آئينءَ ڳھيلي،
گھر گھر ڏئي ڪڙو،
سينھون سِرَ تي گھڑو گھَڙي تي،
پائي ڇِيتَ پَڙو.

ڪَڪَ چُٽن ٿا پاريهر،
خوابَ اُٽن ٿا پاريهر.

باک ڦُٽي جئن روزانو،
نند چُڳن ٿا پاريهر.

وڃينءَ ويلا پاڃن هيٺ،
ڳُٽ ڳُٽ ڪن ٿا پاريهر.

رنگ سِليٽيءَ جو احساسُ!
روز ڏِين ٿا پاريهر.

ندي، پُراڻي محل سراءِ،
اڃن وڃن ٿا پاريهر.

ٻُڪيا ٻٽڪي سانجهيءَ ويرَ،
گهر موٽن ٿا پاريهر.

ڪڙين منجھ ڳڙي۔
نينھن نچايو ناچڻيءَ!

ڪچو سونُ سريرَ جو،
گھاڙوءَ جيئَن گھڙي۔
نينھن نچايو ناچڻيءَ!

سپنو ڪو اتھاسَ جو،
اکڙين منجھ جَڙي۔
نينھن نچايو ناچڻيءَ!

سمبارا نئين نرت سان،
موٽي مُھن دڙي۔
نينھن نچايو ناچڻيءَ!

# سرحدن تي گلابَ

ملاقات جي موسمن جي ٽڏيءَ ڇانوَ ۾،
تِکي اُسَ دُوريءَ جي داخل رهي،
ندي رت، بارود ۽ باھ جي،
وئي ديس – دل جا ڪنارا ڪٽي،
ٻنھي سرحدن تي ڪِڙايا گلاب،
مخالف ھوا، رنگ ڪارا ڪٽي.

سُنگھي خوف جي ھر بلا وئي بدن،
عُنابي اکين ۾ وڏي زھر ويو،
ٻنھي طرف ھٿيار جو وھڪرو،
وفا، حسن جو ھر ٻُڏي شھر ويو.
ٻَريو آرسيءَ جي اڳيان ڪو ڏيئو،
ڪلي بند تاريخ جي ڪا ڳلي،

جتي ملڪ ڪنهن ٻار گمنام جان،
پَتو پنهنجي گهر جو ٿو پُڇندو رهي.

متيءَ بدگمانين جو پل پل ڏٺو،
صندوقن ۾ خوشبو جو مدفن رهيو،
فصل وقت پوکيو رُڳو موت جو،
رکِي پيرَ بارود جي ڍير تي،
ٻنهي سرحدن دشمني آ رکي،
ڪچو چنڊ – ڪپڑو ڪفن لئہ ڪپي،
نندي ڪنڊ جي ماپ آهي وتي،
ڪٽي سوچ جي هر گهڙيءَ جا عذاب،
ٻنهي سرحدن تي ڦٽا ڪي گلاب!

خواب اُٹن آوارا اکڙيون،
ڳوڙها سمنڊ، ڪنارا اکڙيون.

ڪنهن پل پوپٽ، ڪنهن پل جگنو،
سورج اکڙيون، تارا اکڙيون.

تون مون ڏي، مان تو ڏي ايندس،
ٽيندیون چارئي چارا اکڙيون.

اورنگزيب! قضا لئ ايندیون،
خنجر هيٺان، دارا اکڙيون.

اکڙين جي شمعن تي ٻَرندیون،
پروانن جان، پيارا اکڙيون.

دل ڪعبي ۾ سجده ريزي،
ارپن نينهن، نيارا اکڙيون.

# سفيد ڏينهن

بهار جي رُت ٽِڙي رهي آ،
گلن جون نازڪ، نفيس پَتيون،
اڪين جا آرس پَڇي چون ٽيون:
ڪَلي ڪَلي نت ڪِڙي رهي آ،
گلن تي ماکي مِڙي رهي آ،
هي سون – ورنو صبح جو سورج،
وٽن وٽن تي، پکيءَ پکيءَ جي پَرن پَرن ۾،
ڪي سون ريڪون مڙهي جَڙي ٽوا!
ڪو واءُ ٽڏڙو، عنبير اوتي،
ڇَڇن ڇَڇن ۾ هُڳاءَ کي جڙ ڇندي ڇَڙي ٽو.
ڪُنوار تنها، نديءَ ڪناري،
لٽن جون لاکون ڏوئي ڪِلي ٽي!
پکين جي جوڙي پير جي وڻ تان،
ٻہ ٻول ٻولي جيئن ئي اُڏاٽي،
هوا ۾ ٽاري لُڏيو لُڏي ٽي!
هي پوپٽن جو گلن ڦلن ڏي رنگين رستو،
حسين رنگن، ڪندن ۾ مُڪڙين منجهان لنگهي ٽو،
انهيءَ کي اڪ ڪا ڏسي رهي آ،
بهار جي رُت ٽِڙي رهي آ!

# پٿر جو ڪرٽوءِ هوا جو ڦول

سپني ۾ تون ءِ هڪ گهوڙو،
پنڌ پياسين ريت ڪناري،
ٻيڙي جو جهرڪين جهوريو،
اڪڙين مان ويون ننڍ اُڏاري!

بُرج مٿان هُو سورج نڪتو،
شهر جون گونگيون گهٽيون جاڳيون،
پوپٽ شبنم سان مُک ڌوئي،
ڳولين پنهنجون مُکڙيون ساڳيون!

ٽڏڙيءَ اُس ۾ متي مهڪي،
رنگ رنگ جو رومال کُلي پيو،
ٻُور نديءَ تي وڻ مان برسيو،
واهوندي جو واءُ گُهلي پيو!

مون چاهيو هو تنهنجو سپنو،
رات ڪناري حرف دعا جو،
توکي مون کان ڌار ڪري ويو،
ڪرٽو پٿر، ڦول هوا جو!

# خط جي اڪيلائي

تون بہ تنها زندگيءَ جو سمندُ جهاڳين ٿي پئي،
جڏ اڪيلائيءَ جا اڏما حال ٿا اوري وجن.
شام جي خوشبو لفافي ۾ ايا موجود آهِن،
لڙڪ هاڻا تنهنجي خط جا لفظ ٿا جهوري وجن!

ويا پرڏيهي يار۔
وجهي ويڙَ وُجودَ ۾.

اَڄُ نہ سَرَ تي هنجڙا،
ڪانهي ڪابہ اُڏار۔
ويا پرڏيهي يار!

منهنجا نيٺ نندا ڪڙا،
لُنڍَ لُنڍَ وڃي لار۔
ويا پرڏيهي يار!

جيڪي آڻت، آسرو،
مون کان ڪيڏو ڏار!
ويا پرڏيهي يار!

جن جي آئي جيڍَ تي،
موٽي مُند ملهار۔
ويا پرڏيهي يار!

وجهي ويڙَ وُجود ۾.

چهرا چهرا جي چارسُو آهن،
تنهنجي مُکَ جي نہ هوبهُو آهن!

هي هوا جا حسين تر جهوڪا،
زلف جانان سان مشڪبُو آهن.

مان ٿيان ٿو ضميرَ جي آڏو،
آئينا جڙ تہ روبرو آهن!

اک عبادت گُذار هُن جي آ،
هُن جا سپنا بہ باوُضو آهن!

# جلاوطن دوست جي ياد ۾

سنپاري سنڌ ساريءَ کي،
اکيون پرديس ۾ تنهنجون، رُئن ٿيون، رتُ هارن ٿيون،
ٻير جو ٻُور ٿو ٻھکي، اَکن جو کيرُ کارو آ،
پرين پرديس ۾ تون آن،
کيڙ جي مَڳ سان مھکي، ٽِڙيو هي ديس سارو آ.
سموري لاڙ جي ڇاڇر، پکين جي پيرَ هيٺان آ!
وڃن ٿا نَڙ هوائن ۾، ٻُرن ٿا چنگ چؤنرين جا،
ٻنيون ۽ ٻُوھَ ٻيلھاڙيون، پنن تي ٿو پوي پارو!
هي کاري ڇاڻ جون ڇاڙھون،
اُڏامي سمنڊ جت ٿو لوٽياني قيڙ ڦھلائي،

اُنن جا وڳ ڪنارن تي،
پريان هُو چندُ پيو اُپري، اُنهيءَ سان ڪيرُ ڳالهائي؟

سَنهو ٽاڪو سُئيءَ جو جڙ، پرن ٽا پرتُ پاريهر،
ٽڏيري ٽر جي واريءَ تي، ڪنيو ڪر آهِ ڪاريهر،
ڀ مُهراٽي مٽان مورن،
پرن ۾ سج ڪي سانيي،
بَڌي آ جُهڙ سندي جهالر.

رُئن ٽا رڙ مٽان تارا، پوي ٽي ماڪ پونڻ تي،
سڏن ٽا سُجَ جا سُڏڪا، رُلي ٽي رُجَ رستن تي،
پکيڙن پاند ٽيون پنهنجا، ڪجل جي ريک ري راتيون.

اُپي گورک سندي چوٽي،
ٽئي جيئن برفباري ٽي، وجهي ململ جي پوتي ڀ
لکيءَ جي لال سانجهيءَ ۾، ٽئي روپوش ٽو سُورجُ،
هٽي جڙ ڏنڊ پيو ڏاڙو .

سکر ڪنهن گُل جان وهنجي، سُڳندي ماڪ موتين سان،
ٽڙي پئي روهڙي هر پل چنبيليءَ، رات راٽيءَ جان،
اکين ۾ عڪس بيڪس جي، ڪنعيو ڪنهن ڪهاٽيءَ جان،

پرين پرديس ۾ تون آن!
ڪهڙ جي مَڪَ سان مهڪي،ٽِڙيو هي ديس سارو آ.

# دار جي جهروکي مان

لمحي لمحي جي پيڙا ۾،
مُنهنجو سَتُ سُکو ئي ناهي،
سِرَ جي سوڙهيءَ سرکڻ کان هِي،
جاننو جيءُ ڏنو ئي ناهي!

هُو سڏُ ڪري پيو ڪالاڻي،
ڏِسُ مون کي اوچي تختي تان،
ڀ ويڙهي مُرڪ ڪٽوريءَ ۾،
ٿو آڇي دار جهروکي مان!

ٿي راکي رات ٻَڌي مون کي،
ڀ ڳاڙهو تِلڪُ لڳائي ٿي،
هُوءَ ڪيئي لُڙڪ ستارن جا،
جڙ پنبڻين ۾ اٽڪائي ٿي.

ڀ ڪوليءَ ۾ هُو چندرما،
پيو پير ڪڑين کي ڪولي ٿو،

مشڪُوڪ هوائن ۾ مون لئ،
ڪيئن جلادن کي ڇُولي ٿو.

ءِ مون کي ٻهر اُماڻي اڇ!
ڏِسُ رستو پار اُڪاري ٿو!
هُو ڦرهو ڦاهيءَ گهات ڏَسي،
ءِ بينو دُور نهاري ٿو!

# احساس جي اڪيلائي

خاموشيءَ جو ڇاڻي پَن پَن،
ڪاري ڪوئل ڪُوڪي بَن بَن.

وڻ وڻ هيٺان ڇائون ڇاپي،
ڪُوڪَ هوا سان پنهنجي ماپي،
ٿوڻُ مندن ۾ ٿاري تَن مَن۔
ڪاري ڪوئل ڪُوڪي بَن بَن.

ڪارا پکَ تتيءَ ۾ تنهنجا،
رنگ نہ رنگريزڻ جا اهڙا،
ڪاڏي مات سمورن رنگن۔
ڪاري ڪوئل ڪُوڪي بَن بَن.

راڳ رسيلا سرگم ڇيڙي،
آلاپي ٽي ننڍ اُکيڙي،
ٻول سماواتيءَ ۾ ٻهڪن۔
ڪاري ڪوئل ڪُوڪي بَن بَن.

ساري ڌرتي سبز وچاڻو،
اُپ اکين ۾، ٻانهن وهاڻو،
خوابن مان جاڳايو جذبن۔
ڪاري ڪوئل ڪُوڪي بَن بَن!

تون ٻہ اکيلي، مان ٻہ اکيلو،
ساڻ نہ ڪنهن جو هيڪل ويلو،
جيون کي ڇڻ ڳوهيو ڳوڙهن۔
ڪاري ڪوئل ڪُوڪي بَن بَن.

ملون نقابَ ۽ سارا حجابَ لاهي ڪيئن؟
ڏسون تہ چند جي پُوري تراشَ آهي ڪيئن؟

حسين جسم کي ڪهڙي لباسَ جي ڇولا؟
ڇِتائي چند جي اوجل اُماس چاهي ڪيئن؟

فرار خواب جو آهي فريب ۾ رِل مِل،
اَگهور نند جي ديوار ڪيرُ ڏاهي ڪيئن؟

حيات موت جي قبضي منجهان نہ ڇي نڪري،
نِڪور جسم ڀلا سنگتراشُ ڏاهي ڪيئن؟

رڪيبُ پيرَ قبولي نہ ڇو ڪَچا ڪڏهين،
اَڙل وڇيرو هوا جو وجون بہ ڪاهي ڪيئن؟

خيالُ سرمدي پنهنجو، لِباسُ منصوري،
صليبِ عشق تان احمد کي لوڪُ لاهي ڪيئن؟

سارو عالم سُمهي رهيو آهي،
ديپُ تنها ٻَري رهيو آهي.

ساڀيائن سواءِ هر سپنو،
وقت کان اڳ مري رهيو آهي.

برفَ ايمانَ تي جمي وئي آ،
ءِ خُدا ڀي ڏري رهيو آهي.

تنهنجي آواز جو پڙاڏو ٿي،
سڏُ واپس وري رهيو آهي.

پنکَ پنهنجا پکيڙي رات،
ڇا تہ موتي ٽِي ميڙي رات.

سانت – مالها ٽُٽِي پوندي،
ٽِي ستارن کي ڇيڙي رات!

ڇارکيءَ جي هوا ۾ پئي،
سانگ تولئ سَهيڙي رات!

چنڊ ـ ڪشتي وڃي ڪاڏي!
سمندُ کارو ٽِي ڪيڙي رات.

تون ٻہ ايندين ڪڏهن اُپري،
سڄ! توسان ٽِي جهيڙي رات.

پياسا پياسا چپَ_
ڪير اُجهائي اُجَ ڪي.

ڪنگرين ۾ او ڪامڻي!
ناهي پاڻيءَ لپَ_
ڪير اُجهائي اُجَ ڪي.

رڻُ رڙي ٿو روح ۾،
ڪهڙي ساهَ سَهپَ_
ڪيراُجهاڻي اُجَ ڪي!

سيئي گهايل گهاگهريون،
تانگهي تاسَ تڙپَ_
ڪير اُجهائي اُجَ ڪي.

ڳل تان ڳوڙهن جي اچي،
ڪريو پاڻ ڳٽپَ_
ڪير اُجهائي اُجَ ڪي.

# دل جي ويراني

شهر ڪنهن مينهن جهڙي ۾،
ڪليسا گهندڙ سان گُهلندو،
هوا جو آ پُڳو جهوٺڪو،
اڪيلائي ڊگهو رستو،
مليو آ ماڻ کي موقعو.

گهرن جون سپ ڪليل دريون،
ڪليل آ هر ڪو دروازو،
ٻئي کي ڇا خبر پوندي،
ڪليل آ دل جي ويراني،
مهانگو عشق جو سودو.

صبح جو روپُ بادامي،
رهي ٿو روز ڪوهيڙو،
نظر ۾ هڪ ندي آهي،
پکي رهواڪ پاڻيءَ جا،
ڏسن ڪيئن اُسَ ۽ تِڑِکو.

سڄي ماحول ۾ پيدل،
گُهمي هڪڙو مسافر ٿو،
سفر جو زخم تازو آ،
سَهي ايذاءَ ٿو ڪيڏا،
ڪُڇي پر هُو نہ ڪافر ٿو.

# جنم جنم جي پياسي دنيا

سُک-سپني جو سندر پاڇو،
مرڪ لڙڪ جو گاڏڙ پاڻي-
جيون آهي!

سانجهي سَهڙي، ڀڳتڙ پانيو،
ڪَلسُ مندر جو جَڳُ مَڳُ جَڳُ مَڳُ-
تارو آهي!

شڪتيءَ آنند، من مُڪتيءَ لئہ،
جنم جنم کان ڪيڏي پياسي-
دنيا آهي!

شِوَ جي مندر ۾ خاموشي،
هر دروازي آڏو دل جو-
دريا آهي!

# ماڏو لال حسين

من جي اوندھ گھٽجي ويندئي، جرڪي پوندئي خوابَ،
ڪڙ ڪڙ ھڻ ترين تي ڏيئا، سوچ نہ ڪجھ ويچارا!
چند تنھنجي پيشاني چُمندو، روشن ٿيندئي نيڙ،
ماڏو لال حسين دُئاري، ميڙ بتين کي ٻارا!

# اڄ رات مان ٿو چاهيان

توسان ملي محسوس ٿو مون کي ٿئي،
ڪا هٿڪڙي منهنجي ڪَرائيءَ ۾ وجي ٿي ٺهڪندي،
دل تي، اکين تي، خواهشن ۽ آرزُن تي وَسُ هلي منهنجو نہ ٿو،
۽ زندگي جڻ جارَ ۾ هر پل وجي ٽِي ڦاسندي!
اڄ رات ايَ تي ڪي ڪڪر ڇانيا وسڻ جي ويسَ ۾،
هن پيار جي برسات ۾ تون مان اُجارا ڇو رهون؟

اڄ رات مان ٿو چاهيان،
تنهنجي اکين جي مڌ ڪتورين مان پيئڻ،
تفصيل سان تنهنجي بدن محبوب کي هٿ سان ڇُهڻ!

اڄ رات مان ٿو چاهيان،
تنهنجي ڇنبيليءَ ول جهڙيءَ ڇيلهه تي چونڊ ڏسڻ،
ڇاتيءَ مٿان سونن خزانن کي لُٽڻ،
آگر رکي تِـرُ تِـرُ ڀڳڻ،
۽ ساهه ۾ سانڍي رکڻ،
مدهوش ٿي تنهنجي جواني‌ءَ کي چُمڻ!

اڄ رات مان ٿو چاهيان،
توکان پُڇان:
ڪنهن جي ڇئي ۾ عشق ڪافر ٿو رهي؟

گھوڙو ٻلو، اَلياڻ تنھن کي کيئن ڏجي؟
جذبات ۽ جوپن جھلي ڏَسُ ڪيستائين،
پاڻ کي ايئن روڪجي؟
هيءُ آبشارن ۽ ندين جو سِرُ سموندن ۾ سَٽڻ،
اوڙاھ مان اُپڙي سِپن جو ابَر- بُوندن کي جھٽڻ،
ڪنھن چندَ ڏي اُپ ۾ چڪورن جو اُڏڻ،
۽ مور جون نالون سُٽي ڪنھن ڪورَ تي،
ڪنھن ڊيل جو پَرُ پَرُ پَکيڙي،
مينھن ۾ ۽ نينھن ۾ نچندو رھڻ،
هي سڄ جون سارنگَ منجھان ساکون ڪٽڻ،
۽ اُپَ تي بادل چُنيءَ جي ڇِتَ وانگر کي ڇِٽڻ،
هي پوپٽن جو گل مٽان شبنم سان اکڙين کي ڏوئڻ،
خوشبو مٽان ٻَلھارجڻ،
روڪي نہ سگھندو ڪير فطرت جي انھيءَ ميلاپ کي!

اڄ رات مان ٿو چاھيان،
ڪو گيت تنھنجي سونھن سوپيا تي لِکان!
ڪو انت ڪونھي سونھن جو،
ڪا سونھن ٿي ڪنھن وٽ اگھي.
مون کان پُڇين ٿي سڄ جو جي مامرو،
دل ٿي چوي،
تنھنجي گھٽيءَ کان ڪاڪ ۽
توکان نہ آ مومل مٽي،
توسان ملي محسوس ٿو مون کي ٿئي!

ندي‌ءَ ڪناري، جهنگل پاس،
رات سرءُ جي چنڊُ اداس.

چانڊوڪي‌ءَ ۾ ڇاٽي پَنَ،
وڻ وڻ لاڙو زردُ لباس.

لُڙڪ سُڪا ۽ دل ۾ پوءِ،
جاڳيو سَتَ رنگو احساس.

پياسي خيمي تي ڪلهه ڪان،
خالي ڪنِوي گجي آڪاس.

آيو آڏي‌ءَ ويرِ لهي،
پيالي پيالي پورنماس!

شڪنتلا جون شڪليون ڪوڙ،
ها پر ڪونهي ڪاليداس!

ماڻين تو نہ ڄمار۔
جاني جُواني ۾ وئين!

تنهنجا جوپن رُت سان،
ڪيئي قول قرار۔
جاني جُواني ۾ وئين!

جيڏا! ڪيڏا جوڙيئ،
سپنن جا سنسار۔
جاني جُواني ۾ وئين!

آگم آگم اکڙيون،
وسن ويروتار۔
جاني جُواني ۾ وئين!

# درد جي لهر

ڪشتين چيري ورهايو سمنڊ کي،
مون ڏٺو پاڻي پري تائين رڳو،
هر پکيءَ جي هئي حصي ۾ ڪا اُڏار،
تون نہ هئينءَ منهنجو ڪٽي ساحل هُئو!

ڏور هُو مضبوط ٻيڙيون جن مٿان،
سِڙهَ اُڏاٽا ٽي هوا ۾ بيشمار،
ڪنهن گهڙيءَ آئينءَ، وري موٽي وئينءَ،
تو ته لهرن جئن ڪيو مون سان پيار!

ڇ پکي سانجهيءَ اُڏاٽا ٻيٽَ تان،
ٽي اُٽت پَرڙن سان ناسي اُيَ جي،
جارَ اوندهه جا جڏهن ويا ڦهلجي،
سمندَ سُڏڪي هيئن چيو: ڪنهن جو ته ٽي.

هير هندورو، ڪينجهر ڪَپَ،
چندُ چُمي پيو، نوريءَ چَپَ.

سِپَ ۾ موتي ٿا سِپجن،
من ۾ سرجي، تانگهه تڙپَ.

تنهنجي اهڙي نيڻَ نهارَ،
جهڙي جهرڪيءَ بازَ جهڙپَ.

مون کي ويڻا روز ڳَکين،
تنهنجي ساروٽين جا سَپَ.

تو وٽ مهنگا موتي کوڙ،
مون وٽ آ لڙڪن جي لَپَ.

سنڌ سڄي آ نيزي پاند،
دلبر ڪهڙا دِڇَ ۽ ڏَپَ!

# زندان جو زهر

رات ڪٽيائون اوجاڳن ۾،
گهايل قيدي پيڙ پَهن ۾،
گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ لوهَ ڪڙيءَ ۾،
زهر ڏنا زندانن۔
زنجيرون ٽيون چٽڪن.

پير ڪڙيون ۽ سِيءَ سياڪا،
لوهي سيخون واءَ وراڪا،
چنڊ جهروڪا بند ڪيا پر،
پوءِ ب ٽاٽا ٽڙڪن۔
زنجيرون ٽيون چٽڪن.

تختي ڏي ڪي پير وڌن ٿا،
قاسيءَ تي ڪي ڳاڻ نچن ٿا،
تارا نڪتل گهوٽن ڪي آ،
نند سُمهاريو تختن۔
زنجيرون ٽيون چٽڪن.

بُرج هوا جي سامهون آهن،
هي ديوارون ڇا ٽيون چاهن،
نيٺ پکي پڃرن مان نڪري،
ويندا سڀ واهيرن۔
زنجيرون ٽيون چٽڪن.

# زَرتشتي چوڪري

روزُ ڪنهن جي تون پرستش ٿي ڪرين،
باھ جي ويجھو وڃي او جل-پَري!
مون ۾ شعلو ھڪ مسلسل ٿو ٻَري،
آءُ، مون ڏي زَرتشتي چوڪري!

ڪو ٿڏو لمحو نہ مون مان ٿو لنگھي،
۾ نہ ڪوئي چاندنيءَ جو آبشار،
چند ناھي نينھن جي نگريءَ مٿان،
رات ڪاري چؤطرف آ بيڪنار!

مان نديءَ جو وھڪرو، تون جانِ من،
وڻ ڪناري جي مٿان شھتوت جو!
چَپَ تنھنجا گُل مھر جا گُل ڇڻ،
رنگُ جن تي ڇڻ ته آ ياقوت جو.

آ، رَکِي وڃُ روح منھنجي ۾ رڳو،
آشتيءَ ۾ سُکَ آنند جو گلابُ،
بيقراريءَ کي اڇي تون باھ ڏي،
پُوڄ منھنجي دلبري ٿئي لاجوابُ!

لِگ مھڻي، اک مڻين ٽي ساحرا !
اوچتو ڪاڏي ھڻين ٽي ساحرا !

عڪسَ يا عريانين جا اولڙا،
آئينن ۾ ڇا لڻين ٽي ساحرا !

آ بدن تي بُوندَ هيري جي مثال،
ڪيترا موتي جھڻين ٽي ساحرا !

سوني ڇاتيءَ تي ٻَڌي ڳاڙھو ٽوال،
وارَ تون آلا وڻين ٽي ساحرا !

پنکَ طاقتور، هوائن کي ڏئي،
پوپٽن جا پَر پَڻين ٽي ساحرا !

نفرتن تي تو رکيو لاهي لباسُ،
ساڻ کي کاڻي سڀين ڏي ساحرا !

رات جو اڻ ڄاڻ اکڙين ۾ لهي،
کاڻ خوابن جي کڻين ڏي ساحرا !

وقت پنهنجا وڻ سپئي ڇانگي ڇڏيا،
ڏار تون کهڙا کڻين ڏي ساحرا !

# نئون گھاٽ!

رکيون سين دلين جون هزارين طمعائون،
قبوليون زماني نہ پنهنجون ڪتائون،
"هوائون هندورا اسان لئہ نہ بٹيون،
گھٹيون ئي گھرن تي گجيون ڪي گھتائون"
ءِ عُريانين جا رڳو خوابَ لھندي،
ڪپاهين بدن کي تراشيو نگاهن،
سدا دل هي پنهنجي رهي طور سينا،
جتي نور نرمل پکيڙيو نگاهن،
ءِ ساحل سمندر پکين جون اُڏارون،
قطارون وٽن جون نگر جون نھارون،
ءِ پلکن ڪناري کي شامون سُنھريون،
لُٽايون جوانيءَ انھن ۾ بھارون،
ءِ نايابَ گھرِيءَ آڇوتي چُميءَ سان،
جوان جسم جا ڪي ٿيا راز افشان،
رهي ڪين ڪائي بہ محدود حد ۾،
اسان ئي اورانگھيو مڪان لامڪان کي،

زهر منجهه ڏوتل کي سونا ڪٽورا،
فريبي ادائن ڏنا کي اسان کي!
وري ڪوئي سُقراط ويو نيڻَ ٻُوٽي،
ڪئي سنگباري زماني اسان تي!
وري ڪن ونين جا ٻنا نيڻَ نرگس،
سَدن جا کي ساندهه ڏيئا تيل ٻاري،
ڪيو تن اُجالو انڌيرن ۾ جاڳي،
ڪليون چار پنهنجي چُني ۾ ٻَڌي کي،
تِکي تِن ويچارين رڳو ڏوڙ ڏرتي،
ڪٽان ڪوبہ گوتم نہ عيسيٰ وريو ڪو،
ڪٽان نوح ٻيڙو، نہ موسيٰ وريو ڪو،
وري ڪنهن گِرهڻ ۾ ٽيو چندُ قابو،
سلاسل ۾ سارا ستارا سُمهي پيا،
وري ڏاگهه تي ڪا چڙهي آ ڏاڪڙ،
ستيءَ جا پَويتر، ٽيا چاڪ پردا،
۽ ٽاٽن تي جاڙن ۾رن سان جوانيون،
زناڪار ديدن جي گهيرن ۾ گهيريون.
وري ڪربلا جون ڪُنيون کي ڪنيزون،
اُڏاٽيون رِدائون، ڪکر جي نموني،
اجهن کي اُماڙيون ڏنيون ڪنهن اچانڪ،
لڙي شام آئي قهر جي نموني،
وري دارَ جا کي، ڪُلي پيا جهروڪا،
ٽيا گهوٽَ گهوڙا، رڻ جا مسافر،
سِسين جي سِرن تي، ڪٽي ڪوٽ اوچا،
ديارِ حسن جي اڏي تن عمارت،
ڪٽي سُرخ سُرخي، ڪٽي رنگ گهرو،

ڪٽي زلف سرڪش، ڪي وڪريا هوا ۾،
گناهن جي بارش، وُٺي ايتري جو،
دلين جا وري داغ ڏوپيا، گهٽا ۾،
۽ اوير جي نئين 'جُون آرڪ' آ جاڳي،
مُهن جي ڏڙي جي دراوڙ نياڻي،
انهيءَ جي هڪل سان ويون ڪيئي لرزي،
ڪٽي مسندون ۽ ڪٽي تخت گاهون،
۽ ارضِ وطن جا سمورا انڌيرا،
مُهابي انهيءَ جي ٿيا سپ مُنور،
صداقت سندا ڪي سفينا سنباهي،
ڪيو جنهن ستارن منجهان ڪو سفر آ،
۽ مُفلس گهرن جي، اُجهاڻيل بتين ۾،
نڪي روشنائي، نہ بُکَ جو ازالو،
هي غربت جي دوزخ ۾ سڙيل مهاندا،
اگهاڙپ جنين جي، ڏڪي ڪين انبر،
انهن جي سَترُ لاءِ ستار هوءَ آ،
خدا جي جهان ۾ گنهگار چهرا،
انهن لاءِ آٿتُ ۽ آڌار هوءَ آ،
اُنهيءَ جي اورانگهيو اڙانگن تڙن ڪي،
پُڌيءَ جي بہ دانهنِ سندو دادُ ٿيندو،
لُڙهيا ونجهَ ڪشتيون، ڪنارا جي ٻيهر،
نئون گهاٽُ ڪو، نيٺ ايجادُ ٿيندو.

سنڌڙي تنهنجو نانءُ!
مان ڪيئن ميٽيان من تان!

وڃينءَ ويلي پيو لَنوي،
ڪنڌيءَ مٿان ڪانءُ۔
سنڌڙي تنهنجو نانءُ!
مان ڪيئن ميٽيان من تان!

پونءِ پلاري پالوا،
ٽاريليءَ ٽِرٽانءُ۔
سنڌڙي تنهنجو نانءُ!
مان ڪيئن ميٽيان من تان،

بَنِ پراوا ديسڙا،
هِرڪي تو لئ هانءُ۔
سنڌڙي تنهنجو نانءُ!
مان ڪيئن ميٽيان من تان!

نادان محبت آ،
اڄ رات قيامت آ.

پٽرن جو شهر آهي،
شيشن ۾ بغاوت آ.

هيءَ ڏوڙ نگاهن جي،
منزل جي مسافت آ.

متيءَ ۾ خُدا ڳوليون،
معصوم شرارت آ.

هر وقت جي وحشت ۾،
هن درد جي راحت آ.

خاموشُ اڪيلائي!
روحن جي رياضت آ.

شهرت ۾ حقيقت ۾،
ڪنهن خواب جي صورت آ.

احمد نہ رهيو احمد،
پر درد سلامت آ.

# پيار سوا ڪجھ ناهي!

دُور رهين ٿي:
ڪُجھ نہ پُڇين ٿي،
مُنھنجي سپنن جي سندرتا!

جيئن ڏرتي،
بي انت سمندر،
جھنگل ۽ بَر،
جوڙ، جبل، جنسار سوا ڪُجھ ناهي؛

جيئَن اُپ اوجل،
چنڊ ستاري،
ڪنھن ٻہ پرندي،
پوري بادل،
سِجَ۔ اُپار سوا ڪُجھ ناهي؛

جيئَن ڪو شھرُ،
شھر – پناھَ سوا ۽
گھرُ ديوار سوا ڪُجھ ناهي؛

اِئن هيءُ خالي
اُجڙيل جيون،
تُنھنجي پيار سوا ڪُجھ ناهي!!

خوابَ نگر جا نقشا کُلندا،
بند دريون دروازا کُلندا.

چانديءَ اُس ۾ ڳاڙهي گُل تي،
پوپٽُ پوپٽُ لمحا کُلندا.

سمنڊُ اُڏامي دل ۾ لهندو،
اکڙين منجهه ڪنارا کُلندا.

ياد ملائم مخمل جهڙي،
سوچ-پَڌر تي تاڪيا کُلندا.

تنهنجي سُلجهيل وارن وانگي،
اُلجهيل سارا لمحا کُلندا.

هر ٻُکيو کا هَڙَ کوليندو،
هر هَڙَ مان ڪئين فاقا کُلندا.

رستن مان ويا رستا ملندا،
کوڙ اجا ٻيا رستا کُلندا.

هر ڀيري کو پَتو کلندو،
راڻيون، گولا، باشا کُلندا.

نند ۾ تون ئي رنگ ڀريندينءَ!
بند اکين ۾ سپنا کُلندا.

تنهنجي هڪڙي سجدي خاطر،
کيئي دل جا کعبا کُلندا.

# سفر جي اڪيلائي

ڪيئن دريءَ مان سُڃاپجي ڪنهن کان،
چهرو ڏنڏلو نہ ڪي ڇِتو آهي،
ريل جيئن اسٽيشن وٽان گُذري،
دردُ جِهمپير ۾ لٿو آهي!

هي مصور نہ چند چوٽينءَ جو،
سانجَهه جي هر لڪيرَ آ آڏي،
ڀ لهي اُپ ڪجيءَ ڪجيءَ تي ٽوڻ،
يا رکي ٽو زمينَ تي ڪاڏي.

دل مسافر رهي سفر ۾ ٿي،
روزُ رولاڪَ جو رکي رايو!
زندگيءَ جي ڳلي ڳلي ڳولي،
ڪيرُ وستيءَ اندر ائين آيو!

ڪنهن، اڪيلي اداس ماڻهوءَ کي،
بينچَ تنها متي ڏٺو آهي؟
جنهن بدن کي رکيو ڇڏيءَ هيڪان،
روح ۾ ڪيترو ڀِنو آهي!

سورَ جي ماپَ ڪنهن وَڌِي آهي،
گهاوَ گهرا نہ ڪنهن ڪڇيا آهن،
زهر خاموشُ ٿو وڃي لهندو،
پيارَ ئي پيرَ هي ڪَکيا آهن!

# سچُ ۽ ڪوڙُ

سچ سوا هيءَ دنيا ساري،
ڪوڙ سندي ڦاهي تي چڙهندي،
ڪيسين پنهنجي جيون مايا،
پيلي جي پارڻ ۾ پرندي.

سچ جي سندرتا جو سپنو،
ساڀيائن کان دور رهي ٿو،
پنهنجي ڏرتيءَ سرتيءَ واتان،
سچ جون سُهمون روز سَهي ٿو!

سچُ جا ڪيئي تاجِي پيٽا،
ڪوڙ انڌيرا آهي اُٽندو،
جيسين ڪوڙ نہ ڦاهي چڙهندو،
سچ سان سينو پيو ساهيندو.

سچ صليبن تي ٿو سنيري،
ڪوڙ جي ڪُک ۾ ڪاني آهي،
جيڪو سچ کي ٿو ساجاهي،
سو تہ ڳچيءَ جي ڳاني آهي.

# ڪربلا!

**اکين ۾ ڪنهن لِکي تنهنجي، رڳو شامِ غريبان آ،**
**ڳلن تي هيءَ سُرخيءَ سان، لِکي ڪنهن ڪربلا آهي.**

چو فقير جو ڪِشتو، اڄ پَريل نہ خالي آ،
مرڪ هُن جي مُک تي ۽ اک سندس جُهڙالي آ.

ڪجهہ ڦيا ستارن جا، چند جي سَڄِي مانيِ،
هُن ۾ِني ۾ِني سڀ کان، ڪائنات پالي آ.

نانگ نَر وَڄائي ٿو، مُرليون نچائي ٿو،
نانگراجَ اهڙي ڪا، ڦوڪَ جڙ سنيالي آ.

عشق جي اميريءَ کي، دل غريب ڇا ٻُڌندي؟
خيرپور ۾ هاڻي ڪو، ميرُ آ، نہ بالي آ.

هنجَ تون تَري اچجان، واءَ سان وَري اچجان،
اک سفيدُ گُل گُل جِي، آرزوءَ ۾ آلي آ.

هُو لکيءَ- هندوري ۾، گُل تَريو ڪَتوري ۾،
سنڌ جي سَويري ۾، لال! تنهنجي لالي آ.

ڪير ٿو ڇيڙي رکي ايئن هر گَهڙِي،
درد جي دل ۾ قديمي سِمفني؟

ريشمي اوندهه ڪڙي ٽِي خواب ۾،
آ انڌيرن سان رهي وابستگي.

اک جي پردي ۾ ڇُپي ڇڻ ڪو ڪندو،
ايترو ايذاءُ بخشي روشني!

صحن جو احساسُ پنهنجو ٿو رهي،
ءِ فليٽن جي الڳ آ زندگي.

ڇڻ ڪنول جي پاڙَ وانگي ٽي لهي،
روح جي پاتال تائين عاشقي!

موت بابت رات سوچي جيئن سُتِي،
خواب ۾ جاڳِي ڪئي هُن خودڪُشي.

ڏينهن جو اوڍيل غلافن ۾ رهي،
رات جو عريانُ گهر جي مورتي.

دوستيءَ مصروف مون کي آ رکيو،
ڪيئن سنپاليان آءٌ تنهنجي دشمني!

# نازل ٿيل ڇوڪريءَ جي ڪٿا!

دل جي حديث جهڙي،
هڪ ڇوڪري پڙهي مون،
جڏ طور نور-ورني،
ڪا روشني پڙهي مون!

هُن ساڻ هُئي خُدائي،
ڪهڙي خُدا کي چاهيان،
پنهنجي جُڙيل متيءَ مان،
ڪهڙيءَ حوا کي چاهيان.

دل آئيني جو اوجل،
شادابُ اولڙو هُئي،
آواز هئي صدين جو،
الهام، معجزو هئي.

هُن جي لٽي محبت،
دل تي نزول وانگي،
چاهيو، چُميو مون کيڏو،
هُن کي رسول وانگي!

مکڙي ٽِڙي پوڻ کي، فراموش ڪيئن ڪجي؟
ڀ تنهنجي گُل ٽيڻ کي، فراموش ڪيئن ڪجي؟

تون ئي سراب خواب جو، ساگر شباب جو،
هن جوڙَ جي جُڙڻ کي، فراموش ڪيئن ڪجي؟

تنهنجي بدن تي آ لَٽِي، جوڀن جي رت بسنت،
اک جي ڳَڪورجڻ کي، فراموش ڪيئن ڪجي؟

آ عاشقيءَ عجيبُ ڏني سُرت سوچَ کي،
هن لوچَ ڀ لُڇڻ کي، فراموش ڪيئن ڪجي؟

آوارا لُڙڪَ، زردُ پنن جان اکيون ڇٽيون،
دل جي اُداسُپَڻ کي، فراموش ڪيئن ڪجي؟

احمد نظرانداز ُ کو ڪنهن کي ڪري بہ پر،
فنڪارَ جي هڻڻ کي، فراموش ڪيئن ڪجي؟

# اوپر جي آرسي

رات جي منحوسُ ۽ ڪاري هوا،
شهر جي روشن ڏيئن کي؛
ٿِي وکوڙيندي رهي.
ٻوڙنائن جي سفر جا پيچرا،
پيرَ پنهنجا؛
جڙ ڇَٽيندا ٿا رهن!
وقت جا پاليل ڪُتا،
ديوتائن، انبيائن،
شاعرن، صوفين ۽ سنتن جي متي،
روزُ ڪوٽيندا رهن ٿا،
۽ ٿا ڪُترينداَ رهن،
قيمتي زربفت جهڙي ديسَ جون،

چارئي ڪنڊون!
ڪاهِ سورجَ، چندَ جيڪي،
هُئا ڦُٽا اوپر منجهان،
اڄ انهن جي روشني ۾ چاندني ممنوع آهِ،
فڪر کي ٻئي دور جو رائج سِڪو سمجهي ڪري،
ڇڙ عجائب گهر اندر تشهير لئہ سانڊيو ويو،
ڇاڙ ڇڙ ڪوريڙي جي ڇارَ ۾ ڦاٽي پئي آ،
وقت جي اپياس بابت،
ڪنهن ٻہ پنهنجيءَ ڪوجنا کي ڪو نہ ٿو ليکيو وجي!
شاعري،
انمول تحفو،
گفتگوءَ جو،
ڪو صحيفو،
ڏوڙ وانگي ڇڙ تہ ڏرتيءَ تي لٿو،
ڪوڙ سان ميٽيو وجي ٿو،
سچ جو ڇهرو سڃو.

سنگ تراشي پٿرن ۾ اڄ رهي روپوشُ ٿي،
آگريون فنڪار جون پڙ،
برف وانگي ويون ڄمي،
سچ اجنتا ۽ اِلورا منجهہ ڳولينڊو ٻہ ڪيرُ؟
ڪامَ جو، مندر جي اندر ڪيرُ ڳولينڊو ٻہ پيرُ؟

رقصُ گهايل،
زندگيءَ جي چور دروازن اندر،
هر نظر ڪان بي نيازُ،

هر خبر کان بي خبر،

چِترڪاريءَ منجھ ليکيل ڪا لکيرَ،
ڪو تصّور سوچ جي تجريد جو،
بُرش جي خاموش ڪنھن گفتار سان،
فن نَقاشي جي وسيع معنيٰ اندر،
پنھنجي خنجر سان ڪري ٿو خودڪُشي!
ملڪ اولھ جا سيئي،
اوپر تي مڇريا ٿا گھُمن،
دشمنيءَ جي دائمي آڑاھ ھينان،
ڪيتريون ڏرتيون سَڙن.
پو بہ دنيا جي ڏڪاٽيل،
دُور ھڪڙيءَ ڪُندَ ۾،
آشتيءَ ۽ امن جو اھجاڻ بڻجي،
ڪالھ وانگي،
اڄ بہ آھي،
سنڌ بيني!
اڄ بہ آھي،
سنڌ بيني،
سنڌ بيني!

هن خواب جِي ڪَنارَ ڪٿي آ،
اي پيارا! هيءَ پُڪارَ ڪٿي آ.

هڪ زندگي تلاش ۾ گُذري،
ٻي خواهشو! ڄمارَ ڪٿي آ.

هر رات ريگزار لتاڙي،
هن چنڊ کي مهارَ ڪٿي آ.

مون موت تنهنجي ڇانوَ قبولي،
تارونءَ مٿان ترارَ ڪٿي آ.

بازيگريءَ کي عشق ٿو ڄاڻي،
ڪنهن دل جي جيت هارَ ڪٿي آ.

ڪجهه ماڪَ، لُڙَ رات رکي ٿي،
پر ڏينهن کي نهارَ ڪٿي آ.

آ زندگيءَ صليب سجايو،
ڪا موت تي ميارَ ڪٿي آ.

اي آسمانَ! هر ڪو پَري پَر،
احمد جيان اُڏارَ ڪٿي آ.

# لهين ٿي خواب تون جڏهين!

لهين ٿي خواب تون جڏهين!
سمندر تنهنجي اکڙين مان، نشا ٿو نند جا ٽوڙي،
پکيئڙا غيرملکي سپ،
اُڏارن ۾ پَري اُپَ کي،
سمورن جاڳ جي نيرن جزيرن ڏي،
وجن ٿا جڙ ونڊي توکي!

لهين ٿي خواب تون جڏهين!
انڌيرن منجهه ٽاندااٽا،
لکيرون روشنيءَ جون ٿي،
سوين رستا وڃائن ٿا،
اُجالن ۾ سُهاين جا،نوان نقشا وڃائن ٿا!
لهين ٿي خواب تون جڏهين!
وڃايل رات جون راهون،
ملن ٿيون جڙ مسافر کي.

لهين ٿي خواب تون جڏهين!
وسائي چندُ ٿو ڪشڪول مان جڙ سون جو پاڻي،
ستارا رڙ کي پارائن، مڙهي کي مُرڪ مالهائون،
ڏئي ڏرتيءَ کي پيٽا ٽي، ڪتي آڪاس مان نِوڙي،
اُپا ٽيڙو ڪڙن منزل مٽان جڙ قول وانگي ٿا!

لهين ٿي خواب تون جڏهين!
سچن سپنن جي ساڃيا لئہ،
ننڊاکا نيٹ جاڳن ٿا.

لهين ٿي خواب تون جڏهين!
وٽن جا ککَ پَنَ سارا، اَڏن ٿا ڪيئي آکيرا،
اجاڳر ٿا ٿين سيئي، ڏنڊلکن ۾ لکل ديرا،
لهين ٿي خواب تون جڏهين!
چڑهن ٿا سج سونا ۽ لهون ٿا واٽ جا پيرا.

لهين ٿي خواب تون جڏهين!
اُسن ۾ چانوَ جا چاپا،
چُرن ٿيون سوچ جون چوريون،
رکن ٿيون ٽِڪَ ٽاکي ۽ مڑهن ٿيون ماڳ جا موتي.
لهين ٿي خواب تون جڏهين!
سمورا ريشمي ڏورا،
پرن ٿا پرت ڪشميرا!

لهين ٿي خواب تون جڏهين!
ندي ميرانجهڑي تنها،
وهي ٿي ڳوٺ جي پرسان،
سڑهن سان سانوٽيءَ جو ساڃيو ئي سنگ ڪو آهي،
اُبهرا ساهه اُلکي ۾ رسيلو رنگ ڪو آهي،
لهين ٿي خواب تون جڏهين!
منيِ! محبوب موسم جو،
اڇو تو انگ ڪو آهي!

لهين ٿي خواب تون جڏهين!

اُگھاڙو اپ وڃي ڏکجي ٿو ککرن سان،
وجھي ٽي وڃُ ونگ ونگ ۽ وسي ٿو مينھن ڇمرن مان،
نچي ٿو مور ڇپرن تي،
پُري ٿو واءُ پورب کان!
لھين ٽي خواب تون جڏھين!
انوکا رنگ انڊلٽ جا،
الڳ آکاس ڳولن ٿا.

لھين ٽي خواب تون جڏھين!
گسن کي گاھ ويڙھن ٿا،
نھارُن ۾ لھن ٽيون ساوکون سيئي،
جِھمن ٿا جُھڙ جھنگن تي ۽ ٻُرن ٿا ٻول ٻيلن ۾،
جھونگارن گيت ٽيون جھرکيون.

لھين ٽي خواب تون جڏھين!
ھوا کان پير ساھڻ ٿا وڃن وسري،
لُڇي ٽي ڪوڪ تي ڪوئل،
ڏڃي ٿو شور کان جھرڻو،
لھين ٽي خواب تون جڏھين!
ڏسي ڪو عکس پاڻيءَ ۾،
وڃن شرمائجي ڪرٽا ٿا سانجھيءَ جو!

لھين ٽي خواب تون جڏھين!
اجايون ٽيون لڳن لوليون،
ننڊن جا وھکرا وترا، نماڻا نيٽ پيا روليون،
لھين ٽي خواب تون جڏھين!
اسان ٿا نند کي ڳوليون!

لهين ٿي خواب تون جڏهين!
متي ٿي مُشڪ سان مهڪي،
پوي ٿي ماڪ مُکڙين تي،
پنيءَ جو پنوڙ ۾ پوپٽ،
ڳلين ۾ بند خوشبوءَ جا سمورا دُئار کولن ٿا،
سيئي جوڙون، سيئي جنسار کولن ٿا.
لهين ٿي خواب تون جڏهين!
چنبيلي، موتيا، مُگرا:
ڏکڻ جي هير سان ٻکجي،
گُلن جي ڳنڍ ۾ ويڑهيل سڄي مهڪار کولن ٿا،
لهين ٿي خواب تون جڏهين!
پرهه پوشاڪ پهري، صبح جي ٿي راهه تي نڪري،
پنيرڪي هير ٽڏڙيءَ سان، ڀِڄائي ماڪ ٿي پوتي،
پريان ٿو رنگ گيڙوءَ سان، اڇي سينگارجي سورج،
سموري جاڳ پاڪر ۾ پَري ٿي باک جي ديوي،
لهين ٿي خواب تون جڏهين!
وهائو ڇڻ ٻُڙو اُجرو،
لڳي درويش صوفيءَ جي مُنديءَ جو ٿو.

لهين ٿي خواب تون جڏهين!
ڪنول جي بند ڪلين ۾، ٽڙڻ جو موهه ٿو جاڳي،
سُنهرو سج ٿو سورج مکيءَ کي زندگي ارپي،
سويرا صبح جا گڏجي، اُٽن ٽا نُور جا ڏاڳا،
زمينن تي وڻن ٽا ڦهلجي پاڇا،
لهين ٿي خواب تون جڏهين!
وڏائن قد پنهنجو ٽا، سمورا باغ جا ٻُوٽا!

لهين ٿي خواب تون جڏهين!
رکي ٿي اپسرا کائي ڦٽن تي مُرڪ جو مرهم،
پَڌر تي پير اوجل ۾، رهي ٿي چير جي چم چم،
وڍن ٿيون راڳ ۽ ويراڳ جون وايون،
ٻُري ٿو سانت ۾ جڙ ڪو، سُريلي ساز جو سرگُم،
لهين ٿي خواب تون جڏهين!
اڪيلي وڻ جي ڇايا ۾، ونڍي نِرواڻ ٿو گوتم!

هيءُ مسافر ڪير؟
تو ڏي اچرج مان تَکي.

گُلان! تنهنجي چانئٽ تي،
پُڳو ڪنهن جو پير.
هيءُ مسافر ڪير؟
روئي ڪنهن آ من تان،
مهتي لاٽو مير.
هيءُ مسافر ڪير؟
اڄُ بہ نادر شاھ سان،
جهيڙي مڙس مٽير.
هيءُ مسافر ڪير؟
تو ڏي اچرج مان تَکي.

ڪڏهن بهتان ڇولن ٿا، ڪڏهن بدنام ڇولن ٿا،
وري هُو ابنِ مريم لئہ، نئون الزام ڇولن ٿا.

پني ۾ پيارَ مون پوکي، ڏنو احساس جو پاڻي،
نوان اظهار پنهنجي لئہ، نئون الهامُ ڇولن ٿا.

جڏهن ڪا بوند بادل جي، پکيءَ جي چهنب تي پُهتي،
پياسي رڻ مٿان اُڏري، وَلَر وسرامُ ڇولن ٿا.

ڪٿي بيت الحرم آڏو، ڪٿي ڪنهن مورتيءَ سامهون،
سموري شهر جا مُورکَ، خدا ۽ رام ڇولن ٿا.

ڪتين سان، چندَ سان تارا، پيا آڪاسَ ۾ جاڳن،
سڀاجها، نيڻ احمد جا، ڪٿي آرام ڇولن ٿا!

مُنهنجي اکڙين آبُ اٿيئي،
هر ڳوڙهو نايابُ اٿيئي.

هُو سانجهيءَ جي پيالي ۾ ڏِسُ!
لهندڙ سج، شرابُ اٿيئي.

تنهنجي هوڏ پکيءَ جهڙي آ،
هر ڪا جهڙپَ عقابُ اٿيئي.

اڙل وَڇيڑي رات، انهيءَ جو،
پيلو چنڊُ رڪابُ اٿيئي.

ڏندَ سُفيد پکين سان ڇانيل،
ڪنهن شاعر جو خوابُ اٿيئي.

# لادينُ

لادينُ دل بہ آهي!

فنڪار جو بہ جوهر،
تخليق ڇا ڪري ٿو.
پٿر جا بت تراشي،
ڏڙڪن عطا ڪري ٿو.
آذر جو ڏوهُ ناهي،
لادينُ دل بہ آهي!

بازار منجهہ وڪڻون،
ٿا خود کي اڳهہ سستي.
ڪنهن کان پُڇون پتو ٿا،
ڪهڙي وڃون ٿا رستي،
هن قافلي کي ڪاهي.
لادينُ دل بہ آهي!

پنهنجي متيءَ جو آهيان،
پنهنجي متيءَ جو ٿيندس.
ڪعبا ڇڏي، شوالا،
پنهنجي گهٽيءَ جو ٿيندس.

ڪو آسمان لاهي.
لادينُ دل بہ آهي!

منصب نشين ڇولي،
منصور لاءِ سولي.
منصف کان ڪير گهُرندو،
فرياد جي وصولي.
هُو ٿو دليل چاهي.
لادينُ دل بہ آهي!

تون ٿي چوين تہ تنهنجا،
ڪجهہ حاشيا بہ آهن.
ٽُٻڪا، سوين صحيفا،
لک قافيا بہ آهن.
رک ناهُ پل تون ناهي.

لادينُ دل بہ آهي!

ڌرتي آڪاش جيڏا،
اُن کان وڏا ستارا.
ڪي پنڌ اڻ ڏٺل ۽،
سهسين ڳِرهَہ، سَيارا،
پر، پَر ڪو ڪاٿي ساهي.
لادينُ دل بہ آهي!

## تضاد!

مون هُن ڏي رابيل اُماڻيا،
تحفي ۾ تلوارون آيون.

هيءَ ندي ريت سان وهائين ٿو،
نانگُ ڦٽ کان سوا نچائين ٿو.

سجَ، ڪتيون، چندَ ۽ ڦُطبَ کائي،
اک آڪاس سان ملائين ٿو.

وڻ ڪجيءَ جا ٻہ ٽي بچا آهن،
تون تہ ٻيلو ڇئي ٻُڌائين ٿو.

تو نہ گوني ڏني نہ پيچاري،
لاڙَ سان ڪيئن لنؤ لڳائين ٿو.

مان محبت جو آهيان ٻُوٽو،
۽ بيابان ۾ لڳائين ٿو.

زندگي موت جي ضمانت آ،
موت کان پاڻ کي بچائين ٿو.

پنهنجي تاريخ تان نہ هٽ ڪٽندس،
لاءِ جيڪو ٻہ زور لائين ٿو.

# سيوھڙ مٿان چند

تاريخ ۾ هر پل ڪُلي سيوھڙ جي گھِٽي ٽي،
پکراج ۽ زرقونَ جيان رنگَ چِٽي ٽي،
محڪوم جي هر ٻانھن جي ٻَل ساڻ ٻِٽي ٽي،
ارغون، مغل لئ ٽئي هيءَ تنگ مِٽي ٽي،
اڄ واجھ وجِھي وقت ڏي، سيوھڙ ٽي ڏسي سنڌ.

هر روز چُمي سجُ لڪي شاھ صدر کي،
ٽو رنگُ ڏئي لال قلندر جي پَڌر کي،
ڪيڏو نہ مليو شرف آ، حيدر جي پِسر کي،
سجدو ٽو ڪري چند بہ سيوھڙ جي شھر کي،
اڄ واجھ وجِھي وقت ڏي، سيوھڙ ٽي ڏسي سنڌ.

هي شھر آ شھباز جي ڪشڪولَ جو موتي،
درويش جي دستار، قبا، جھولَ جو موتي،
محبوب جي پازيب ۽ رمجھولَ جو موتي،
هي شھر قلندر جي سچي قولَ جو موتي،
اڄ واجھ وجِھي وقت ڏي، سيوھڙ ٽي ڏسي سنڌ.

هن شهر سدا وقت جي آ واڳ کي موڙيو،
هن شهر ۾لي۽ ۽ونءِ سندي ۽اڳ کي موڙيو،
هن شهر ڪڏهن ننڊ، ڪڏهن جاڳ کي موڙيو،
هن شهر ڪڏهن پنڌ، ڪڏهن ماڳ کي موڙيو،
اڄ واجهه وڄهي وقت ڏي، سيوهڙ ٽي ڏسي سنڌ.

هر دؤر ۾ فاتح ڪيو اتهاسَ کي زخمي،
هر سوار جي تلوار هتي رت ۾ وهنڊِي،
هر رات جو سيوهڙ تي رُنو چنڊ ٽي سُڏڪِي،
هر وارِ ٽي پر هار سڪندر جي ستم جِي،
اڄ واجهه وڄهي وقت ڏي، سيوهڙ ٽي ڏسي سنڌ.

هن شهر سدا آهِ ڪنئي لالَ جي ميندي،
مروند جي محبوب ۽ لڇپالَ جي ميندي،
زهره جي جگر بند علي۽ آلَ جي ميندي،
سيوهڙ آ ٻڌيو سنڌ جي مشعالَ جي ميندي،
اڄ واجهه وڄهي وقت ڏي، سيوهڙ ٽي ڏسي سنڌ.

سيوهڙ کان ۾لا ڪيرُ رهي دور قلندر!
ڪيئن جي۽ُ جدائي۽ جو سَهي سور قلندر!
جنهن نيلُ منجهان تنهنجو ڏنو نور قلندر!
تنهن جڙ تہ اکين ساڙ پَسيو طور قلندر!
اڄ واجهه وڄهي وقت ڏي، سيوهڙ ٽي ڏسي سنڌ.

ٽي ۾ير وڄي، ۾يرَ نچن تنهنجي اڳڙ تي،
ٽا رنگَ رقاصا جا رَچن تنهنجي اڳڙ تي،

عوشاق سوين روز اچن تنهنجي اگڙ تي،
نانگا ٽا نچن، مچ مچن، تنهنجي اگڙ تي،
اڇ واجهه وڇهي وقت ڏي، سيوهڙ ٽي ڏسي سنڌ.

تنهنجي ئي ٽا پاڇن ۾ رهن اُپ، بحر، برَ!
تنهنجي ئي ڪفِ پا کي، چُمن چنڊ اي دلبر!
ٽي گودڙيءَ ۾ تنهنجي رهي سنڌ قلندر!
او ڏاڇَ ڏٽي، پيتَ ٻُڪئي ديسَ جا پرور!
اڇُ واجهه وڇهي وقت ڏي، سيوهڙ ٽي ڏسي سنڌ.

اڇ پي ٽو ڪپي سنڌ کي ڪو لال، اي سيوهڙ!
ڪو گهوٽ بلاول، نئون ابدال، اي سيوهڙ!
دولهه ڪو ٽئي ديس جو رکوال، اي سيوهڙ!
ٽلٽيءَ جي ٻَڌي ڪنڌ ۾ ڪنمال، اي سيوهڙ!
اڇ واجهه وڇهي وقت ڏي، سيوهڙ ٽي ڏسي سنڌ.

# احمد سولنگي: شخص کان شاعر تائين

## شخص

ضلعو نوشهرو فيروز ساهتي پرڳٽي جو مُکُ شهر رهيو آهي، جنهن ساهت (ادب) ۾ نهايت اهم نالا پيدا ڪيا آهن . ادب جي الڳ الڳ پهلوئن جو اڀياس ڪرڻ سان اها ڳالهه سج جيان روشن ٿي پوندي ته هن پرڳٽي ،سنڌ جي ادبي تاريخ کي پنهنجي حصي کان گهڻو گهڻو وڌيڪ ادب ڏنو آهي .احمد سولنگي اڄ جي نئين شعري ادب ۾ هن ساهتي پرڳٽي جي اهڙي سڃاڻ آهي ،جنهن تي هيءُ پرڳٽو هڪ پيرو وڌيڪ فخر جو سبب بڻبو.

ساهتي پرڳٽي جو ۽ ضلعي نوشهري فيروز جو هڪ اهم تعلقو مورو آهي. هي تعلقو جاگرافيائي لحاظ کان سنڌ جي دل ڪري ليکيو ويندو آهي، سنڌ جي وچ وارو هي شهر جيڪو پڻ ادب جي تاريخ ۾ صدين جو ڏگهو سفر ڪري چڪو آهي ۽ جيڪو ايندڙ صدين تائين پنهنجي ادبي سفر جا نشان تاريخ جي صفحن تي ظاهر ڪري ويهندو.

ان شهر جي هڪ خاموش ڪنڊ ۾ رهندڙ هڪ نيڪ سيرت ۽ حسين صورت واري شخص رسول بخش سولنگيءَ جي گهر ۾ جيڪو ٽيون ٻار پيدا ٿيو، ان جو نالو نقشبندي سلسلي جي حضرت الحاج الله بخش، الله آبادي، غفاري، المعروف سهڻا سائين جن جي هدايت، موجب احمد حسين رکيو ويو. هي نالو اسلام جي عظيم رهبر جي نسبت سان جڙيل آهي جنهن ڪري مسلمان گهراڻن ۾ احترام طور رکيو ويندو آهي. ائين سنڌي ماڻهون ۾ هي نالو احترام سان پنهنجي اولاد تي رکندا آهن. احمد جا ۾ وڏا ٻائر

اڳ پنهنجي ننڍ پڻ ۾ ئي هن فاني جهان منجهان موڪلائي چڪا هئا. هن صدي جي سنڌي ٻولي جي بيمثال نوجوان شاعر احمد سولنگيءَ پنجين جنوري 1971ع تي جنم ورتو. جنهن کان پوءِ سندس امڙ چئين نياڻين ۽ هڪ پٽ کي جنم ڏنو ائين احمد سولنگي چئين ڀينرن ۽ هڪ ڀاءُ جو وارث ٻڌيو. اڄتي هلي اهي سمورا وارثيءَ وارا فرض هن نيايا، جيڪي سندس والد نياڻڻ کان اڳ ۾ ئي جواني ۾ وفات ڪري ويڙ سبب سندس ڪلهن تي رکي ويو هئو. اڄتي هلي احمد نالي وارو نينگر سنڌي ٻوليءَ جو هڪ بيمثال شاعر ٿيندو اهو ڪنهن جي وهم گمان ۾ نه هوندو. چاکاڻ ته ان خاندان ۾ نه ئي ڪو اڳ شاعر، اديب پيدا ٿيو هئو ۽ نه ئي ان خاندان جون معروضي حالتون اهڙيون هيون، جنهن طرف اڄتي هلي احمد نالي ان نينگر کي ويڙهو هئو. اڄ محسوس ٿي رهيو آهي ته پنجين جنوري نئين سنڌي شاعريءَ لاءِ سياڻ جو ڏينهن آهي.

احمد سولنگيءَ پرائمري تعليم1979ع ۾ مين پرائمري اسڪول موري ۾ حاصل ڪئي .ميٽرڪ تائين تعليم هاءِ اسڪول موري ۾ پڙهيو، هن 1985ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ انٽر مهراڻ ڪالج موري مان 1987ع ۾ پاس ڪئي بي،اي شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور مان 1992ع ۾ پاس ڪئي. نوجواني ڏانهن سفر ڪندڙ احمد سولنگيءَ جي والد گذر ڪري ويڙ کان پوءِ کيس پالڻ، نپائڻ ۽ پڙهائڻ جو ذمو سندس ڏاڏي محمد سومر سولنگي تي آيو ۽ سندس تربيت سندس امڙ جي ذميواري ٻڌي جنهن سندس اهڙي تربيت ڪئي جو اڄ کيس فخر ٿيندو آهي ته سندس اوجاڳا اگهاميا آهن. ڏنو وڃي ته احمد سولنگي اڄ جيڪي به ڪجهه آهي اهو پنهنجي ڏاڏي جي پورهيي جي پالنا ۽ ان امڙ جي تربيت ۽ اڻ ڳڻين دعائن جو ثمر آهي .ٻيءَ طرح سندس

طبيعت تي پنهنجي والد کان وڌيڪ پنهنجي ڏاڏي جي مزاج جو اثر آهي.

احمد جنهن گهر ۾ جنم ورتو اهو هڪ نيڪ پورهيت جو گهر هئو جنهن ڪري ڏکن ۾ تڪليفن جو مڪاميلو احمد سان ننڍپڻ ۾ ئي ٽيو جنهن سبب پورهيت دوستي ، انسان دوستي ۽ وطن دوستي سندس رت ۾ شامل آهي ۽ شعوري طور هو جن حالتن مان سفر ڪري آيو آهي ، انهن حالتن جو اولڙو هن جي شخصيت جي الڳ الڳ حصن ۾ گهر ڪري ويٺل آهي، هُو سيرت ۾ پنهنجي امڙ جهڙو، صورت ۾ پنهنجي پيءُ جهڙو آهي ۽ مزاج ۾ گهڻي حد تائين پنهنجي ڏاڏي جهڙو آهي. هن جي خاندان ۾ ڪي لکيل پڙهيل شخص ته ضرور آهن پر ڪابه علمي ۽ ادبي شخصيت هن جي خاندان ۾ نه رهي آهي، جنهن ڪري اهو چوڻ مناسب ٿيندو ته سنڌي ادب ۾ اڳتي هلي جيڪا سندس خاندان جي تاريخ جڙڻ واري آهي، ان جي شروعات سندس نالي سان ٿيڻي آهي. سندس ننڍپڻ جي شخصي دوستن ۾ ٻيا به ڪيترائي شخص هوندا پر هڪ شخص نهايت اهم آهي جنهن جو نالو غلام نبي جويو آهي، جنهن کي گهر وارا ۽ احمد "گڏو" سڏيندا آهن. احمد جي پسند جي شهرن ۾ سڀ کان اوليت حيدرآباد شهر رکي ٿو جيڪو هن جي ماسيءَ جو شهر به آهي ۽ محبوبا جو شهر به آهي، هن جي خوابن جو شهر به آهي ته هن جي ٻارڻن جو شهر به آهي، جتي ئي هو اڄ ڪلهه پنهنجي بي سڪون روح سان، هڪ پُرسڪون گهر ۾ رهائش پزير آهي . هن زندگيءَ ۾ ڪيترائي عشق ڪيا آهن پر سندس شخصي زندگيءَ ۾ به عشق مٿانهون درجو رکن ٿا، ٻاراڻي عمر ۾ ڪبوترن سان عشق ۽ وڏيءَ عمر ۾ ڪتابن سان عشق سندس اهم سچاڻپ طور ياد رکيا ويندا. هو پنهنجي سخت طبيعت رکندي به پنهنجي لباس جي حوالي نهايت نفيس شخص رهيو آهي. اڄ جڏهن هو پنهنجي خوشحال زندگي گذاري رهيو آهي ، تڏهن سندس ان خوش لباسيءَ ۾ وڌيڪ اضافو

آيو آهي، خوبصورت ڪپڙا ۽ بوٽ هُن جي ڪمزورين واري لسٽ ۾ شامل آهن.

احمد سولنگيءَ بي اي ڪرڻ کان اڳ ۾ پوءِ اخبارن توڙي ٻين ادارن ۾ نوڪريون ڪيون پر ڪيس مناسب نوڪري سنڌ جي اڳوڻي وزيراعليٰ سيد عبدالله شاهه مرحوم ڏني، جنهن ڪيس 1994ع ۾ وزيراعليٰ هائوس ۾ پروٽوڪول آفيسر ڪري رکيو. هي نوڪري سندس زندگيءَ جو اهم موڙ ثابت ٿي، جنهن ڪيس شديد اداسائي جي ڪيفيت کان ۽ خودڪشيءَ جي رومانس کان ٻاهر آندو، سيد صاحب جي حڪومت ويڙ کان پوءِ، نئين ايندڙ وزير اعليٰ 1996ع ۾ هن کي نوڪري کان فارغ ڪيو ۽ ائين هڪ ڏڳهو عرصو وري هُو نوڪريءَ کان الڳ رهيو، پر پنهنجي شاعري کان هڪ پل به پري نه ٿيو.

انهيءَ وقت ۾ پاڪستان جو اڳوڻو صدر مملڪت آصف علي زرداري جڏهن جيل ۾ هئو تہ ان اڪائونٽ بلٽي ڪورٽ راولپنڊي ۽ ۾ پنهنجي مشهور وڪيل بابر اعوان معرفت هڪ پٽيشن داخل ڪئي جنهن ۾ هن گُهر ڪئي تہ مون کي جيل اندر هڪ استاد ڏنو وڃي ۽ ائين احمد سولنگيءَ کي ڪورٽ پاران آصف علي زرداريءَ جو جيل اندر استاد مقرر ڪيو ويو ۽ اُهو سمورو دور احمد سولنگي آصف علي زرداريءَ جي اسيريءَ، آزاديءَ ۽ پاڪستان جي صدارت جي قسم کڻڻ تائين ساڻس گڏ رهيو. هن 11آڪٽوبر 1996ع تي سنڌ جي نامياري کهاڙيڪار ۽ ناول نويس ماهتاب محبوب جي ٻيو نمبر نياڻي زمر سان شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس ٽن نياڻين جو اولاد ٿيو ،(1)مشعال حسين 23آڪٽوبر 1997ع ،(2) نظم حسين 13نومبر 2000ع ۽ (3) رمل حسين 14مارچ 2002 ۾ جنم ورتو. قدرت جا ۽ وقت جا فيصلا پنهنجا ٿين ٿا جيڪي انسان جي پهچ کان گهڻو گهڻو ڏور آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن سمجهه ۾ نہ ايندڙ پڻ هوندا آهن ائين ئي اڳتي هلي اهو رشتو ٽٽڻ لڳو ۽ آخر ٽٽي ئي ويو.سندس زندگيءَ ۾

هي حادثو اهڙو هو جنهن سندس روح کي بنهه رهڙي ڇڏيو. هن حادثي جي پيڙا کي هُن ڪئين پوڳيو. اهو فقط هن جا ڪجهه شخصي دوست ئي ڄاڻن ٿا ۽ ان پيڙا کي هن پنهنجي شاعري ۾ ڪئين اظهاريو آهي، اهو سندس شاعري پڙهندڙ ئي ڄاڻي سگهندا . اڳتي هلي هن شهناز نالي خاتون سان 20نومبر 2005ع تي شادي ڪئي، جنهن کيس ٽن پٽن جو اولاد ۽ هڪ خوبصورت نصيب بخشيو، جيڪو اڄ تائين ساڻس ساڻ آهي. سندس ٽن پٽن (1) چيزل حسين 30 آگسٽ 2006ع، (2) ساحل حسين 26سيپٽمبر 2008ع ۽ (3) نازل حسين 31 آڪٽوبر 2011 ع تي جنم ورتو.

ڏگهي عرصي کان پوءِ 2008ع ۾ آيل پيپلز پارٽي جي سرڪار کيس ٻيهر نوڪري تي بحال ڪيو ۽ گذريل سرڪار پاران ساڻس ٿيل ناانصافي جو ازالو ڪندي، کيس هڪ گريڊ جي پروموشن سان گڏ ، سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ڊپٽي سيڪريٽريءَ جي پد تي ويهاريو، جتان هو، ڊائريڪٽر ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن حيدرآباد، لاڙڪاڻو ۽ سکر ڊويزن جي عهدن تي رهي ، اڄ ڪلهه وري پنهنجي اصل پوسٽ تي ڪم ڪري رهيو آهي.

احمد سولنگيءَ جي شخصي زندگيءَ ۾ جيڪي به حادثا، اتفاق، پريشانيون ۽ خوشحاليون آيون آهن، انهن سيني کي هو پنهنجي خوشگوار مزاج ۽ بردباريءَ سان منهن ڏيندو رهيو آهي ۽ هاڻ زندگيءَ جي ڪڙن ۽ مٺن تجربن مان هن اهو سکي ورتو آهي ته ،سچ به پاسا آهي. ان جو هڪ پاسو ايڙهو وارو آهي ۽ ٻيو پاسو اُلهڙ وارو آهي.

هو اڄ پنهنجي شخصي زندگيءَ مان ڪيترو خوش آهي ۽ ڪيترو نا خوش آهي، اُهو عام آڏو ظاهر ڪرڻ اجايو سمجهي ٿو. جنهن به شخص ۾ اهڙي طرح جيئڻ جو حوصلو آهي، اهو اڄ جو

ڪامياب ترين شخص آهي ، شايد احمد سولنگي به انهن ڪامياب سمجهو ويندڙ شخصن جي لسٽ ۾ شامل آهي.

پنهنجي امڙ جي آسيس ونڊ کان سواءِ ڪوبه ڪم نه ڪندڙ احمد سولنگي ، ان جي دعائن جي ڇانو ۾ ئي پاڻ کي گهٽي ۾ گهٽو محفوظ سمجهندو آهي . اڻ ڳٽين تضادن وارو مزاج رکندڙ سنڌي ٻوليءَ جو هي حسين شاعر ۽ شخص ڏينهن ۾ ٽي وڳا به مٽائيندو آهي ته هڪ ئي وڳي ۾ اسلام آباد، لاهور ۽ حيدر آباد جو هفتي جو سفر به ڪري سگهندو آهي .اڄ ڪلهه جهاز ۾ سفر ڪندڙ هي شخص دوستن يارن سان گڏ ميلن جا ميل پنڌ ڪري گهمڻ وارو مزاج به رکندو آهي .حاصل ڪيل آسائشن کي ماڻيندڙ هي شخص دل وارن دوستن سان زمين تي ٽڏو وڃائي، مٿي هيٺان ٻانهن ڏئي راتيون به گذاري سگهندو آهي . قصرِ شاهي جي مصنوعي ماحول کان بيزار ٿي پنهنجي دل وارن ۽ پراڻن دوستن سان ملڻ لاءِ ڪنهن به تڪلف کان ڪم نه ونندو آهي . ڪيترن ئي موقعن تي دوستن کان ڪيتريون ئي صلاحون ونندڙ هي شخص فقط پنهنجي عقل سان ئي ڪو فيصلو يا ڪم ڪار ڪندو آهي جنهن سندس ٻيڙو ڪڏهن تاريو آهي ته ڪڏهن ٻيڙو ٻوڙيو به آهي. پر هيءَ سدائين ساڻيو رهيو آهي.

بيورو ڪريٽ جو ڏيکاءُ ڏيندڙ هيءُ شخص پنهنجي مزاج ۾ بنهه ان جي ابتڙ آهي . مذهبِ اسلام ۾ اعتقاف اندر فقط هفتو ڏهه ڏينهن ويهڻو پوندو آهي ، پر هن جي ويجهن دوستن کي سُڌِ آهي ته هيءُ ڪن حالتن ۾ ڇهه ڇهه مهينا به پنهنجي اندر جي آڏو اعتقاف ۾ وينل هوندو آهي ۽ دوست سندس منهن ڏسڻ لاءِ سڪندا آهن. اهڙي صورت حال ۾ هر دوست الڳ انومان ڪيي تبصرو ڪندو آهي . هي شخص جنهن سان ملڻ چاهي ، ان سان ڪهڙي به وقت ملي سگهندو آهي ، جنهن سان ملڻ نه چاهيندو آهي ، ان سان سالن پچاڻان به نه ملندو آهي ۽ جيڪڏهن اتفاق

سان ان سان ملي ويندو آهي تہ ان جون سڀ شڪايتون دور ٿي ويندیون آهن ۽ وري سالن تائين اهو شخص ڪيس ڏسڻ لاءِ سِڪندو آهي. هيءُ اهو شخص آهي جنهن جو روح سدائين بي چين رهندو آهي ، اهو ڪنهن بہ هنڌ ٽڪاءُ نہ ڪري سگهندو آهي. ڪنهن بہ ماحول ۾ هيءُ ڏگهو وقت گذاري نہ سگهندو آهي . سندس مزاج ۾ مستقل رهندڙ اهي تضاد فقط سندس ڪي شخصي ۽ ويجها دوست ئي ڄاڻن ٿا.

هڪ دوست جي ناتي دعا آهي تہ هو سڀ صحت سان گڏ وڏي ڄمار ماڻي پر قدرت جي اٽل قانون موجب هر شخص کي قبر ۾ ويڙهو آهي ، هيءُ بندو (راقم الحروف) پريشان آهي تہ ڇهن فٽن جي سوڙهي قبر ۾ سنڌ جو هي شاعر گذارو ڪئين ڪندو ، ڇو تہ اتي ڏگهو عرصو رهڻ بہ هن جي بي چين روح جي ابتڙ ٿي پوندو.

هر شخص جي اندر ۾ ڪيئي ڪائناتون موجود هوندیو آهن ، ڪيئي مفاهمتون ۽ ڪيئي مخالفتون موجود آهن ۽ انسان انهن سڀني جو گڏيل مجموعو آهي پر ماڻهون سڀ کان پهرين ماڻهون آهي ۽ پوءِ ٻيو ڪجهہ . ان ڪري ان لاءِ ماڻهپي جو هجڻ پهريون شرط آهي جيڪو ئي ان جي اولين ۽ آخرين سچاڻپ آهي.

## شاعر

سنڌي ٻوليءَ جي هن نوجوان شاعر احمد سولنگيءَ جڏهن شعور جي اک کولي تہ هن ملڪ تي بد ترين مارشل لا لڳل هئي. سڄي ملڪ سان گڏ سنڌ ان فوجي راڄ ۾ جلي رهي هئي، چئني پاسي جلسا، جلوس ،گولين جا آواز ۽ فوجي لانگ بوٽن جي ٽڪ ٽڪ موجود هئي. اهڙي گهٽ ۽ ٻوست واري ماحول سندس ذهن تي جيڪي پهريان اثر وڌا، اهي اڄ تائين سندس شاعريءَ ۾ موجود آهن. سندس شاعراڻي سفر ايڪيهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي ۾ داخل ٿيندي جيڪو پنهنجو چهرو ظاهر ڪيو آهي يا سچاڻپ

ڏني آهي ،اها هڪ گهڙ رُخي يا گهڙ پاسائين شاعر واري آهي. پر اهو چوڻ مناسب آهي تہ سندس اصلي ۽ پهرئين سچاڻپ هڪ نج شاعر واري آهي. ان سچ کي سنڌي ادب جي تاريخ پاڻ وٽ سدائين لاءِ سانڍي رکندي.

نئين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي ۾ احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ کي جنهن تخليقي ۽ تنقيدي اپياس جي گُهرج آهي، اهڙو اپياسي/ نقاد شايد سنڌ کي اڳتي هلي پيدا ڪرڻو آهي پر هڪ اهم تخليقي شاعر جي حوالي ۾ احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو اپياس هن صدي جي اهم گهرج ٻڌبواهڙي پڪ آهي. کيس بابت هي لکڻ ان اپياس جي لکندڙن لاءِ پهرين ڪڙي ثابت ٿيندي ۽ پڙهندڙن/لکندڙن لاءِ اڳتي هلي هڪ بنياد فراهم ڪندي. ايڪيهين صدي جي هڪ ننڍي عمر واري وڏي شاعر جي اپياس لکڻ لاءِ.

احمد سولنگيءَ جو مزاحمتي مزاج ، سنڌ جون ٻرندڙ حالتون ، قومي ڦرلٽ، طبقاتي ويڇا، انساني حقن جي لتاڙ ۽ جمهوري قدرن جي پائيمالي ،اهي سڀ اهڙا موضوع آهن جيڪي احمد جي ذهني ارتقا وارن شرعاتي ڏينهن ۾ سندس آس پاس موجود هئا ، سندس ذهني ارتقا انهن ڳڻپيير حالتن ۾ ٿي آهي ۽ ڪنهن بہ حساس ۽ غير رواجي ليکڪ توڻي شخص جو انهن حالتن جو اثر قبولڻ فطري ڳالهہ هئي . احمد تي بہ اهي اثر ڇتي نموني پيا جنهن جي ردِ عمل ۾هن پنهنجو پهريون شعر رچيو جيڪو هڪ مزاحمتي نظم هئو. غالبن اهو اسي جي ڏهاڪي جو ڇهون سال هئو، سندس اهو شاعراڻو سفر اڄ تائين جاري آهي.

هن جي سموري شاعراڻي سفر جي باريڪين کي سموهڻ شايد ڏيگهہ جو سبب بڻجي پر ڪي حقيقتون ۽ واقعا اهڙا آهن، جن جو ذڪر ڪرڻ کان سواءِ شايد هن جي شاعراڻي سفر جو احوال اڻ پورو رهجي ويجي.

1983ع ۾ ملڪ اندر عام طور ۽ سنڌ اندر خاص طور جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ هلايل تحريڪ پهريون محرڪ هو جيڪو احمد سولنگيءَ جي شاعري لاءِ اهم ڳٽي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته هن ان تحريڪ جي اثر هيٺ ئي شاعري جي شروعات ڪئي . ٻاراڻي عمر کان نوجواني ڏانهن ايندي، هن جيڪي شروعاتي شعر لکيا، اهي ان وقت موري شهر ۾ رهندڙ سنڌي ٻولي جي نامياري شاعر سائين راشد مورائي ءَ کان اصلاح ونڊ لاءِ ڏيکاريل آهن . دراصل هي اهووقت هوجڏهن احمد جي شاعريءَ جي شروعات هئي ۽ جئين ته شروعات ۾ هر نئون شاعر پنهنجي ڪنهن /ڪن سينيئر شاعر/شاعرن کان متاثر ٿيندو آهي تيئن احمد به ان وقت سائين راشد مورائي ،عبدالحڪيم ارشد، مير محمد پيرزادي، خاڪي جويي ، تاج جويي ، مشتاق باگاڻي۽ ٻين شاعرن کان متاثر هو.

اڳتي هلي هن جي دل ۾ استاد بخاريءَ، ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ، شمشير الحيدريءَ، نياز همايونيءَ ۽ امدا حسينيءَ جڳهه والاري ۽ جڏهن هن پنهنجي شعوري عمر ۾ شيخ ايازڪي پڙهيو ته هو ان جوئي ٿي ويو. سندس شاعريءَ جو ٻيو دور اهو آهي، جڏهن هو پاڻ کان ٿورو سينيئر شاعرن ، حليم باغي، نماڻي سنڌي ، گدا خاصخيلي ۽ ڪجهه ٻين جي اثر هيٺ رهڻ لڳو. اسيءَ وارو سمورو ڏهاڪو سندس شعوري طور واڌ ويجهه وارو عرصو آهي، پر ان وقت به سندس باري ۾ اها ڳالهه آخري آهي ته هن جڏهن ايازڪي پڙهڻ شروع ڪيو ته اهو سندس آخري ڏاڪو هو.

ها! ياد ٿو اچيم پهريون ڀيرو اٺويهه سو ستاسي ۾ شيخ اياز احمد سولنگيءَ جا نظم ٻُڌي چيو هو ته، "احمد منهنجو تسلسل آهي." اهو سچ آهي احمد ايازجو تسلسل آهي. اهڙو تسلسل جهڙو ايازپتائيءَ جو آهي، پتائي ميون شاهه عنايت جو آهي، شاهه

عنايت، شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو آھي ۽ شاھ عبدالڪريم، قاضي قادن جو تسلسل آھي.

اڄتي ھلي احمد جڏھن شخصي ۽ شاعراٽو ڇڪوئي مرتبو حاصل ڪري ورتو ۽ ايياز سان سندس شخصي ويجھڙائي ٿي تہ ايياز ڪيس ڏسي ۽ ملي ڇھري تي خوشگوار تاثر آٽيندي ڇيو ھئو تہ "احمد توکي منھنجي دعا آھي" ۽ مان سوچيان ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جي مھاڪويءَ جي اھا دعا نہ رڳو احمد جي ھن ڪتاب سان گڏ آھي، پر شايد اھا دعا سندس شاعريءَ سان سدائين گڏ رھي. ايياز ھن جو جنون بہ ھو تہ پڙھڻ جي عشق جي انتھا بہ. ايياز جي ڪتابن کي ھن محبوبا جيان سنياليو ان وقت ايياز جا جيڪي بہ ڪتاب اڻ لڀ ھئا. اھي ھن وڏي جاکوڙ ڪري ھٿ ڪيا. ايياز کي گھرو پڙھڻ ۽ سمجھڻ لاءَ ھن پنھنجي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۽ لوڪ شاعريءَ کي نھايت سنجيدگيءَ ۽ ڌيان سان پڙھڻ شروع ڪيو. جيڪڏھن ائين ڇئجي تہ ھن پنھنجي سنڌي ڪلاسيڪي/اساسي شاعريءَ ۽ لوڪ شاعريءَ کي ايتري ڌيان سان پڙھيو آھي جيتري ڌيان سان سندس ڪنھن بہ ھمعمر ۽ ھمعصر شايد ئي پڙھيو ھجي، تہ غلط نہ ٿيندو.

احمد جي شاعراٽي اٽت ۾ سنڌي ڪلاسيڪي/اساسي شاعريءَ ۽ لوڪ شاعريءَ جي مطالعي جو گھڻو عمل دخل آھي. ھو اڄ بہ سنڌي ٻولي جي اصليت ۽ سونھن سلامت رکڻ لاءِ پنھنجي ڪلاسيڪل شاعرن ۽ لوڪ شاعرن کي پڙھندو رھندو آھي، جنھن کان پوءِ ئي ھن جي مطالعي ۾ جديد شاعريءَ جو وارو اچي ٿو. سندس شاعري ۾ مغربي شاعري جا حوالا ٽئين نمبر تي اچن ٿا. سڀ گڏي ائين چوڻ وڌيڪ چنو آھي تہ احمد سولنگيءَ جو شاعراٽو شعور سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ، سنڌي جديد شاعريءَ ۽ عالمي جديد شاعريءَ تي بيٹل آھي. ھن وٽ تخليقي قوتون قدرتي ڏات آھن. ھن جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي سونھن سنڌي

ڪلاسيڪي شاعريءَ جي ڪري آهي ۽ هن جي شاعريءَ جي آفاقيت جديد عالمي شاعريءَ جي مطالعي جو ثمر آهي.

اسي واري ڏهاڪي ۾ احمد جي تربيت سنڌي ادبي سنگت موري جي گڏجاڻين ۾ ٿي. ادبي طور موري جي ادبي ماحول ۾ ٽن ماڻهن جا نالا احمد سولنگيءَ جي حوالي ۾ اهم آهن. راشد مورائي، ڊاڪٽر سليمان سولنگي ۽ عظيم سنڌي، جنهن کان پوءِ سڪرنڊ اچي ٿو. جنهن سان پڻ احمد جي گهٽي ادبي ويجهڙائي رهي آهي، جتي ڪيس مير محمد پيرزادي، خاڪي جوئي ۽ تاج جوئي سان صحبت رهي. سندس همعصر اديبن دوستن ادريس جتوئي، خادم بگهئي ۽ راقم الحروف جوبہ ساڻس ساڻ رهيو سندس ارتقائي دور ۾. پر سندس ادبي واڌ ويجهہ ۽ سندس شعوري واڌ ويجهہ ۾ سندس مطالعي جو گهڻو عمل آهي، جيڪو ئي ڪيس هڪ قد آور شاعر طور مٿي کڻي آيو.

موري جي ادبي ماحول، سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۽ سندس شخصي طور ڪتابن پڙهڻ واري شوق منجهس نکار آندو. اڳتي هلي هو موري جي سنگت جو بہ ڀيرا 1987 ۽ 1988 ۾ سيڪريٽري بہ ٻڌيو ۽ جيئن ئي اسيءَ جو ڏهاڪو پڄاڻيءَ تي پڳو تہ احمد جي شخصي توڙي ادبي اڏام شروع ٿي.

هن روزگار جي تلاش ۾ مورو ڇڏيو ۽ مستقل حيدرآباد ۾ رهڻ لڳو. جتي هن هڪ کان وڌيڪ سنڌي اخبارن ۾ ڪم ڪيو. جنهن کان پوءِ هو ڪراچيءَ ۾ آيو پر هن شهر هن لاءِ سازگار ماحول پيدا نہ ڪيو. ۽ هو وري حيدرآباد ۾ رهڻ لڳو. حيدرآباد شهر ڪيس ڇا ڏنو. ۽ ڇا نہ ڏنو. اهو هڪ الڳ داستان آهي، جيڪو هن جي ڪنهن بہ وقت لکڻ واري آتم ڪٿا لاءِ ڇڏيندي، هت فقط ايترو لکڻ تي قناعت ڪجي ٿي تہ هن شهر ڪيس زمين تان کڻي آسمان تي پڄايو. جيڪا طاقت يا قوت موري شهر ۾ نہ هئي.

مناسب ٿيندو ۽ اهو قبول ڪيو وڃي ته احمد سولنگيءَ جي هڪ تخليقي شاعر واري سڃاڻپ 1990 ع کان پوءِ ٿي آهي، جڏهن هو نج پج هڪ شاعر طور سامهون آيو آهي. جيتوڻيڪ هو ان کان اڳ ئي، هند جي مشهور رسالي " ڪونج" ۾ ڇپجي پنهنجي شاعر واري سڃاڻپ ڪرائي چڪو هئو، ۽ سنڌ جي ڪن رسالن ۾ به هو شايع ٿيندو رهيو پر هن جي شاعراڻي مزاج ۽ بي پرواهه طبعيت ڪيس رسالن ۾ شاعري ڇپائڻ واري دوڙ کان گهڻو پري رکيو آهي. هو بنهه ٿورو ڇپيو آهي. جنهن ڪري، سنڌي شاعريءَ بابت لکيل ٿورن گهڻن اپياسن ۾ به هن جي موجودگي کا اهم نه ليکي وئي آهي. ٻيءَ طرح هن جي هر نظم پنهنجي وقت ۾ جڏهن به هن اها ڪنهن موقعي تي پڙهي آهي، يا ڇپي آهي ته پنهنجي مڪمل سڃاڻپ ڇڏي وئي آهي. هڪ اهڙي سڃاڻپ جيڪا ڪنهن به ٻوليءَ جي شاعر لاءِ اهم سڃاڻپ هوندي آهي ۽ جنهن شاعريءَ تي اهاٻولي، اها قوم ۽ اها مٽي فخر ڪندي آهي.

احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ تي ايندڙ وقت ۾ سنڌي ادب، سنڌي ٻولي، سنڌي قوم فخر ڪندي اهڙي پڪ هن جي شاعري ڏياري ٿي. هو ايندڙ دور جوهڪ اهڙو شاعر آهي، جيڪو سنڌ جي جديد شاعريءَ کي عالمگير سطح تي کڻي ويندو. جيڪڏهن سندس شاعريءَ کي مناسب مترجم ملي سگهيو ته. هن جي شاعريءَ ۾ هڪ ٻوليءَ ۽ قومي پيڙا، ڏک، غصو ۽ تهذيب توڙي ثقافت ۽ جديد قدر گڏجي هڪ اهڙو سنگم پيدا ڪري ٻيئا آهن، جو شايد ئي اڄ جي سنڌي شاعريءَ ۾ هن جي شاعريءَ کان ٻاهر ملي سگهن.

نوي واري ڏهاڪي کان هو لکندو رهيو آهي ۽ ان کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ هو پنهنجي ڪلاسيڪي شاعري، لوڪ شاعري، همعصر شاعري ۽ ترجمن جي صورت ۾ عالمي شاعري پڙهندو رهيو آهي، مجموعي طور ادب جون ٻيون نثري صنفون جن

۾ سمورو لٽريچر شامل آهي، ان سان هو جڙيل رهيو آهي، جنهن جا سڀ رنگ، هن جي شخصي پيڙا سان گڏجي سندس شاعريءَ ۾ نڪري ٻيٺا آهن.

احمد سولنگيءَ جا ويجها دوست ڄاڻن ٿا ته هن ڪڏهن به پاڻ لڪڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي، ڪڏهن ڪڏهن هو ڪيترن ئي مهينن ۾ هڪ سٽ لکي نه سگهندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن شاعري هن تي سانوڻ جي مينهن جيان اوڙڪون ڪري وسندي آهي، ٻي جيڪا اهم ڳالهه سندس حوالي ۾ اچڻ گهرجي، اها هيءَ ته هن زندگيءَ ۾ جيترو وقت پنهنجي شاعريءَ کي ڏنو آهي، اوترو ٻئي ڪنهن به عمل کي نه ڏنو آهي. شاعري هن جي محبوبا ته آهي ئي پر شايد سنڌي ٻوليءَ جو هيءُ پهريون نوجوان آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ کي ماءُ وارو مان ڏنو آهي. مان احمد جي باري ۾ هڪ ٻي به ڳالهه اوس آڻڻ چاهيندس، اها هيءَ آهي ته عشق شاعر ٻڌائيندو آهي، پر احمد کي شاعريءَ عشق عطا ڪيو آهي. جيڪا ڳالهه شايد، سنڌي توڙي عالمي ادب ۾ ذڪر ڪرڻ جهڙي آهي، هن سدائين شاعريءَ لاءِ عشق ڪيا آهن ۽ پوءِ عشق جي ڪرشمن جو اوسيئڙو ڪيو آهي، جن اوسيئڙن جو نتيجو احمد جي شاعري آهي.

هو پنهنجي ديس ۾ ۽ ديس کان ٻاهر سرجندڙ ادب تي نهايت گهري اک رکندو آيو آهي، نوي تائين هن جي پسند جي ڪتابن ۾ کي نظرياتي ڪتاب به هٿ، پر مزاج ۾ هو هڪ تخليقڪار آهي، جنهن گهڻي اهميت تخليقي ادب کي ڏني آهي. ائين ڪبير کان ميران تائين ٻڌائي کان ايازِ ۽ ايازکان ايازگل تائين، ٽالستاءَ کان پائلو ڪولهو تائين، پابلو نرودا کان ناظم حڪمت تائين، غالب کان ٽئگور تائين فيض کان ن-م راشد، ميرا جي، مجيد امجد، احمد فراز ۽ پروين شاڪر کان نوشي گيلاني تائين سڀ ليکڪ اڪثر ساٺس رات جو گڏ هوندا آهن، جن مان هن جيڪو فيض

پرايو آهي، اهو هن پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌ کي موتايو آهي مون کي ڪراچيءَ جي اُها رات چٽي طرح ياد آهي جڏهن احمد سولنگيءَ سان گڏ اردو ۽ پنجابي ٻوليءَ جي نامياري جديد شاعر منير نيازيءَ سان سج اُپرڻ تائين شاعريءَ، ادب، تنقيد، غالب، ميرتقي مير۽ علامہ اقبال تي گفتگو هلي رهي هئي ۽ شبنمي رات ۾ نہ ڪنهن مئفروش جو هوڪو هو نہ ئي جام ۾ ڪا ڪمي هئي ۽ احمد سولنگي پنهنجا سنڌي ٻوليءَ جا نظم ٻڌائي رهيو هو ۽ مان انهن نظمن جي ترجمي جا فرائض ادا ڪري رهيو هوس ۽ ٻئي ڏينهن اسان سيئي گڏجي اُردو ٻوليءَ جي شاعره فاطمہ حسن جي گهر ويا هئاسين ۽ منير نيازيءَ چيو هئو تہ ”هي سنڌي ٻوليءَ جو مون کي پهريون شاعر گڏيو آهي جنهن کي ٻُڌي مون کي هر زبان جي اصلوڪيءَ شاعريءَ ۽ ان جي جدت ۾ ويساهہ وڌي ويو آهي.“ احمد پلي سنڌي ٻوليءَ ۾ لکندڙ شاعر آهي پر هن جي شاعريءَ جو دائرو فقط سنڌ نہ آهي، جڏهن سنڌ، هن جي شاعري ۾ ڳولبي تہ اها پنهنجي سموري تهذيبي، تاريخي ۽ ثقافتي سونهن سميت نڪري نروار ٿيندي ۽ جڏهن سنڌ ڪان ٻاهر جي دنيا هن جي شاعري ۾ گولبي تہ اها دنيا پنهنجي سمورن جمالياتي توٽي الياتي تصورن سميت اسان جي آڏو اچي بيهندي. اهڙي شاعري ايڪهين صديءَ ۾، مون کي چوڙ ڏيو تہ مان چوان تہ سنڌيءَ ۾ فقط احمد سولنگيءَ جي آهي، سندس همعصر ڪانئس ڪيئي ٻرانگهون پوئتي آهن ! تخليقي طور بہ تہ شعوري طور بہ. ۽ ايندڙ دور ۾ سنڌي شاعري، تخليقي طور جنهن تيزيءَ سان پٽ تي وڃي رهي آهي اها نهايت مايوس ڪندڙ آهي، جنهن جو اظهار ڊاڪٽر تبوير عباسي، امداد حسيني ۽ ٻيا ڏهين لکندڙ پٽ الڳ الڳ وقتن تي ڪري چڪا آهن. اڄ سنڌيءَ ۾ سرجندڙ شاعريءَ جو گهڻو گهڻو حصو ورجاءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ رهيو آهي ۽ جيڪا نئين ٿهي اچي رهي آهي، ان مان شخصي طور مان سمجهان ٿو تہ سنڌ کي اڌ صدي کن

ڪا بہ اميد نہ آهي، جيڪڏهن سنڌي شاعريءَ کي اڄ صديءَ ۾ هڪ هٿن جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا، غير معمولي شاعر مليا تہ اهو هن صديءَ جو وڏو معجزو هوندو. جنهن جي ٿيڻ ۾ مون کي اميد بنهہ گهٽ آهي خير!

1990ع کان احمد حيدرآباد رهڻ لڳو.

حيدرآباد سنڌ ۾ علمي ۽ ادبي شهر جو اعزاز رکندڙ شهر آهي، هن شهر ۾ احمد کي دوستن جو هڪ وسيع حلقو مليو. جنهن سندس شخصي توڙي ادبي زندگيءَ ۾ وڏيڪ نکار آندو. مولا بخش چانڊيو. مدد علي سنڌي، نصير مرزا، جامي چانڊيو. تاج جويو. حسن درس، زيب سنڌي ۽ ٻيا انيڪ شخص سندس ان دور جا اهم دوست آهن. ان کان اڳتي هلي سندس دوستن ۾ وڏيڪ اضافو آيو. جن سندس رهبري ۾ ڪئي تہ سهڪار ۾ ! هن حيدرآباد ۾ صحافتي زندگي اختيار ڪئي، ايستائين جيستائين ڪيس سنڌ حڪومت هڪ معتبر نوڪري ڏني، ۽ اردوءَ جي هن شعر وانگر هن زندگيءَ کي استعمال ڪيو تہ

" خدا جب حسن ديتا هي، نزاڪت آ هي جاتي هي،"

جيتوڻيڪ هو زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين انهن دوستن کي ياد رکڻ وارو آهي، جن سندس شخصي زندگي سنوارڻ ۾ ساڻس سهڪار ڪيو ۽ جن سندس ادبي زندگي سنوارڻ ۾ سهڪار ڪيو. جيڪو هر لکندڙ کي زندگيءَ جي هڪ موڙ تي گهرجي ٿو. البت هن ۾ پنهنجون صلاحيتون هجڻ اولين شرط آهي ۽ احمد سولنگيءَ ۾ جيڪي صلاحيتون هيون، اهي انهيءَ دور ۾ وڏيڪ ظاهر ٿيون ۽ هو هڪ اهڙو شاعر ٿي آڏو آيو. جنهن کي پنهنجي تهيءَ ۾ اڳواڻ شاعر جو اعزاز ڏئي سگهجي ٿو.

ان ئي دور ۾ هن جو شهيد محترمہ بينظير ڀٽو بابت لکيل نظم سنڌ ۾ اعليٰ مرتبي تي پهتو ۽ پيپلز پارٽيءَ طرفان ان نظم کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرائي، ان نيشنل اسيمبليءَ ۾ ورهايو ويو.

جنهن نيشنل اسيمبليءَ ۾ پيپلز پارٽي حزب اختلاف جو ڪردار ادا ڪري رهي هئي، ان نظم شهيد محترمہ کي موهي وڌو ۽ احمد محترمہ مان اتساهہ ونڻي جيڪي مزاحمتي نظم لکيا، اهي سنڌ جي مزاحمتي تاريخ جو ۽ سنڌي شاعريءَ جو املهہ حصو ٿي رهندا.

ائين سندس شاعراٽو سفر ڪڏهن تيزيءَ سان، ڪڏهن آهستگيءَ سان جاري رهيو ۽ آخر ان صديءَ جي پڄاڻي ٿي، جنهن صديءَ ۾ احمد سولنگيءَ جنم ورتو.

نئين صدي ادبي حوالي سان سنڌي ادب لاءِ ۽ احمد سولنگيءَ جي زندگي توڙي شاعريءَ لاءِ هڪ نئين اتساهہ سان گڏ، هڪ سياڪُ پڻ کڻي آئي. هن جي زندگيءَ جون اهم حاصلاتون ايڪهين صديءَ جي دين آهن، ساڳئي وقت هيءَ اهڙي صدي آهي، جنهن کي مان پنهنجي ننڍڙي مطالعي، سنڌ جي ننڍڙي ادبي دائري، سنڌي شاعريءَ جي، محدود ويچار جي ۽ سنڌي شاعريءَ جي بيحد گهڻي ورجاءَ واري غربت جي آڏار تي، احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جي صدي ڪوٺيان ٿو. احمد جا همعمر ۽ همعصر، شاعراٽي سفر ۾ جيڪي ڪجهہ ڏيئي سگهيا آهن اهي نهايت سچائيءَ سان ۽ پنهنجي تخليقي قوتن جي آڏار تي ڏيئي سگهيا آهن، ڪانئس سينيئر، هڪڙا لکڻ ڇڏي ڇڪا آهن تہ ٻيا پڙهڻ کان پري آهن. ڳالهيون سنڌي شاعراٽي ادب کي عالمي ليول تي کڻي ويندیون يا ان کي بچائي سگهنديون ائين ٿيڻو نہ آهي. تخليق ۽ ان ۾ اعليٰ ويچارُ اڄ جي اڪثر سنڌي نوجوانن جي شاعريءَ کان ڪوهين ڏور آهي، جن ۾ ڪي تخليقي قوتون هيون انهن پنهنجون تخليقي قوتون، تخليق جي بجاءِ، تخليق جي ثانوي پاسي، فارسيءَ جي علم عروض تي مشق ڪري ضايع ڪيون آهن، ٻئي طرف سرحد جي هُن پار رهندڙ سنڌي لکندڙن جي نئين نسل، سنڌي ادب کان علحدگيءَ جو اظهار ڪندي، پنهنجي اظهار جا نوان طريقا چونڊيا آهن، جنهن ۾ اڄ ڪمپيوٽر ساڻن شامل آهي،

اهڙي صورتحال ۾ احمد سولنگي، هن نيئن صديءَ ۾ پنهنجي نئين اظهار، نئين احساس ۽ نئين ويچار سان پنهنجي ۾رپور تخليقي قوتن جي آڌار تي، سنڌي شاعريءَ جي وارثي ڪري ٿ اهو سنڌي شاعريءَ جو سياڻ ٿيندو ساڳئي وقت اڄ جي ڪمپيوٽريُگ ۾ هو دنيا جي سموري ادب سان عام طور ۽ شاعراٽي ادب سان خاص طور جڙيل رهي ٿ هو سنڌي ٻوليءَ معرفت دنيا کي اعليٰ شاعري ڏيئي سگهي ٿو اهڙو منهنجو پختو يقين ٻ آهي ٿ احمد جي تخليقي ۽ علمي صلاحيتن تي اعتماد ٻ آهي.

هن صديءَ ۾ نئين سنڌي شاعريءَ جو هو اڪيلو وارث آهي. ان جي مثال لاءِ مٿي ڄاڻايل سبب موجود آهن. ۽ سنڌيءَ ۾ لکندڙن جون تخليقي ۽ علمي قوتون ٻ اکين اڳيان ۽ سوچ اندر موجود آهن، نئين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي کان پوءِ جيڪو نسل پيدا ٿيندو، جيڪڏهن ان اهڙو معجزو ڪري ڏيکاريو ٿ سنڌ پنهنجي نئين شاعريءَ تي وڌيڪ فخر ڪندي، ساڻس گڏ دنيا جو ادب پڻ فخر ڪندو، ڇاڪاڻ ٿ سنڌي ادب، ان دنيا جي ادب جو اٽوٽ حصو هوندو، جيستائين اهڙو معجزو ٿئي، تيسائين سنڌ جي فخر جو سبب نئين صديءَ ۾ احمد سولنگيءَ جي شاعري آهي. ٻيا سبب واڌو سبب هوندا جيڪي واڌو فخر ڏيارينداِ.

هن صديءَ ۾ احمد سولنگي پنهنجي اظهار توڻي ويچار ۾ گهڻو گهڻو نڇپڻو ڪٽي ظاهر ٿيو آهي، هن جي شاعري سندس نالي سان هڪ خاص سڃاڻپ ڪٽي سنڌ جي شعري ادب ۾ نروار ٿي آهي. اها هڪ شاعر لاءِ وڏي ۾ وڏي حاصلات آهي. احمد پنهنجي شاعريءَ لاءِ ٻولي، لهجو ۽ ويچار سڀ نئون ۽ پنهنجو ڪٽي آيو آهي، جنهن ڪري سندس نظم ڪنهن ٻ لهجي ۾ پڙهيو وڃي ، ڪنهن ٻ انداز سان پڙهيو وڃي ۽ ڪنهن جي ٻ آواز ۾ پڙهيو وڃي، جڏهن اهو پني تي لکيو ويندو ٿ پنهنجو تعارف پاڻ ڪرائيندو ، اهڙو اعزاز هن نئين صديءَ ۾ نوجوان شاعرن مان احمد سولنگي کي

حاصل آهي . ها! ٻين جن نوجوان شاعرن کي اهڙو اعزاز حاصل آهي، انهن جو ذڪر سندن حوالي ۾ لکيل ايپياسن ۾ اچڻ نهايت ضروري آهي ۽ اهڙو احوال خاص طور سنڌي شعري ادب ۾ آڻڻ، اڄ جي سنڌي شاعريءَ جي نقادن جي اهم ذميواري آهي، ائين ڪري هو سنڌي شعري ادب جي هڪ پاسخاطريءَ کان سواءِ نج ادبي/تنقيدي/تخليقي تاريخ مرتب ڪندا. جيڪا ئي ڪڏهن نہ ڪڏهن سنڌي ادب کي عالمي ادب ۾ نہ رڳو مناسب حصو ڏيارينديِ پر فخر جوڳي جڳهہ ٻہ ڏيارينديِ.

اڄ دنيا جو ادب ترجمن جي معرفت جنهن تيزيءَ سان ، سائنس جي نئين ايجادن وسيلي پڙهندڙن تائين پهچي رهيو آهي، ان مان اها اميد جاڳي آهي تہ سنڌي ادب کي عالمي ادب جو حصوبڻجڻ ۾ ڪو گهڻو عرصو نہ لڳندو ۽ جڏهن ائين ٿيو تہ پڪ سان احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ جو عالمي شاعريءَ ۾ حوالو اهُي نظم بڻجندا جيڪي هن مشرقي قدرن هيٺ لکيا آهن ، جيڪي قدر مغربي علمن جي اظهار ۾ گهٽ ئي سهي پر آيا ضرور آهن . ٻن ڌاڪن ۾انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيل مشرقي قدرن واري ادب کي هڪ نوبل پرائيز ۽ ٻہ ٻوڪر پرائيز ماڻڻ جو اصل سبب اهي مشرقي قدرئي آهن ، جن جي اثر هيٺ اهي ڪتاب لکيل آهن ، جيڪي مغربي قدرن کان ڪوهين ڏور ، هڪ ٻئي ڇيڙي تي ٻيٺل آهن .

احمد سولنگيءَ جا نظم مائيڪل اينجلو اتر قطب، خُداجا خليفا، هڪڙي يهودي ڇوڪري، همير و ڪولهي ، هڪ ٻوند مان مصور، رنگ رتي تنهائي ، قلو پطرا، لهين ٿي خواب تون جڏهين، اوپر جي آرسي، قرت العين طاهره/ پوپ کي ڪهڙي خبر/ ۽ سپ کي پنهنجو گوتم آ. مشرقي قدرن تي ٻڌل مغربي استائيل ۽ ويچار وارا نظم آهن ، جيڪي جڏهن ٻہ مغربي ٻولين ۾ ترجمون ٿيندا تہ عالمي شاعراڻي ادب جو هڪ اٿوٽ انگ بڻبا ، جنهن کي الڳ ڪري نہ سگهبو ، ساڳئي وقت اهي نظم سنڌي ٻولي جو اهڙو

حصو هوندا، جيڪو حصو سنڌ ۾ سنڌي شاعريءَ جي سچاڻ بڻجندي ئي عالمي شاعريءَ جو حصو بڻجندو.

اسان جي سوچڻ جو ۽ ڪٽتيءَ جو مسئلو هي آهي ته، هن نئين صديءَ ۾ سنڌ ، سنڌي ۽ سنڌي ادب اڄ جي تيز رفتاريءَ ۾ ڪيترو ڏوڙي سگهڻ جي سگهه رکن ٿا_ ان سوال تي سوچيندي ۽ وري احمد سولنگيءَ جي شاعري کي پڙهندي، هڪ اعتماد اندر ۾ جاڳي ٿو ته هيءَ سنڌي ٻوليءَ جي نئين شاعري، پنهنجي اندر ۾ ايتري سگهه ضرور رکي ٿي ته اها هڪ صديءَ جو تحفظ ڪري سگهي پر اهو مڃڻ اوس آهي ته هن نئين شاعريءَ کي مغربي ٻولين ۾ ترجمو ڪرائڻ جو ڪم هن ملڪ جي سرڪاري ادارن کي ڪرڻ گهرجي ، اها اسان جي اولين گُهر آهي

احمد سولنگيءَ نئين صديءَ ۾ پنهنجي اظهار ۾ جيڪو نئون ويچار ڏنو آهي. اهو فقط هو اڪيلو ئي ڏيندڙ آهي . اهو ڏسڻ لاءِ نئين صديءَ ۾ ڇپيل سڀ سنڌي شاعراڻا ڪتاب ، ادب ۽ احترام سان مطالعي هيٺ آڻي ، ڏسي ، پڙهي ۽ پروڙي، کوبہ فيصلو ڪرڻ گهڻو ڏکيو ڪم نہ آهي ، ڪنهن بہ سنجيدي اپياسيءَ يا نقاد لاءِ.

احمد سولنگيءَ پهنجي شاعريءَ ۾ جيڪا ٻولي استعمال ڪئي آهي، ان جو هڪ حصو هن پنهنجي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۽ لوڪ شاعريءَ کان ورتو آهي ، هڪ حصو پنهنجي جديد دور کان ورتو آهي ، هڪ حصو هن ملڪ جي ٻين ٻولين جي ادب کان ورتو آهي ۽ باقي عالمي ادب مان، انهن ترجمن جي صورت ۾ پڙهيل ادب کان ورتو آهي، جيڪو ادب هن مسلسل پنهنجي مطالعي هيٺ رکيو آهي. ان سڀ مان ، سندس شاعريءَ جو ظاهر ٿيل اڇوڪو چهرو بڻيو آهي جيڪو هڪ خوبصورت جديد سنڌي شاعر وارو آهي ۽ جيڪو هن نئين صديءَ جي سچاڻپ بڻجڻ وارو آهي اهڙي پڪ آهي.

سندس شاعريءَ جو اڇوڪو ڇهرو پڪو، پختو ۽ هڪ خاص سڃاڻپ ڏيندڙ آهي ۽ ان سڃاڻپ ڏيارڻ واري يقين جي پٺ ۾ جيڪا سندس تپسيا/رياض آهي ان جو عمل دخل آهي. هن جي اکين جا اوجاڳا ، دل جو درد ۽ پيرن جو پنڌ، سندس نظمن ، غزلن ، گيتن ۽ واين جي هر سٽ مان ظاهر ٿئي ٿو . ڪنهن به اعليٰ تخليقڪار کي سندس تخليقن ۾ آساني‌ءَ سان ڳولي سگهجي ٿو . ائين احمد کي به سندس شاعريءَ ۾ ڳولڻ گهٽو ڏکيو نه آهي. هن جي شاعريءَ جي سٽ سٽ ۾ سندس ڪونه ڪو سور سمايل آهي.

هن جي ڪنهن نظم ۾ هن جي اکين جا ڳوڙها آهن ته ڪنهن ۾ سور جا سڏ آهن ، ڪهن ۾ هن جي عشق جو المیو آهي ته ڪنهن ۾ وڇوڙي جو ويڳ. ڪنهن ۾ وصال جالمحا آهن ته ڪنهن ۾ جدائي جا شوال. ڪنهن ۾ محبت جون موسمون آهن ته ڪنهن ۾ الفت جا اهجاڻ .ائين هو پنهنجي شاعريءَ ۾ مڪمل طور تي موجود آهي ، ڇاڪاڻ ته هن جي سموري شاعري، سندس ماڻيل يا پوڳيل گهڙين جو اهڙو داستان آهي، جنهن کي هن ڪمال اظهار سان شاعراڻو روپ ڏنو آهي . هڪ اهڙو روپ جيڪو سنڌي شاعراڻي ادب ۾ سندس نالي سان ئي پنهنجي سڃاڻپ رکندو.

احمد پنهنجي ننڍيءَ عمر ۾ ئي سنڌي شاعرن ۾ ،۽ هن ننڍي ڪنڊ جي وڏن شاعرن ۾ هڪ اهم سڃاڻپ رکندڙ جي حيثيت ماڻي ونندو. اهڙي هن جي شاعريءَ ۾ قوت به آهي ته سندس شاعراڻي روايت به ، روايت جيڪا ڪبير کان ميران تائين ، بلي کان پٽائي تائين ، ٽيگور کان ايياز تائين، ۽ ايياز کان احمد تائين ساڳئي تاجي پيڙي سان اٽيل آهي . نسبت اها آهي ته مٿين سيني مها ڪوين جو واسطو ان ساڳئي ڏک سان آهي، جنهن ڏک جي حوالي سان هيءُ ننڍو ڪنڊ عام طور ۽ ان ڪنڊ جو هيءُ ننڍڙو ديس سنڌ، خاص طور سڃاپي ٿو. ننڍي ڪنڊ جو هي ننڍڙو ديس ، جنهن مان سنڌو درياهه وهي ٿو اهو سندس ادبي سڃاڻ به آهي، روايت به آهي، ته

بنياد بہ آهي، جيڪو ويدن جي روپ ۾ موجود آهي. جيڪي ان ئي سنڌوءَ جي ڪناري تي لکيا ويا هئا. جنهن سنڌوءَ جو پاڻي پي احمد وڏو ٿيو آهي ۽ اڄ پنهنجي ان روايت جي پاسداري ڪندي هو سنڌي ادب جي هڪ حصي شاعريءَ جي وارثي ڪري رهيو آهي . هو نہ رڳو ان جي وارثي ڪري رهيو آهي پر پنهنجي سمورين شاعراڻين روايتن جي باريڪين بابت بہ ڄاڻي ٿو تہ جديد شاعراڻي علم ۽ فن کان بہ بخوبي واقف آهي، جنهن ڪري سندس شاعريءَ ۾ نہ فقط روايتن سان نياءُ آهي پر فن طرف بہ هو گهڻو سُچيت آهي، ايترو جيترو هڪ ذهين ۽ سنجيده شاعر کي پاڻ ۽ پنهنجي تخليق ڏانهن هجڻ گهرجي.

غزل جو عروض هجي يا بيت جو چند ، گيت جي ملائميت هجي يا نظم جي پر جوش اڌار . وائي جو واکو هجي يا دوهي جو درد، هو سيني کان واقف آهي ۽ جڏهن اهو سڀ پنهنجي شاعريءَ ۾ آڻي ٿو تہ سندس شاعري هڪ حسين روپ ڌاري ظاهر ٿئي ٿي ، جيڪا سنڌي شاعريءَ جي سونهن ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ٿي. ها ! سندس شاعريءَ جا حوالا مون هن لکڻ جي حدن کان بنهہ پري رکيا آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي سڀ هن ڪتاب ۾ موجود آهن، جيڪي پنهنجي پنهنجي صفحي تي پڙهڻ وقت وڌيڪ اهم لڳندا. هت صرف انهن جو مجموعي تاثر ئي ڏيڻ چاهيو اٿم. جيئن انهيءَ ورجاءَ کان بچي سگهان جيڪو اڄ ڪلهہ ڪتابن ۽ انهن جي مهاڳن ۾ ٿي رهيو آهي ۽ جنهن ڪري اهي ڪتاب ۽ مهاڳ پڙهڻ ڏکيا ٿي پون ٿا. گهٽ ۾ گهٽ مان احمد سولنگيءَ جي هن ڪتاب سان اهڙي نا انصافي ڪرڻ تہ بنهہ نہ چاهيندس.

**رکيل مورائي**

ڪراچي.

بوندَ، ننڍڙي سِپي سڏي مون کي،
اک آسائتي سڏي مون کي.

رڄَ تون روح ۾ لٽي آهين،
روز ٽي تشنگي سڏي مون کي.
آگريون گُل فروش عورت جون،
ڀ سندس ناز کي سڏي مون کي.
اڄ اُرهه جو پگهر پکاري ٿو،
شوخ سرڪش ندي سڏي مون کي.
گيت ٽٽگور جو هوا ڇيڙيو،
رات بنگال جي سڏي مون کي.
گز هٽي وائلن وڄايان ٿو،
درد جي سمفني سڏي مون کي.
منتظر ميگهه دوت، ڪالداس،
مينهن ۾ مئڪشي سڏي مون کي.
آرزو جي طويل رستي ۾،
سانجهه ميرانجهڙي سڏي مون کي.
سمنڊُ سپ ۾ سماءِ اي احمد!
مڌيري ماٽڪي سڏي مون کي.